# تاريخ ڳالهائي ٿي

سوڀو گيانچنداڻي



Admin
Sajjad Alee
0317-1386674

Admin
Irfan Alee
03438325022

Al-Kitaab

Join Us My WhatsApp Group

Gul Hayat Institute

ڪتاب نمبر (72)

# تاريخ ڳالهائي ٿي

(ڪالمن جو مجموعو)

Admin
Sajjad Alee
0317-1386674
Admin
Irfan Alee
03438325022
Al-Kitaab
Join Us My WhatsApp Group

سوڀو گيانچنداڻي

Gul Hayat Institute

سنڌي ساهت گهر - حيدرآباد سنڌ
1994

www.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

**ڪتاب جو نالو:** تاريخ ڳالهائي ٿي

**موضوع:** ڪالم

**ليکڪ:** سوڀو گيانچنداڻي

**ڪمپوزنگ:** سنڌ ڪلاسڪ ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ، نزد عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد.

**ڪمپوزر:** قاضي جمشيد علي صديقي

**ڇاپو:** پهريون

**ڇپجڻ جي تاريخ:** آڪٽوبر 1994ع

**ڇاپيندڙ:** آڪاش پرنٽرز گاڏي کاتو حيدرآباد.

**قيمت:** پنجيتاليهه رپيا

سنڌي ساهت گهر - ڪتاب نمبر (72)

*TAREEKH GALHAI THI*

By: Sobho Gianchandani

Published by: Naz Sanai

Chairman Sindhi Sahat Ghar

3. Nizam lodge, Gadi khato Hyderabad Sindh.

Per Copy: 45/= Rupees

Gul Hayat Institute

www.sindhsalamat.com

# پـ اکر

ڪامريڊ سوڀوگيانچنداڻي، اسان جي زندهہ جاويد تاريخ جو نالو آهي ۽ هيءُ اهو نالو آهي جيڪو اسان جي تقريبن مني صديءَ جو اکين ڏٺو گواهہ آهي. نہ رڳو گواهہ آهي پر هن اسان جي ڪيترين ئي سياسي هلچلن ۽ تحريڪن ۾ حصو پڻ ورتو آهي. هن ڪيتري عرصي کان مختلف اخباري ڪالمن وسيلي پنهنجي يادگيرين کي قلمبند ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هن کان اڳ اسان جي اداري، سنڌي ساهت گهر، تاريخ جا وساريل ورق، جي سري سان لکيل ڪالمن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ آندو هو ۽ اسان کي خوشي آهي تہ سنڌس ٻيا ڪالم جيڪي تاريخ ڳالهائي ٿي، جي سري هيٺ شايع ٿيا. اهي پڻ ڪتابي صورت ۾ سنڌي ساهت گهر طرفان ڇپجي رهيا آهن.

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي تحريرون، اسان ڪتابي صورت ۾ پنهنجي لائق پڙهندڙن آڏو آڻينداسين.



Gul Hayat Institute

ٻي آڪٽوبر 1994ع
(پنهنجو جنم ڏينهن)
20- صائمہ پلازا، هالا ناڪو
حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com

# ليکڪ جو پيش لفظ

ڪالمن جو هي ٻيو جلد " تاريخ ڳالهائي ٿي" جي عنوان هيٺ، عوامي آواز، جاڳو ۽ سنڌ سجاڳ اخبارن ۾ ڇپيل اٺٽيهن (38) ڪالمن تي مشتمل آهي. ان ۾ صرف 3 ڪالم سنڌ جي ڪن شخصيتن ۽ سنگتين جي باري ۾ آهن. ۽ ٻه (2) راجيو گانڌيءَ جي قتل ۽ ڪامريڊ سريپد امرت ڏانگي جي موت جي باري ۾ آهن. باقي ٽيٽيهه (33) ڪالم سنڌ، برصغير ۽ عالمگير مسئلن جي باري ۾ آهن.

انهن ڪالمن ۾ مون اڪثر پنهنجي ذاتي ڄاڻ ۽ امنگ کان ڪم ورتو آهي. نه ڪنهن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ نه ڪنهن کي آزارڻ جي. مسئلن کي جيئن سمجهيو اٿم، ۽ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ جيڪي رٿون پيش ڪيون اٿم، ممڪن آهي اسان جا حاڪم حلقا ۽ منهنجا ڪي دانشور دوست ناپسند به ڪندا، پر جيڪي ڪجهه لکيو آهي سو بلڪل ايمانداريءَ سان لکيو اٿم.

وقتي مون کي ڌمڪيون به مليون آهن ۽ ڪن مون تي ڪج فهميءَ جو الزام به لڳايو آهي، ۽ ڪن اهو به چيو آهي ته مان پنهنجي ذات کي اڀاري يا project ڪري رهيو آهيان. پر انهن ڪالمن لکڻ جو مقصد صرف انهن واقعات ۽ شخصيات تي روشني وجهڻ هيو، ۽ جن مسئلن تي روشني وجهڻ لاءِ عام گهُر هئي. مون صرف ان گهُرج کي ڪنهن حد تائين پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هي سمورا ڪالم توهان آڏو ڪتابي صورت ۾ پيش

Gul Hayat Institute

www.sindhsalamat.com

ڪندي، مون کي انتهائي خوشي ٿئي ٿي، تہ اڳتي هلي هي ڪالم ڪن دوستن جي رهنمائي ڪري سگهن.

هي ڪالم ڪهڙيءَ طرح ۽ ڪهڙي ذهني دٻاءُ هيٺ لکيا ويا آهن، تن بنسبت ڪالمن جي پهرئين جلد " تاريخ جا وساريل ورق" ۾، انور پيرزادي جي مهاڳ ۽ محمد علي پناڻ جي پيش لفظ ۾ بہ ڪافي روشني پيل آهي، ۽ هي ڪتاب ان سلسلي جي ٻئي ڪڙي آهي.

هي ڪتاب پڙهندڙن کي پيش ڪندي، مان سمجهان ٿو تہ منهنجا دانشور ۽ نوجوان ليکڪ دوست اهو نہ وساريندا تہ اهي ڪنهن خاص ماحول ۾ سوالن تي روشني وجهن ٿا. بهرحال مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي، جيڪڏهن نوجوان دوست پنهنجي راءِ ۽ ويچارن کان واقف ڪندا ۽ مون کي درست ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

سوڀوگيانچنداڻي

لاڙڪاڻو

5/11/1993

Gul Hayat Institute

www.sindhsalamat.com

# تاريخ ڳالهائي ٿي

| مضمونن جي ترتيب | تاريخ | اخبار |
|---|---|---|
| 1. آمريڪا - عراق جنگ -I | 14 فيبروري 1991ع | عوامي آواز |
| 2. ”وري به ڪڙم ڪم ايندو“ (چيني لوڪ ڪهاڻي) | 21 فيبروري 1991ع | عوامي آواز |
| 3. آمريڪا - عراق جنگ -II | 7 مارچ 1991ع | عوامي آواز |
| 4. ڪارو- ڪاريءَ جو مسئلو | 22 مارچ 1991ع | عوامي آواز |
| 5. ڇا لاءِ وڙهياسين؟ | 4 اپريل 1991ع | عوامي آواز |
| 6. ڪامريڊ شرف علي | 26 اپريل 1991ع | عوامي آواز |
| 7. هندستاني بحريه جي بغاوت | 9 مئي 1991ع | عوامي آواز |
| 8. ڏاڙيل فيڪٽر- I | 23 مئي 1991ع | عوامي آواز |
| 9. راجيو گانڌيءَ جو قتل | 30 مئي 1991ع | عوامي آواز |
| 10. ڪامريڊ ايس- اي ڏانگي | 6 جون 1991ع | عوامي آواز |
| 11. ڏاڙيل فيڪٽر -II | 27 جون 1991ع | عوامي آواز |
| 12. سنڌين لاءِ وقت جو چئلينج | 4 جولاءِ 1991ع | عوامي آواز |
| 13. هشيارن هٿ ڪرڻ لاءِ نئون قانون | 11 جولاءِ 1991ع | عوامي آواز |
| 14. مارشل لا. محدود/ لامحدود | 18 جولاءِ 1991ع | عوامي آواز |
| 15. مرحوم تاج محمد ابڙو | 8 آگسٽ 1991ع | عوامي آواز |
| 16. گوربا چوف خلاف بغاوت | 21 آگسٽ 1991ع | عوامي آواز |
| 17. سوويت يونين ۾ اقتدار لاءِ ڪشمڪش | 5 سيپٽمبر 1991ع | عوامي آواز |
| 18. اڇو ته ڏڍي ڪريون | 16 سيپٽمبر 1991ع | عوامي آواز |
| 19. ڏاڙيل فيڪٽر III- | 26 سيپٽمبر 1991ع | عوامي آواز |
| 20. دهشتگردي ۽ دهشتگرد | 10 آڪٽوبر 1991ع | عوامي آواز |

Gul Hayat Institute

www.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 21. بلوچستان ۾ نفاق ۽ قتلام | 18 آڪٽوبر 1991ع | عوامي آواز |
| 22. پاڪستان يا ڏاڙيلستان! | 27 آڪٽوبر 1991ع | عوامي آواز |
| 23. منهنجي پياري پراڻي سنڌ | 8 نومبر 1991ع | عوامي آواز |
| 24. ڪو- آپريٽو ادارن جي ڦرلٽ | 16 نومبر 1991ع | عوامي آواز |
| 25. ڪارو ڪاري- II | 21 نومبر 1991ع | عوامي آواز |
| 26. ايوان- اقتدار ۾ ڏاڙيل، رساگير ۽ پاتاريدار | 2 اپريل 1992ع | جاڳو |
| 27. هڪ نئين پارٽي | 16 اپريل 1992ع | جاڳو |
| 28. نيو ورلڊ آرڊر ۽ آمريڪا | 23 اپريل 1992ع | جاڳو |
| 29. افغان انقلاب جي شڪست | 30 اپريل 1992ع | جاڳو |
| 30. سنڌ ۾ فوجي ايڪشن- I | 18 جون 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 31. يوسف جکراڻيءَ جو قتل فوجي ايڪشن- II | 25 جون 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 32. ڪراچيءَ ۾ فوج جو ڪردار فوجي ايڪشن III | 2 جولاءِ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 33. فوجي ايڪشن- iv | 9 جولاءِ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 34. شيعا- سني فساد | 16 جولاءِ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 35. تڪنڊي جا ٽي پاسا صدر، وزيراعظم ۽ فوج | 23 جولاءِ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 36. مهاجر ڪاڏي ويندا؟ | 30 جولاءِ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 37. رٽائرڊ جرنيل ۽ سياست | 6 آگسٽ 1992ع | سنڌ سجاڳ |
| 38. فوجي ايڪشن ۽ پوليس- V | 20 آگسٽ 1992ع | سنڌ سجاڳ |

Gul Hayat Institute

www.sindhsalamat.com

# آمريڪا، عراق، جنگ I

تاريخ شاهد آهي تہ ليگ آف نيشنس جيڪا پهرين عظيم جنگ کانپوءِ وجود ۾ آئي تنهنکي فاتح ملڪن فرانس ۽ انگلينڊ قومن وچ ۾ بهتر سلوڪ وارو رول ادا ڪرڻ کان روڪيو ۽ اهڙي طرح ٻي جنگ عظيم لاءِ ميدان تيار ٿيو.

۱۹۴۵ع ۾ اقوام متحده (يو.اين.او.) انهن اميدن سان وجود ۾ آندي وئي هئي تہ اها پوري دنيا ۾ امن قائم رکڻ ۽ خوشحالي آڻڻ لاءِ عالمگير اداري جو ڪم ڏينديِ، پر ابتدا کان ئي اقوام متحده کي آمريڪا پنهنجو هٿيو ڪري ڪم آڻڻ شروع ڪيو. هر اهم سوال تي انگلينڊ ۽ فرانس آمريڪا جو ساٿ ڏنو. ڪافي وقت تائين چين جي ڪرسيءَ تي چيانگ ڪائي شيڪ جو نمائندو براجمان رهيو ۽ روس سلامتي ڪائونسل جي پنجن دائمي ميمبرن ۾ اڪيلو آمريڪي سامراج جي پاليسين جي مخالفت ڪندو رهيو.

ڪوريا ۾ لڙائي (۱۹۵۰-۱۹۵۳) شروع ٿيڻ کان اڳ اهڙي حالت پيدا ٿي هئي. جو روس اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل مان واڪ آئوٽ ڪري ويو هو ۽ باقي چار ميمبر، آمريڪا سميت اتر ڪوريا خلاف فوجي مداخلت لاءِ سلامتي ڪائونسل کي استعمال ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا. شڪست آمريڪا ۽ سامراجين جو مقدر هئي. اتر ڪوريا (جنهنجي مدد لاءِ عوامي چين جنگ ۾ ٽپي پيو هيو) تنهن سان آمريڪا کي ڳاهه ڪرڻو پيو ۽ جنگ جي مڪمل تباهيءَ کانپوءِ اتر ڪوريا بلڪل نئين قوم ٿي ابري. اڄ بہ پنهنجي پراڻي ليڊر ڪم ال سنگ جي اڳواٽي هيٺ، نہ صرف پنهنجو وجود قائم رکيو آهي، پر پراڻي سوچ مطابق پنهنجو ڪٽر ڪميونسٽ نظام قائم رکيو آهي.

ان کانپوءِ ۱۹۶۵ع ۾ آمريڪا فرانس جي شڪست بعد قائم ڪيل ڏکڻ ويتنام اندر پراڻي جاگيرداري ۽ نيم سرمائيدارانہ هٺ لوڪي حڪومت کي بحال رکڻ لاءِ مداخلت ڪئي. جتان بہ ڪيس آخر ۾ شڪست نصيب ٿي. پوري انسان ذات جو ضمير بيدار ٿيو ۽ خود آمريڪا اندر مخالف قوتن سرگرم ٿي آمريڪا کي ويتنام مان هٽڻ تي مجبور ڪيو ۽ اتر ۽ ڏکڻ ويتنام گڏجي هڪ ملڪ ٿي ويا، جتي اڄ بہ ڪميونسٽ حڪومت آهي.

آمريڪا ۽ سامراجي سرمائيداري نظام کي ڪوريا، ويتنام ۽ ٻين هنڌن تي مداخلت ڪرڻ مان هڪ فائدو ضرور ٿيو تہ ڪميونسٽ انقلاب جي رفتار جيڪا ٻيءَ جنگ عظيم جي خاتمي بعد، ۽ ۱۹۴۹ع ۾ چيني انقلاب جي اچڻ سان، شروع ٿي هئي، سا سست ٿي وئي. جيڪڏهن آمريڪا، ڪوريا، ويتنام ۽ چين جي گهرو جنگين ۾ مداخلت نہ ڪري ها تہ ممڪن اهو آهي تہ سڄو اوڀر سرخ هجي



www.sindhsalamat.com

ها. شايد انڊونيشيا، برما، ٿائلينڊ ۽ ڀارت به ڪميونسٽ نظريہ وارن حڪومتن هيٺ هجن ها.

عراق کي ڪويت تي قبضي ڪرڻ جي اندروني طرح ترغيب ڏني. آمريڪا سڄيءَ دنيا جون همدرديون حاصل ڪري عراق تي ڪاهہ ڪئي آهي. ڏسجي ائين ٿو تہ آمريڪا کي عراق جي وڏيل فوجي قوت ۽ حڪومتي استحڪام منظور نہ هو ۽ ڪين صرف وچ مشرق ۾ مداخلت ڪرڻ لاءِ بهاني جي ڳولا هئي. عجب اهو آهي تہ اقوام متحده جي سمورن ميمبرن گڏجي ڪويت مان عراق جو قبضو هٽائڻ لاءِ اتحادي قومن کي اجازت ڏني آهي ۽ ان يڪمشت فيصلي جو سهارو وٺندي دنيا ڀرجون سامراجي قوتون، ۽ سندن هٿ ٺوڪيا ملڪ، عراق تي يلغار ڪري ڪاهي پيا آهن. هاڻي پئسو بہ عرب ملڪن (سعودي عرب ۽ ڪويت) جو ۽ قتل عام بہ عربن جو ٿي رهيو آهي. آمريڪا، انگلينڊ، فرانس جا نوان هٿيار عربن مٿان آزمائجي رهيا آهن.

آمريڪا کي پنهنجي خلائي جنگ جي ڀهرين آزمائشي هٿيار پيٽريات ميزائيل آزمائڻ جو موقعو بہ وچ مشرق ۾ مليو ۽ پنهنجا نوان خوفناڪ هوائي جهاز، اليڪٽرانڪ هٿيار ۽ راڊار آزمائڻ لاءِ بہ عراق جي سرزمين جو انتخاب ٿيو.

عراق مٿان روزانو هزارن حملن ۽ لکين ٽن بارود وسائڻ جي باوجود عراق طرفان شڪست تسليم ڪرڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي ۽ ٽن هفتن گذرڻ بعد بہ صدام حسين ڪويت خالي ڪرڻ جي ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ جنگ چند ڏينهن يا چند هفتن جي اندازي کان وڌي ممڪن آهي تہ مهينا ۽ شايد سال هلي. آمريڪا هڪ ذهن ۾ ڦاسي چڪو آهي، جتان نہ ڪيس نڪرڻ جي واهہ ٿي سُجهي ۽ نہ ئاهہ ڪرڻ جي ۽ ڪاميابي تہ ڏسجي ٿو تہ اڃا گهڻو ڏور آهي.

ٻن عظيم جنگين جي تجربن سيکاريو آهي تہ جيڪي قوتون سٽيپون سنابيون آهن ۽ ڍاول آهن، سي جنگ مان سجيون ۽ ڪمزور ٿي نڪتيون آهن ۽ ڪين پنهنجي سلطنت ۽ خلافت جو ڪٿ ڳچيءَ مان لاهي اڇلڻو پيو آهي. هن جنگ جو تجربو بہ ڏيکاري ٿو تہ هيءَ جنگ ڏاڍ مڙسي ڪندڙ ۽ سٽيپن سنابين قومن کي ڏاڍي مهانگي پئي آهي ۽ اڳتي هلي امڪان اهو پيو ڏسجي تہ داداگيري ڪندڙ سامراجي ملڪ هن جنگ مان ڪمزور ٿي نڪرندا.

ننڍڙي عراق جنهن مضبوطيءَ ۽ همت سان هن وقت تائين مقابلو ڪيو آهي، تنهن مان طاقتور قومن لاءِ هڪ سبق اهو آهي تہ اڄ سڄي دنيا هڪ ننڍڙو ٻيٽ ٿي وئي آهي ۽ ان ۾ ڪامياب زندگي گذارڻ جو نسخو اهو ئي آهي تہ "جيئو ۽ جيئڻ ڏيو"

(14- فيبروري- 1991ع - روزانہ، عوامي، آواز ڪراچي)



www.sindhsalamat.com

مونکان بہ ڏاڍو آهي. ڏسو هو ننڍڙو لاڏلو ڪٿو ڪيتري وقت کان منهنجي پاڙ پٽي رهيو آهي ۽ چاڻ منهنجو سرُ نيايئن. وڃي ڪيس منٿ ڪيو تہ توهانجي نياڻيءَ کي وري، وڃي پنهنجي ڪڙم مان ڪو ڳولهيو."

هيءَ ڪهاڻي جنهن کي جيئن وڻي تيئن سمجهي. بال اوهان جي ڪورٽ ۾ آهي.

(21- فيبروري- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# آمريڪا، عراق، جنگ II

سو ٿيو اهوئي، جنهنجو انديشو هو. آمريڪا فرانس، انگلينڊ ۽ سندن عرب خليفن عراق کي آڻ مڃائي ڇڏي، جيتوڻيڪ عراق ڪويت خالي ڪرڻ جو اعلان اڳيئي ڪري چڪو هو، جنهن تان جنگ شروع ٿي هئي. پر اتحادين عراق کي اها وٿي نہ ڏني، جو هُو سلامتيءَ ۽ عزت سان پنهنجون فوجون واپس عراق جي سرحدن اندر موٽائي وڃي. بمبارين ٿينديون رهيون ۽ عراقي فوج پسپائيءَ جي حڪمن هيٺ مقابلي جي پوري صلاحيت وڃائي ڇڏي ۽ عراقي فوجي ڪويت کان عراق موٽندي مرندا رهيا يا اتحادين جي زميني فوج اڳتي پيش پوندا رهيا. اٺاويهين فيبروريءَ جي ڏينهن آمريڪي صدر بش، اقوام متحده جي دٻاءَ هيٺ جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو.

صدر بش جي مرضي هئي تہ عراق کي فتح ڪجي ۽ عراق جي فوجي صلاحيت نيست نابود ڪجي پر سلامتي ڪائونسل اندر روسي نمائندي ان ڳالھ جي تائيد نہ ڪئي ۽ امڪان هو تہ اتحادي قومن کي جيڪا زبردست يڪراءِ اخلاقي مدد سڄي دنيا جي قومن طرفان هئي، سا ختم نہ ٿي وڃي. عراق مٿان زميني حملو خود آمريڪا جي لاءِ جانين جو وڏو زيان ٿئي ها، تنهنڪري جنگ في الحال ختم ٿي وئي. پر جنگ مان فاتحن جهڙيءَ طرح نہ اڳي سکيو هو ۽ نہ هينئر امڪان آهي تہ فاتح ڪو سبق سکندا! ١٩١٤-١٩١٨ع واري پهرين عظيم جنگ ڪاٽپوءِ فاتح انگلينڊ، فرانس ۽ آمريڪا جيڪي وعدا دنيا سان ڪيا هئا، تن تان ڦري ويا ۽ جنگ کي هميشہ ختم ڪرڻ لاءِ جنگ" War to end war جو نعرو ٻي عظيم جنگ لاءِ تياريءَ ۾ ختم ٿي ويو. هارايل جرمني جتي هڪ سوشلسٽ حڪومت قائم هئي، ان مٿان ڳاٽي ڀڳا جنگي تاوان وڌا ويا، جن مان جرمنيءَ لاءِ جند ڇڏائڻ نا ممڪن پئي لڳو. پر جرمني وري اڀري ۽ هٽلر جي اڳواڻيءَ هيٺ ٻيءَ عظيم جنگ جي شروعات ٿي.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي بعد روس جي سهڪار سان سڄي اوڀر يورپ چين، اتر ڪوريا، ويٽنام ۽ دنيا ڀر جي ٻين ملڪن ۾ آزادي، سوشلزم ۽ حق خودارادیت لاءِ تحريڪون اڀريون ۽ ڪامياب ٿيون. پورو مشرق، آفريڪا آزاد ٿي ويا ۽ نيٺ وچ مشرق جي ٻين ملڪن ۾ انقلاب آيا ۽ نيم سوشلسٽ ۽ آزاد حڪومتون ۽ معيشتون قائم ٿيون. ٻي عظيم جنگ بعد آمريڪا وٽ سواءِ ان جي ڪوبہ رستو نہ رهيو تہ هارايل جپان ۽ جرمني، ۽ تباھ حال انگلينڊ ۽ فرانس جي



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

معيشتن کي نئين سر قائم ڪرڻ لاءِ سهارو يا مدد ڏئي ۽ ”مارشل پلان MARSHALL PLAN ذريعي اولهه يورپ جي معيشتن کي بحال ڪيو ويو.

اڄ جرمني ۽ جپان جا معاشي ۽ مالي نظام خود آمريڪا جي معاشي ۽ مالي نظام کان به وڌيڪ مضبوط آهن. جنهن لاءِ بنيادي سبب اهو آهي ته ٻي عظيم جنگ بعد جپان ۽ جرمنيءَ مٿان هٿيارن جي سلسلي ۾ پابنديون هيون. اهي پابنديون جپان ۽ جرمنيءَ لاءِ نعمت ثابت ٿيون. جو ته انهن ٻنهي ملڪن پنهنجو سمورو ڌيان پُر امن ترقياتي ڪمن طرف لڳايو ۽ نتيجي ۾ هٿيارن جي ڊوڙ کان ٻاهر رهي، جرمني ۽ جپان ٻئي معاشي طور سپر پاورس SUPPER POWERS ٿي ويا آهن. اهو ڏينهن ڏور ڪونهي جو ڪين سلامتي ڪائونسل جي وڏن ڀڳدارن ۾ شمار ڪيو وڃي. عراق خلاف جنگ ۾ شريڪ نه هئڻ جي باوجود، جرمنيءَ ۽ جپان وڏي فائدي ۾ رهيا، جو هو اتحادين جي وڏي مالي امداد ڪندا رهيا، پر جنگ ۾ هڪ سپاهي به نه موڪليائون.

ائين پيو ڏسجي ته پنهنجي ساٿين کي روڪڻ جي باوجود، صدر بش عراق کي گوڏن ڀر جهڪائڻ ۽ وچ مشرق ۽ نار واري علائقي ڪي آمريڪا جي اثر هيٺ قائم علائقو ڪرڻ واري رٿ تي عمل ڪري رهيو آهي. پر ان رٿ ۾ ڪيس شڪست تسليم ڪرڻي پوندي. صدام حسين جي غلطي اِها هئي ته هن ڪويت تي قبضو ڪيو ۽ دنيا ڀر جي قومن جي سمجهائڻ ۽ منٿن جي باوجود هن ڪويت خالي نه ڪيو. آمريڪا جي عظيم غلطي ۽ شڪست اها ٿيندي ته هٺ ۽ غرور ۾ اهو سمجهي ويهي ته جيڪي ڪجهه هو ڪرڻ چاهيندا، سا مَنَ ماني ڪين قبي ويندي.

جيڪڏهن آمريڪا ايراني نار ۽ وچ اوير ۾ امن امان قائم ڪرڻ جي بهاني ڪا دائمي موجودگي ۽ قبضي جو عزم رکيو ته سموريون عرب قومون، ايران ۽ اتحادي قومن جي عوام جي اخلاقي تائيد کان آمريڪي محروم ٿي ويندا. سعودي عرب، ڪويت ۽ مصر ۾ امڪان آهي ته اسرائيل دشمنيءَ جي حوالي سان نيون طاقتور مذهبي ۽ سوشلسٽ تحريڪون اڀري پون. نتيجو اهو ٿيندو ته جيڪو استحڪام عرب شاهي ۽ جاگيردارانه حڪومتن کي آهي، سو ختم ٿي ويندو.

بادشاهن جا تاج ۽ آمرن جون پڳون اڳتي هلي سندن عرب رعيتون ئي لاهينديون. جا شيءِ هن وقت تائين سعودي عرب ۽ ڪويت جي نوجوان طبقي کي حاصل نه هئي، سا فوجي چاڻ ۽ تجربي جي ڪمي هئي. هن جنگ ڪويت ۽ سعودي عرب جي نوجوانن کي ويڙهه جو تجربو حاصل ڪرايو آهي. آئنده اهو تجربو عرب شاهن ۽ آمرن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنجندو. جنگ ۾ ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي ماڻهن ۽ همدردن کي فوجي تجربو ڏيڻ لاءِ مجبور ٿينديون آهن ۽



www.sindhsalamat.com

جنگ ختم ٿيڻ بعد پنهي ڌرين جو عوام مسلح ٿيڻ ۽ هٿيارن جي استعمال ڄاڻڻ ڪري پنهنجي حڪمرانن ۽ جابرن خلاف ڪمر ڪشي بيهندو آهي. يقيناً خود آمريڪا اندر شيدي نسل جي ماڻهن ۾ هڪ نئين لهر جي ايرڻ جو امڪان آهي، جو ته هن جنگ ۾ سپاهين يا والنٽيئرز VOLUNTEERS جو تعداد شيدي نسل جي ماڻهن جو وڌيڪ آهي ۽ جنرل پاويل، جيڪو آمريڪي فوج جو سربراه آهي، سو به هڪ شيدي نسل جو ماڻهو آهي.

هاڻي ٿي رت ڏني وئي اهي ته پاويل ڳي ايندڙ عام چونڊن ۾ بش سان گڏ نائب صدر لاءِ اميدوار بيهاريو وڃي. جنگ تمام بري شيءِ آهي. ان مان زبردست تباهي اچي ٿي، پر وقتي جنگ مان ڪي انقلابي نتيجا به نڪرن ٿا. War is a Continuation of Politics and Politics is continoation of War" اهي لفظ جنگ جي عظيم ماهر VON CLAUSE WITZ جا قول آهن.

(7- مارچ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## ڪارو ڪاريءَ جو مسئلو

جيل ۾ رهندي ڪن عجيب ڪردارن سان مڪا ميلو ۽ ڪچهريون ٿيون . هڪ عام ڏوهه، جنهن لاءِ انگريزن واري دور ۾ جنم ٽيپ (LIFE IMERISON-MENT) ڏني ويندي هئي، اهو هيو ڪارو ڪاري جهڙو واقعو. جنهن لاءِ پيچندي جواب ملندو هو ته ”غيرت“ تي خون ڪيو اٿم. ”غيرت“ لفظ ظاهر آهي ته ”غير“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ته ڪنهن غير مرد سان ڪنهن عزيز عورت کي ڏسي مشتعل ٿيڻ ۽ ان مرد ۽ عورت کي قتل ڪرڻ.

انگريز ان لحاظ کان ”بيغيرت“ هئا. جو هو ”غيرت“ وارن کي موت يا جنم ٽيپ لائق سمجهندا هئا. غيرت بلوچن ۽ پٺاڻن جي سماج جو بنيادي حصو سمجهي ويندي هئي ۽ اڃان به سمجهي وڃي ٿي.

بلوچن سان ويجهو رهندڙ قومون به اڪثر هنن جي نظرين کان متاثر آهن. ايتري قدر جو بلوچ علائقن ۾ ڪڏهن اتان جا هندو به غيرت تي خون ڪندا آهن.

ڪارو ڪاريءَ جهڙي واردات لاءِ بلوچستان ۾ خان قلات واري دور ۾ رپورٽ ئي داخل ڪانه ٿيندي هئي. ڇو ته هر واسطيدار ڌر، عورت يا مرد جي عزيزن طرفان اها ڳالهه ميڄيل هوندي هئي ته ڪارو ۽ ڪاري هڪدم ۽ بر وقت قتل جا حقدار آهن. ڪارنهن جي سبب قتل جو حق ڪاريءَ جي پاءُ، مڙس، پيءُ، سئوٽ، پر خود قبيلي جي هر شخص کي هيو ۽ آهي. نه ثابتيءَ جي ضرورت هئي ۽ نه ثبوت جي.

هڪ پوڙهو ۱۹۴۳ ۾ اسان سياسي قيدين جا برتڻ ملي رهيو هو. مون ڪانئس پڇيو ته ”ڪهڙي ڏوهه ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهين؟“ چيائين، ”پنهنجي پيڻ کي اعتراض جوڳيءَ حالت ۾ ڏسي، ڪارو ڪاري ڪري ماريو هيم ....جنم ٽيپ جي سزا ملي.. ڪاري پاڻيءَ (ANDAMANS) ۾ وهي گذري ويئي...... 1939ع ۾ اوستي الابخش واريءَ وزارت واري دور ۾ ڪاري پاڻيءَ مان موٽيو آهيان.....“

وڏيڪ پڇڻ تي ٻڌايائين ته پاڻ هڪ ننڍڙو ڪاتيدار هيو. شادي ٿيل هيس. ٻه ٽي ٻار به هيس، جيڪي ان وقت جوان هئا ۽ پنهنجي ڪرت سان لڳل هئا. مون قربائتي نموني ۾ ڪانئس پڇيو، ”چاچا! ڪڏهن پنهنجي زال جو به خيال ڪيئي؟“ چيائين، ”منهنجي زال، منهنجي سزا لڳڻ ڪانپوءِ منهنجي غم ۾ مري وئي...“



www.sindhsalamat.com

سکر اسپيشل جيل (هاٽوڪي ڊسٽرڪٽ جيل) ۾ رهندي هڪ قيدي، جيڪو اسانجي وارڊ جو مقدم ۽ دربان هيو، ان جو قصو بہ عجيب هيو. سهڻو، وجيهہ، چاپئين ڏاڙهيءَ وارو، ڪرڙوڊ شخص. سڄو ڏينهن قرآن شريف جي دور ۾ مشغول هوندو هو. جيل جا پيلا ڪپڙا، پيلي ٽوپي ۽ ڏنڊي پٽي سان ڏاڍو رعبدار لڳندو هو. وڏي محبت ۽ مانيٺائيءَ سان ملندو هو. ڪڏهن بہ ڪا شيءِ اسان مٿئين طبقي وارن قيدين کان نہ گهرندو هو. اوچتوئي هڪ ڏينهن کيس آزاد ڪرڻ جو حڪم آيو. هن کي جيل جي ماڙيءَ تي وٺي ويا ۽ کيس گهران آيل ڪپڙا پهرايا ويا. ناسي رنگ تي بوسڪيءَ جي شلوار قميص ۽ بوسڪيءَ جو پٽڪو، ڪنن ۾ وڏا سونا والاپيل ۽ هيٺ نئون ڪارو پمپ شو اکين ۾ سرمو. ڏاڍو ٺاهوڪو سردار جوان پئي لڳو. اسان سيني کان محبت سان موڪلائڻ آيو. کيس مبارڪ ڏني سون. جڙام داس دولترام (جيڪو ڪانگريس هاءِ ڪمان جو ميمبر ۽ گانڌيءَ جو ساٿو هٿ هو) قرب مان کيس دروازي تائين اپڙائڻ آيو. مون کي ياد آهي تہ جنهن وقت جڙام داس کان نوڙي موڪلايائين تہ هن چيو هيس "پٽ وري نہ اچجانءِ ...... ههڙو ڀلو نيڪ نمازي ۽ قرآن جو دور ڪندڙ ٻانهو آهين....... وري نہ اچجانءِ ......" هن جي اکين ۾ محبت، نوڙت ۽ عزم جي جهلڪ دل کي وٺندڙ هئي ۽ ڪائنس وڇڙندي افسوس بہ ٿيو، ڇو تہ جيل جي برادريءَ مان جڏهن ڪو ويندو آهي تہ ڪجهہ وقت ان کي (MISS) ڪبو آهي يا چئجي تہ خال محسوس ٿيندو آهي.

ٻہ مهينا گذري ويا. قيد هڪ مسافر خانو آهي. ڪي آيا ڪي ويا. ان يار جي ياد وسري وئي. اوچتوئي هڪ ڏينهن جيل جي گدام تي وڃڻ ٿيو. ڏسي تعجب لڳو تہ هو وري واپس اچي ويو هو. اکيون هيٺ ڪري چيائين. وري ڪارو ڪاري ڪري آيو آهيان.....

مون کيس چيو تہ "ٻاهر سڀئي بيغيرت هئا ڇا جو نڪرندي ئي وري هي ٻيو غيرت تي خون ڪري آيو آهين"؟

هن کي ڪو جواب نہ سجهيو. چيائين، " شايد منهنجي قسمت ۾ ئي جيل لکيل آهي."

منهنجو دوست برڪت علي آزاد (جنهن پنهنجي سڄي ڄمار جيڪب آباد ضلعي جي ماحول ۾ گذاري آهي) دٻيل لفظن ۾ چوندو هو، " غيرت جهالت جو ٻيو نالو آهي. پر غيرت واري کي ڪير سمجهائي!؟"

(22- مارچ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

ڪاڏي هئي ۽ ٽي سال ڦٿڪندي آخر موت پاتو هو؟

ضمير جي قيدين جو حساب لڳايو! هزارين دنيا جي مختلف اذيت گاهن ۾ مري رهيا آهن. سندن مائرون سندن لاءِ روئندي گذاري ويون. پينر پنهنجن پائرن جي سڪ ۾ پريت ڪان وانجهيل. يتيم ٻار پنهنجي پيءُ ۽ ڪڏهن ته ماءُ جي گود ڪان بہ محروم. سهاڳڻيون وسڪي وسڪي پنهنجي گهوٽن لاءِ مري چڪيون. قومون پنهنجي آزاديءَ لاءِ لڙندي نئين غلامي ۾ ونجي ويون؟

اهو سڀ ٿيو ۽ ٿئي پيو. پر انساني ضمير پنهنجي جدوجهد جاري رکيو اچي. غلاميءَ مان ڇوٽڪاري لاءِ، بک ۽ بيروزگاري مان جند ڇڏائڻ لاءِ، علم لاءِ بيماريءَ مان آجپي لاءِ، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ٻچن جي بهتر آئيندي لاءِ، انسان پنهنجي ان حق لاءِ لڙندو رهندو تہ هو بي فڪر ۽ سڪون سان مري سگهي، بنا ڳڻتيءَ جي تہ سندس موت بعد سندس ۽ سندس ويجهن جو ڇا حال ٿيندو؟

انهن مقصدن لاءِ لڙائيءَ کي سوشلزم جو نالو رکو، يا معاشرتي انصاف جو "اسلامڪ سوشلزم" چئو يا "اسلام مطابق معاشرتي نظام" يورو ڪميونزم (Euro communism) چئو يا سوشل ڊيما ڪريسي (Social Democracy) مقصد انسان جي بنيادي حقن لاءِ جهد ڪرڻو آهي، هڪ نئين سماج ٺاهڻ لاءِ جنهن ۾ نہ آقا هوندو نہ غلام، نہ ظالم نہ مظلوم، نہ قهار نہ مقهور، نہ ڏکوئيندڙ ۽ نہ ڏکيا. جتي هر انسان جي سنڀال هڪ ڪٽنب جي فرد جيان ٿيندي ۽ ڪوئي وانجهيل نہ هوندو.

اهڙي عظيم مقصد لاءِ ضرورت آهي تہ سڀ ڏکين ۽ بکين جا حامي گڏجي ڇپر ڪٿون تہ ڇپر ڪڇندو، نہ تہ سڀ محنتون، پورهيا ۽ قربانيون ضايع ٿيندا رهندا. هڪ ٻئي جي ترديد ڪرڻ بدران ضرورت آهي انسان کي غلامي مان ڇڏائڻ لاءِ هڪ ٿيون ۽ گڏجي انسانيت کي بچائڻ ۽ سڀني جي بهتري لاءِ ڪوشش ونون.

(4- اپريل- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## ڪامريڊ شرف علي

سيپٽمبر ۱۹۴۷ ۾ ٽريڊ يونين آفيس ڪراچيءَ ۾ ويٺو هيس ته هڪ سنهڙو، پتڙو، سوٽ ۾ شرٽ سان نوجوان لنگهي آيو. رسمي خيريت بعد چيائين مان شرف علي آهيان. لکنوءَ جو رهندڙ، وڏو ڀاءُ اشرف علي، اشرف اديب ۽ ڪمونسٽ آهي. مان ڪانپور جي ايگريڪلچر ڪاليج ۾ ٻئي سال جو شاگرد ۽ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر ۽ ڪميونسٽ پارٽي جو اميدوار آهيان. چنيسر هالٽ ويجهو پناهگيرن جي ڪيمپ ۾ هڪ تنبوءَ اندر سمورو خاندان رهون ٿا. منهنجي لاءِ ڪا ڪار خدمت هجي ته حاضر آهيان.“

مون هڪدم کيس چيو ته،” ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪندين؟“

چيائين،” تجربو ڪونهي. پر رهنمائي ڪندؤ ته سکي ويندس. جو ته پليو پنيو ئي ڪامريڊن جي سنگت ۾ آهيان.“

مون هڪدم کيس هڪ مزدور يونين حوالي ڪئي. ان يونين جا ڪجهه ميمبر اتي ئي موجود هئا. سندن ڪارخاني ۾ سيمنٽ پائيپ ٺهندڙ هئا ۽ اهو ڪارخانو تازو ئي ملير جي ويجهو لڳو هو.

مزدور کيس وٺي روانا ٿيا. شام جو ۲۲-۲۳ ورهين جو نوجوان شرف علي موٽي آفيس ۾ آيو ۽ چيائين.(Iwent, I Saw, I requered) ”پهتس ڳالهيون ٿيون ۽ گهرون قبول ٿيون.“ معلوم ٿيو ته ڪارخانو ڪنهن نوجوان سيٺيائيءَ جو هو ۽ الهڙ نوجوان جي پاڻ ارپڻ ڪرڻ جي جذبي ڪي ڏسندي مزدورن طرفان پيش ڪيل سموريون گهرون قبول ڪيائين. صرف هڪ شرط وڌائين ته” مزدور ايمانداريءَ سان پيداوار وڌائيندا ۽ سٺو ڪم ڪندا.“

هن نتيڙيءَ ڪاميابيءَ شرف عليءَ ۾ خوداعتمادي پيدا ڪئي ۽ هو دلچسپيءَ سان ٻين يونين ۾ به ڪم ڪرڻ لڳو ۽ گورنر جنرل هائوس جي ملازمن جي يونين ناهڻ ۾ لڳي ويو ۽ نوان ساٿي پيدا ڪيائين.

ان بعد ٦ جنوري ۱۹۴۸ع تي وڏي پيماني تي فساد ڪرايا ويا. جو ته لياقت علي خان هندن کي لڏائي مهاجرن کي سندن گهرن ۾ آباد ڪرڻ پئي گهريو. قتل عام ٿيو، جنهن ۾ تقريباً ٽيرهن چوڏهن سئو ماڻهو ماريا ويا ۽ ڪراچي هندن کان خالي ٿي، مهاجرن جي حوالي ٿي وئي ۽ خالي ڪيل محلن جا محلا ۽ فليٽون مئجسٽريٽن طرفان الاٽ ٿيڻ لڳيون. شرف علي پنهنجي ڀائرن ۽ ڀائٽين ۽ ٻين ڪامريڊن سان گڏ منهنجي فليٽ جي حفاظت لاءِ ڊاڪٽر جهلي بيٺو ۽ پوري چوهٺ فليٽن واري بلڊنگ کي لٽجڻ، ڦرجڻ ۽ تباهه ٿيڻ کان بچايو.( هن واقعي جو ذڪر مان اڳ ۾ ئي پنهنجي هڪ ڪالم ۾ ڪري چڪو آهيان.)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

پيهڻ ۽ واڻ وٽڻ جهڙيون سزائون آلهه بخش سومري جي وڏي وزير واري دور ۾ ١٩٣٨ع کان ئي ختم ڪيون ويون هيون، ڇو ته الا بخش جا ستاويهه پوئلڳ ۽ اسيمبلي ميمبر تجربيڪار ڇڪيون پيهندڙ ڪانگريسي هئا.(١) اجان عملدار تالو هٽي ويو ئي مس ته چار پنج پهلوان قسم جا سنڌي ٽيير آيا ۽ چيائون”ابا مبارڪ هجئي.... جوان جو پٽ ٿو ڏسجين.... جو پهريون ڏينهن اچڻ سان ئي جهيڙو ڪيو اٿئي...... ڪا تڪليف ڪانه ٿيندئي...... اسان توکي هر شيءِ پهچائيداسين.... ڪانجهي ۽ پاٽي ڪنڊ واري ڳڙکي ۾ اچلي ڇڏجانءِ ۽ يڪدم هڪڙو همراهه سٽيو اوڦراٽو ۽ ڳڙ جو ڳنڊو ڪاٺڻ لاءِ ڏئي ويو. رات به ماني ڪانه ملي هئي سو ڪائي پاٽي جا به ڍڪ پي گهران آندل فراسي، ويهاڻو ۽ چادر وڇائي، بالم ٻڌجي ليٽي پيس ته ايتري ۾ اک لڳي وئي.

اڌ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ شرف علي چڪر عملدار سان گڏجي آيو. چيائين.”چڪر عملدار کي سمجهه ۾ اچي ويو آهي ته توهان ڪير آهيو سو اسان سيني کي ڪيڏي غير سزا يافته-يعني ڪچن قيدين واري وارڊ ۾ وٺي هليا ۽ ٻن ٻن ڄڻن کي هڪ هڪ ڪولي رهڻ لاءِ ڏنائون.

سومر ڏينهن اسان کي جيل سپرنٽينڊنٽ ڪارڊيرو آڏو پيش ڪيو ويو. پراڻو جيل جو عملدار هو چيائين "Back again" ۽ حڪم ڏنائين ته سيني کي الڳ الڳ شرف عليءَ جي پاسي ۾ ڇهن ڪوٺين ۾ شفٽ ڪيو وڃي.

هفتي ڏيڍ ڪانپوءِ اسان کي”بي ڪلاس“ ڏنو ويو ۽ شرف علي ۽ اسان سڀ هڪ ”بي ڪلاس“ بيرڪ ڏانهن منتقل ٿي وياسون.

شرف علي جلدئي ڇٽي ويو ۽ ڪيس ڪراچيءَ مان "Extern" ڪيو ويو. پنجاب ويو، ته اتان به تڙي پار ٿيو ۽ سرحد ۽ بلوچستان مان تڙي پار ٿي، وري ڪراچيءَ پهتو ۽ روپوش ٿي ويو. گرفتار ٿيڻ تي سال سزا لڳس ۽”سي ڪلاس“ جو قيدي ٿجي جيل پهتو. اهو سال اسان سان گڏ رهيو ۽ ان دوران هو اسپتال ۾ مرد نرس جو ڪم ڪندو رهيو.

ڪئين ڪامريڊ آيا ۽ ويا پر نه اسان ڇٽاسون ۽ نه شرف علي. سزا پوري ٿيڻ تي”بي ڪلاس“ ۾ اسان وانگر نظر بند ٿي آيو ۽ مارچ ١٩٥٢ع تائين هو مونسان گڏ رهيو. هن وٽ سنين ۽ شيعن جي اختلافن متعلق وڏو لطيفن جو ڀنڊار هو ۽ اسان کي سمورو وقت کلائيندو رهندو هو. شرف علي نه هجي ها ته شايد جيل ڪاٽڻ ايڏو آسان نه ٿئي ها!

هو سولائيءَ سان دوست ٺاهي وجهندو هو ۽ مولانا قدوس بهاري، عبدالحامد بدايوني، نواب حميد الله، نواب وانڊر مين (Nawab Wander man) جهڙن شخصن سان به پريت جو پيچ قائم ڪري ڇڏيائين.



www.sindhsalamat.com

مارچ ١٩٥٢ع ۾ منهنجي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه وقت بعد شرف علي به آزاد ٿيو ۽ هو سنڌ پارٽيءَ ۾ منهنجو ساٿي ۽ متبادل ٿي رهيو. ١٩٥۴ع کانوٺي ١٩٥٧ع تائين روپوش رهيو. وري ١٩٥٨ع ۾ پڪڙيو ويو ۽ ڪراچيءَ لاهور قلعي جي تجربن مان گذرندي ١٩٦٢ع ۾ (Eisenhower) آمريڪي صدر جي آمد جي سلسلي ۾ مظاهرا ڪرائڻ ۾ پڪڙجي به ٽي سال جيل ۾ وڌو ويو.

١٩٦٨ع ۾ بنگال هليو ويو. ان دوران هن جو سڄو ڪتبِ نندو ياءُ ولايتي، ياڻيو آغا جعفرؒ ۽ پيا سنڌس پينرون ۽ پيٽيويا سڀ ڪميونسٽ ٿي چڪا هئا ۽ ٽريڊ يونين تحريڪ سان وابسته ٿي ويا هئا.

مان سنڌس باري ۾ اوير پاڪستان مان به ڪي خبرون پڙهندو رهيو هيس. پر وري ايتري دوري ٿي ويئي هئي، جو صرف هن جو نالو ئي ياد رهيو. ١٩٧٥ع ۾ هڪ ڏينهن اوچتو ڪيس پنهنجي لاڙڪاڻي واري جاءِ جي سامهون مئي جي گرميءَ ۾ گشت ڪندي ڏٺم، چهرو سڄاتل پئي لڳو. اهوئي سنهو، پترو، منگول شڪل جو انسان سمجهيم ته ڪو يار ئي آهي. ٻاهر نڪريم ته ٻاڪرين پئجي وياسي، اندر اچڻ سان پڪهر اکهندي چيائين،" تو وٽ ان لاءِ آيو آهيان، جو ته تو چتايو هو ته " اسٽالن خدا ناهي." Stalin is no god " ۽ جنهن وقت خروشچوف اهو بت ٽوڙي وڌو ته به منهنجو ايمان سوشلزم ۾ قائم رهيو، جو ته دل جي هڪ گوشي ۾ اسٽالن بابت هڪ شڪ جي گنجائش رهندي آئي هئي پنهنجي يارن سان ڳالهاءِ. مان وري پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو. مان سيڙجي ڪراچي ويس. پارٽيءَ جي صاحبان اقتدار کي سنڌس طرفان گذارش ڪيم ته ڪيس وري پارٽيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي.. چيائون توهان کي ته پارٽيءَ رولس (قانون) جي خبر آهي. وري هيئين ڏاڪي کان شروع ڪري."

چيائون، " توهان ته سائين آهيو..... توهان سان قانون جو ڪو لاڳاپو ڪونهي." مون چيو "مونسان ڪهڙو قانون لڳندو؟"

مون چيو ته، "شرف عليءَ مونکا وڏيڪ ڀوڳيو آهي، خانه بدوش رهيو آهي، جيل ڀوڳيا اٿس، سنڌس سڄو خاندان ڪميونسٽ آهي"پر قانون ۾ شرف علي لاءِ گنجائش پيدا ٿي نه سگهي!

شرف علي هڪ اهڙي بيماريءَ ۾ مبتلا هو، جنهن مان ڇوٽڪارو ملڻ مشڪل هو،پر هن جي انقلابي جوش ۾ ڪا ڪمي ڪانه آئي هن پنهنجي علائقي ۾ هڪڙو مزدورن جو مارڪسسٽ سرڪل قائم ڪري پنهنجو حلقه اثر قائم ڪيو. ٻن پٽن کي او ليول جي تعليم ڏياري اڳتي وڌايائين، ٻن ٽن سالن تائين گذران لاءِ پنهنجي ايم اي زال سان واري وٽيءَ سان ريڙهيءَ تي ڦيري ڪري "شوڪت عمر اسپتال ڊرگ ڪالوني" جي سامهون چوڪ ۾ سرمائيداري ۽ ان جي



www.sindhsalamat.com

"Respectability" کي آگوڻو ڏيکاريندو رهيو.

مان سمجهان ٿو ته مان مري وڃان، پر ڦيري مونکان نه ٿي سگهندي. شرف علي هر طريقي سان زنده رهيو ۽ آخري وقت تائين مارڪسسٽن جي وچ ۾ اختلاف دور ڪرائڻ لاءِ منهنجو ٻانهن ٻيلي ۽ ساٿي رهيو. ڪميونسٽن جي پراڻي زبان ۾ مان ڪيس پنهنجو"سرخ سلام" پيش ڪيان ٿو ۽ پنهنجي عقيدت جو هي حقير نذرانو پيش ڪيان ٿو. اسان وٽ ڪيترا چامڙا پاڻ کي ديو-قامت سمجهندا آهن پر شرف علي هڪڙو چامڙو شخص واقعي هڪ ديو-قامت مهاپرش هو.

(26- اپريل- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

ميونسپل ڪارپوريشن سامهون پنهنجي آفيس مان نڪري پيادل نيٺو جيٺي پل تائين وڃي، مان موٽي آيس. هر هنڌ ماڻهن جا ميڙ ڏٺم ۽ هر هڪ جي زبان تي سوال اهو هو ته: "همارا ڪتنا مار گئا اور ان ڪا ڪتنا مار گئا؟" اسانجن مان مطلب هندستاني باغي جهازي هو ۽ هنن مان مطلب انگريز هو. هر هنڌ ماڻهن جي اکين ۾ هڪ نئين چمڪ: نئون ولولو ۽ امنگ هو. ائين محسوس ٿيو ته هو صرف ڪنهن سڏ، ڪنهن للڪار، ڪنهن ڪوٺ جي انتظار ۾ هئا.

ڪامريڊ جمال الدين بخاري پارٽي سيڪريٽري بمبئيءِ ويل هو ۽ ڪامريڊ قاضي مجتبيٰ ڪجهه وقت کان ناچاڪ ۽ ناراض هو. انڪري منهنجي ذميواري وڌيڪ هئي. بولٽن مارڪيٽ ويجهو گوبند مالهيءَ جي آفيس هئي ۽ لڪشمي بلڊنگ ۾ اندر ڪمار گجرال (انڊيا جو وزير خارجه) جي امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جي آفيس هئي. انهن سان صلاح ڪندو مزدورن جي آفيس پهتس ته هنگل، مالهي، عينشي، گلاب، شاگردن ۾ ڪم ڪندڙ شيوا جي پڳوان ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻيا ڪارڪن به ڪنا هئا ۽ ڪياماڙي جي مزدورن مان به ڪي آيل هئا. صلاح بيٺي ته شام جو ڇهين وڳي عيدگاهه ميدان تي ميٽنگ ٿئي ۽ ان لاءِ سڀني ڪامريڊن کي ڪارخانن تي مزدورن کي سڏ پڌائڻ لاءِ روانو ڪيو سون.

سوچيوسين ته قوم کي اٿارڻ لاءِ هن کان وڌيڪ بهتر موقعو ٻيو ڪونه ملندو. تازو ئي سڄي ملڪ جي اندر انڊين نيشنل آرميءَ (آءِ اين اي) جي آفيسرن مٿان هلندڙ ڪيسن سبب سڄي ملڪ ۾ زبردست جوش جي لهر هئي. "آر آءِ ايف اي" وارن جي بک هڙتال سڄي ملڪ کي جهنجهوڙي ڇڏيو هو ۽ جبل پور ۾ سگنلس جي فوجين ٿوران مختصر قبضي ڪري هڪ ملڪ گير تحريڪ لاءِ سازگار ماحول ٺجي رهيو هو ۽ هن سڄي ملڪ گير هيجان جي کُلي رهنمائي سي پي آءِ ڪري رهي هئي. ان جي رهنمائي ۾ پوري ملڪ جي اندر استرائيڪون، مظاهرا، ميٽنگون ٿي رهيون هيون. جنگ جي خاتمي بعد ڪميونسٽ پارٽي جو نعرو هو ته ڪانگريس، ليگ، ڪميونسٽ گڏ ٿيو ۽ جاپان سان جنگ جي خاتمي بعد ڪميونسٽ پارٽيءَ هڪدم پلٽو کاڌو هو، عوام جي نظرن ۾ اها انگريز دوست مان ڦري انگريز دشمن جماعتن ۾ سڀ کان اڳري جماعت ٿي وئي هئي.

جواهر لعل نهرو، جناح ۽ جوشي جون ميٽنگون شهرن ۾ تقريباً هڪ جيڏيون زبردست ٿينديون هيون. لڪين ماڻهو انهن شخصن کي ٻڌڻ ايندا هئا. ياد هجي ته جوشي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو سيڪريٽري جنرل هو، جنهن ١٩٣٠ع واري ڍاڪي جي وکريل ڪميونسٽ گروپن کي يڪمشت ڪيو هو ۽ ١٩٤٠ع واري ڍاڪي ۾ ليگ ۽ ڪانگريس ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جي مختلف وقتن



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

تي اٽندڙ بحرانن مان پارٽي کي صحيح سلامت پار ڪري آيو هو. رٽڊوي ڊانگي، اڏڪاري ۽ ٻين جي وچير پل جو ڪم ڏيندي، مدراس کان وٺي ڪوهيما تائين ۽ مٽنڊليءَ کان وٺي پشاور تائين، ڪشمير کان ڪراچي تائين پارٽي جي سمورين وڏين شخصيتن کي هڪ جاءِ تي رکيو هو ۽ امپريلسٽ کان پيپلس وار جي زبردست ڦرندڙ گهرندڙ چال تائين، هن پارٽي کي ڪاميابي سان هلايو هيو ۽ جنگ جي خاتمي بعد ملڪ جي ٽين عظيم پارٽي جي صورت اختيار ڪرائي هئي.

(بدقسمتيءَ سان فيبروري ۱۹۴۸ع ۾ ڪلڪتي ڪانگريس ۾ جوشي ۽ سندس سموري لڏي کي لاهي، رٽڊوي پارٽي جو سيڪريٽري بڻيو.)

گجرال چيو: "سنڌ پارٽي کي گمنامي ۽ ٻاروٽڻ مان ڪڍي، قومي پارٽي بڻائڻ لاءِ سونهري موقعو آهي." مالهي چيو ته، "عوام اسانجي آواز جي موٽ ڏني ته اسان سياڻ نامعلوم ڇوڪرن جي ٽولي مان بدلجي، هڪ باعزت ۽ باوقار قومي پارٽي جي صورت اختيار ڪنداسون" هانگل، چيو ته، "شام عيدگاه واري ميٽنگ ۾ طئي ڪبو ته جنرل اسٽرائيڪ جو سڏ ڏجي يا صرف هڪڙو همدردي جو ٺهراءَ پاس ڪري ڇڏجي" مون چيو، "شام جي ميٽنگ جيڪڏهن پوري ڪامياب نه به ٿي ته به اسانجون گرفتاريون ته ٿيون وڃن، ته به عام هڙتال لاءِ اعلان ڪرڻ گهرجي" ايتري ۾ ڳالهين هلندي آصف جا هاڪاروائي (ڊي جي سنڌ ڪاليج جو اردو جو استاد ۽ جوشيلو مقرر) پهتو هن چيو ته "دوستو! ٻڌو! اعلان جنگ ٿي ويو! ڊانگي بمبئي ۾، ۽ سڄي ملڪ اندر، عام هڙتال جو سڏ ڏنو آهي ۽ ٿين وڳي واري آل انڊيا ريڊيو وارين خبرن ۾ ان جو اعلان ٿي چڪو آهي ۽ بمبئي سان مارشل لا لڳايو ويو آهي!"

جيڪي اجا لڏي لمي رهيا هئاسون، تن به فيصلو ڪيو ته شام واري ميٽنگ ۾ ڪراچي ۽ سنڌ جي اندر عام هڙتال جو سڏ ڏيڻو آهي!

شام جي عيدگاه واري ميٽنگ ڇهين وڳي رکيل هئي، اجوڪي جامع ڪلاٿ مارڪيٽ واري جاءِ تي همدرد سيٺ ميٽسنگهه جو ٿلهن، ڪرسين ۽ ميزن جو وڏو پانڊو هو. جتان ڪلر وٺي وڃاياسين، ميزون رکيونسين ۽ تقريباً چار پنج ڪرسيون رکيون سين. هڪ لائوڊ اسپيڪر ۽ مائيڪ سان ميٽنگ شروع ڪئيسين، ٽي چار سئو ماڻهن سان ميٽنگ (جن ۾ اڌ تي شاگرد هئا) شروع ٿي. ياد رهڻ گهرجي ته گانڌي ۽ جناح ٻئي نيوءَ جي باغين کي پيش پوڻ لاءِ اعلان ڪري چڪا هئا. گانڌي علي الاعلان چيو هو ته، "هندو ۽ مسلمانن جو (Barricades) مٿان هي شيطاني اتحاد آهي" جناح نيويءَ جي مسلمان باغين کي چيو ته، "مان هن بغاوت جي حق ۾ نه آهيان."

ماڻهو نون ليڊرن جي تلاش ۾ هئا. نوجوانن ائين پئي محسوس ڪيو ته



www.sindhsalamat.com

گانڌي ۽ جناح ٻئي ناڪام ٿيا آهن. اهو خال اسان سرخن پورو ڪيو. ڏنڊي جي نوڪ تي ”ڪانگريس، ليگ، ڪميونسٽ گڏ ٿيو“، جو نعرو ڏنوسين ۽ هر ميدان ۾ پورهيتن، شاگردن، دانشورن، سوشلسٽن، عام ليگين، ڪانگريسن ۽ مهاسڀاين کي گڏ ڪيوسين. ڪارخانن ۾، ڪاليجن ۾، اسڪولن ۾، فوج ۾، پوليس ۾، ريلوي پليٽ فارمن تي ۽ سامونڊي بندرن جي گودين ۾، هر هنڌان هن ڏينهن ۽ هن موقعي تي اسان کي آواز مليو، ”انقلاب زنده آباد....انگريز مرده آباد....گانڌي جناح هڪ ٿيو....آزاد هندستان ۾ هڪ آزاد پاڪستان کپي....انگريز کي ڪڍو ۽ هڪ عوامي حڪومت قائم ڪيو“

ان زماني ۾ اسان ڪيمونسٽ گڏجي هفتيوار اخبارون ڪڍنداهئاسين، جيڪي هندستان جي سيني ٻولين ۾ هيون ۽ گڏجي ڳائيندا هئاسون، ”ايک دهڪا اور دو.... ايک دهڪا اور دو...“

ميٽنگ مگيرا وڪٽنڊز پراڻي دهشتگرد ۽ هاڻي ڪميونسٽ ڪامريڊ ريلارام ميلارام جي پڳل ٿتل آواز ۾ ڳايل مشهور انقلابي تراني سان شروع ٿي، ”ڇهوڙ جو اسير تو بدلا هوا زمانه تها....“ تنهن ڪانپوءِ هڪ ٻي ٿي نوجوان شيخ اياز جو ترانو ڳايو، ”ڳاءِ انقلاب ڳاءِ......ڳاءِ انقلاب ڳاءِ.....“

ميٽنگ هلندي رهي ۽ ٽرامون ۽ بسون عيدگاه جي فٽ پاٿ سان بيهنديون ويون ۽ انهن مان ”اوور آلس“ (Overalls) ۾ آيل مزدور ڪارا، پورا، نيرا اوور آل پاتل هٿن ۾ ٽفن باڪسن سان، ميٽنگ ۾ شامل ٿيندا رهيا، گلمن تي ويهندا ويا ۽ ميٽنگ هلندي نيٺ اٽڪل ست اٺ هزار ماڻهو گڏ ٿي ويا. پورهيت گلمن تي ۽ مٽيءَ تي ويهي ويا ۽ شاگرد ۽ سفيد پوش چوڦير بيٺا رهيا. ڪارواڻي جلسي جو صدر هو.

مون چيو، ”نيوي جي جوانن سر ترِيءَ تي رکي انگريزن جي اقتدار کي للڪاريو آهي ۽ سامراجين جو چنبو هنن جي ڳچي طرف وڌي رهيو آهي. چاهيو ته باغين جو سڏ ورنايو ۽ سامراجين جي چنبي کي مروڙي انقلاب ۾ شامل ٿيو، جي بچندؤ ته غازي، جي مرندو ته شهيدن ۾ توهان جو نالو ٿيندو، اٿو! انگريزن جي سلطنت کي هڪ ڌوڏو ٻيو به ڏيو! نيوي ۽ فوجي ڀائرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌو! سڀاڻي جنرل اسٽرائيڪ آهي. ڪبس نه هلندي، ڪو جهاز روانو نه ٿيندو، نه اسڪول کلندا نه ڪاليج کلندا، واعدو ڪيو ته انگريز جي حڪومت کي هلڻ نه ڏيو.“

پروفيسر ڪارواڻي زبردست تقرير ڪئي ۽ هانگل به پنهنجي زوردار آواز ۾ ماڻهن کي سڀاڻي جي هڙتال ڪامياب ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي. تاڙين جي ٺهڪي وچير، مون هڪ ڪمي محسوس ڪئي ته جڻ اسان عوام جي اڌمن کي اٿارڻ ۾



www.sindhsalamat.com

آندو ويو، جن ماڻهن کي چيو ته گهر هليا وڃن. هن جلسي لاءِ ڪانگريس سڏ نه ڏنو آهي“ ماڻهو نه هٽيا ۽ پوليس جي حفاظت ۾ هنن ليڊرن کي ٻاهر نيو ويو.

تنهن بعد محمود هارون کي ليگ طرفان پوليس گاڏي ۾ آندو ويو ۽ هن ماڻهن کي اپيل ڪئي ته ”جناح ۽ مسلم ليگ هن جلسي لاءِ سڏ نه ڏنو آهي، ان ڪري چپ چاپ گهر وڃو!“ پر ماڻهن نه ٻڌو.

سر غلام حسين ان وقت وزيراعليٰ هو. ان جمشيد نسروانجي کي منٿ ڪري موڪليو ته اچي عوام کي سمجهائي.

جمشيد کي ٻڌڻ کان ماڻهن انڪار ڪيو، جوڪرن پوليس جي مٿان پٿر وسائڻ شروع ڪيا. پوليس جيڪا وچ ۾ بيٺل مالهي، عينشي ۽ گلاب کي وٺي وئي ۽ جيڪي ٽي جهنڊا هئا، تن کي پٽڻ جي ڪوشش ڪيائون ته چوڌاري پٿرن جو وسڪارو شروع ٿيو. پهريائين ڳوڙها آڻيندڙ گيس جا گولا ڇوڙيا ويا ۽ بعد ۾ گولين جو وسڪارو شروع ٿيو. عورتن بالڪنين مان لٽا پسائي ماڻهن لاءِ هيٺ اڇليا ته ڳوڙها آڻيندڙ گيس کان اکين کي بچائن ۽ ڪٿي ڪٿي هيٺان بيٺل پوليس وارن جي مٿان ڪڙهندڙ پاڻي جو وسڪارو ڪيو ويو ۽ ڪٽيل مرچ اڇلايا ويا.

اڌ مني ڪلاڪ جي اندر ڏهه - ٻارهن ماڻهو عيدگاهه ميدان ۾ برصغير جي آزاديءَ جي لڙائي ۾ شهيد ٿي چڪا هئا ۽ سوين زخمي ٿي اسپتال پهچايا ويا هئا. مئلن ۾ پهريون شهيد حسن علي سوڊا واٽر والا جو فرزند هو.

شام جو ڇئين پنجين وڳي تائين ماڻهن ۽ پوليس جي وچ ۾ مقابلو رهيو ۽ شام جو ڇهين وڳي تائين عيدگاهه ميدان جو حال احوال ٽاٽي جي پاسي واري ٽيليفون روم مان ڇتو پٽي ٻڌڻ ۾ آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو مئجسٽريٽ شيرو شيخ آيو ۽ اسان کي جيل ۾ موڪلي ويو. ستين ڏينهن آچر جو ڏينهن هو ۽ پوليس اسان کي شيرو شيخ جي فليٽ تي رمانڊ لاءِ وٺي آئي، پر هن ڪارواٽي، هانگل ۽ مونکي پنهنجي ضمانت (PERSONAL BOND) مُچلڪي تي آزاد ڪري ڇڏيو.

آفيس ۾ پهتاسين ته وڌيڪ حال احوال معلوم ٿيا. پوءِ ڪامريڊ جمال الدين بخاري جيڪو بمبئي مان واپس اچي چڪو هو، سان گڏجي سول اسپتال ۾ زخمين سان همدردي ڪرڻ وياسين، انهن به پنهنجا حال احوال ٻڌايا. موٽي آياسين ته سيني وڏڙن، لنيڙن ٻڌايو ته ”راتو رات سنڌ ڪميونسٽ پارٽي هڪ طاقتور عوامي قوت ٿي نڪتي آهي. ڪانگريس ۽ ليگ سان اسان ڪَرَ ساهي پئي سگهياسين.“

چوڏهين ڏينهن اسان سمورا دنگو فساد، غير قانوني اسيمبلي ۽ قانون جي خلاف جلسا، جلوس ڪرڻ ۽ ڪڍڻ، باهيون ڏيڻ ۽ مارا ماري جي ڏوهن هيٺ چالان ٿياسين، هڪ مئجسٽريٽ کان ٻئي مئجسٽريٽ جي ڪورٽ ڏانهن ويندا



www.sindhsalamat.com

رهياسين ۽ نيٽ ڊبليو زيڊ احمد جي ڪورٽ ۾ پيش ٿياسين. جنهن ٻڌايو ته ”حڪومت توهان جي خلاف ڪيس واپس ورتو آهي.“

آفيس پهچڻ تي معلوم ٿيو ته سر غلام حسين هدايت الله سوچيو هو ته هو ڪميونسٽن تي ڪيس نه هلائيندو، ڇو ته ڪيس چاڻ هئي، ته متان جوابدار ڪميونسٽ (DIMITROV) بڻجي، ڪيس جوابدار نه ٻڌائي ڇڏين“ هن ان ۾ ئي مصلحت سمجهي ته ڪميونسٽن کي پروپيگنڊه ڪرڻ جو موقعو نه ڏجي.

نوي جي بغاوت، ستن ڏينهن بعد ولڀ ڀائي پٽيل ۽ محمد علي جناح جي ٻيڪ ڏيارڻ سان اسٽرائيڪ ڪميٽي ختم ڪئي ته هو ڪوشش ڪندا ته ڪيس نه هلن ۽ جي هلن ته هنن کي سزا گهٽ ملي. اهو ڪيس هلائي ڇهن مهينن ڪان ٻه سال آر آء سزا ڏئي باغين کي مختلف جيلن ۾ پٽر ڪٽڻ لاءِ روانو ڪيو ويو.

بمبئي جي جنرل اسٽرائيڪ ۾ انڪل ئي سؤ شهري مارشل لا اٿارٽي طرفان ماريا ويا ۽ منهنجي چاڻ موجب ماڻهن کي مارڻ لاءِ جيڪي فوجي آفيسر ويا انهن ۾ هڪ (ان وقت جو) ڪئپٽن موسيٰ هو جيڪو ايوب خان ڪانپوءِ پاڪستان جو ڪمانڊر ان چيف ۽ ويجهڙائي ۾ بلوچستان جو گورنر بڻيو. ته چاڻان ڪيترا موجود يا رٽائرڊ فوج جا سربراهه، ان قبيلي مان هجن جن انگريز سلطنت کي قائم رکڻ لاءِ ١٨ فيبروري کان وٺي ٢٥ يا ٢٦ تائين پنهنجي ملڪ جي هندو، مسلمان، يهودي پارسي ۽ عيسائين کي قتل ۽ زخمي ڪرڻ جو نيڪ ڪم سرانجام ڏنو!

پنهنجي دوست علي احمد بروهي کي اڄ به گذارش ٿو ڪريان ته پنهنجي يادن جي پناڙڪ مان نيوي جي بغاوت ۾ سنڌس اسٽرائيڪ ڪميٽي جو جيڪو رول هو، ان جي يادگيري عوام جي چاڻ لاءِ ڏئي ته اسان جي ايندڙ نسلن کي پتو پوي ته ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو هن سفر ۾ شريڪ نه هئا، پر منزل نصيب انهن کي ٿي!.

(9- مئي- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## ڌاڙيل فيڪٽر I

وري هڪ دفعو سنڌ جي اندر ڌاڙيلن جي مسئلي تي سوچڻ ۽ لکڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. تازو ئي سڀني ملڪ جي اخبارن ۾"ڌاڙيل فيڪٽر"تي گهڻو ڪجهه لکيو ۽ ٻڌايو ويو آهي. ٻه مهينا کن اڳ ڏهن سياسي ورڪرن کي دادو ضلعي جي هڪ ڳوٺڙي مان، هڪ شادي تي آيل مهمانن جي وچ مان اغوا ڪيو ويو، جن اغوا ٿيل شخصن ۾ جام ساقي جو فرزند سجاد ظهير ۽ مير ٿيبو به شامل هئا. بعد ۾ جيڪو وچي ٿو ته مشهور ڌاڙيل قادو سرڪائيءَ، جام ساقيءَ سان پنهنجي جيل واري ياري ملهائيندي اغوا ڪندڙن وٽان سجاد ظهير کي ڇڏايو، باقي پيا سمورا همراه هوريا هوريان ڏاڻ ڏئي آزاد ٿيندا ويا . ۽ آخر ۾ مشهور معروف ۽ پراڻو عوامي خدمتگار مير ٿيبو بقول سنڌس"اسي هزار رپيا ڏئي آزاد ٿيو."

پنهنجي پيشي جي لحاظ کان وڪيل هئڻ جي ناتي، منهنجو واسطو روزانو قاتلن، ڌاڙيلن ۽ ٻين ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان ٿئي ٿو. منهنجي سامهون هڪ "مسيح نما"شخص ويٺو آهي. جنهن ڊزن قتل ۽ وارداتون ڪيون آهن، پر سندس مٿان ثابت هڪ به ڏوهه ٿي نه سگهندو، ڇو ته ڪوبه شاهد هن خلاف شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.

١٩٥۴ع ۾ حيدرآباد جيل ۾ هيس ته پنهنجي سنگت لاءِ هڪ "اسٽڊي سرڪل" شروع ڪيم. ابتدائي ڪميونزم کان وٺي مرحليوار موجوده سرمائيدارانه، سامراجي دور تائين، ڪي چار يا پنج قسطن ۾ اهو "اسٽڊي سرڪل" سماجي ارتقا جي مسئلي تي هليو. هڪ ڏينهن هندوستاني ڌاڙيل"پوپٽ" عرف يوسف مونڪان "اسٽڊي سرڪل" ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت گهري. ڪهڙيءَ طرح جاگيرداري سماج جي پيٽ مان سرمائيداري نظام قائم ٿيو ۽ ڪهڙيءَ طرح نو آزاد هندوستان اندر جاگيردارانه قوتون سرمائيدار قوتن کي شڪست ڏيڻ لاءِ بغاوتون، ڌاڙا ۽ رجعتي تحريڪون هلائي رهيون هيون. انهن ڳالهين جي وضاحت ڪندي مون چيو"مانسنگهه ۽ پوپٽ جهڙي هڪ مردار سماج جي حفاظت ۾ استعمال ڪيا ويا آهن ۽ اهي ڌاڙيل ذاتي طرح با اخلاق ۽ هيٺن جا حامي سڏائيندي به انقلاب دشمن ۽ ترقي دشمن قوتن جا آلهٔ ڪار آهن" پوپٽ ٻئي ڏينهن صبح سان جيل اندر مون سان ڇهه قدمي ڪندي اعتراف ڪيو ته مان هڪ سؤ ست خون ڪيا آهن. پر احساس هاڻي ٿو ٿئيم ته مان گناهگار آهيان، ڇوته مونکي جهونا ڳڙهه ۽ راجڪوٽ جي راجائن ۽ مهاراجائن ،



www.sindhsalamat.com

ڏاڙيلن کي سڌارڻ لاءِ، Reclaim ڪرڻ لاءِ ضروري ٿيندو ته مناسب وقت تائين مٿن نظر رکڻ بعد، کين ڪونه ڪو ايمانداريءَ سان روزگار جو ذريعو پيدا ڪرڻو پوندو. موجوده لهر گهٽجڻ سان سمورا ڏاڙيل گٽندا ڪونه. پر وقت بوقت حڪومت مناسب طريقا اختيار ڪري ڏاڙيلن جي هر نئين فصل کي ڪنهن ڪتب ۾ آڻي سگهندي، نه ته ڪڏهن جاپاني ۽ ڪڏهن چيني هنر مند آفيسر يرغمال ٿيندا رهندا ۽ پاڪستان ۽ سنڌ لاءِ خواري ۽ لعنتائي جو سامان پيدا ٿيندو رهندو.

(23- مئي- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## راجيو گانڌيءَ جو قتل

٢١- مئي ١٩٩١ع تي رات جو دير سان بي.بي.سيءَ تي خبر آئي ته راجيو گانڌي، مدراس ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ اسٽيج ڏانهن ويندي بم جي ڌماڪي ۾ قتل ٿي ويو. ۽ ساڻس گڏ ويهن ٻين جو به موت ساڳئي ئي ڌماڪي ۾ ٿيو. اُن ڌماڪي ۾ چوٽيءَ جا پنج پوليس آفيسر (جيڪي سندس حفاظت لاءِ هئا) سي به ختم ٿي ويا. ڀارت ته ڇا پر پوري دنيا ان ڌماڪي جي ڌماڪي- خيز اثرات کان اڃا تائين آجي ٿي نه سگهي آهي!

آمريڪي صدر جارج بش، (جنهنکي هر ڳالهه جي معلومات هئڻ ڪپي ۽ هوندي) حيرانيءَ مان چيو ته سمجهه ۾ نٿو اچي ته دنيا ڪهڙي طرف پئي وڃي. ۽ پوريءَ دنيا جي نو-آزاد، ۽ ترقي ڪندڙ ملڪن جي اڳواڻن پنهنجي همدرديءَ ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. پاڪستان اندر ڀارت جي بدخواهه لابي هوندي به، اڪثر قوم پنهنجي پاڙيسريءَ جي غم ۽ ڏک ۾ پاڻ کي ڀائيوار سمجهيو. جوش مليح آباديءَ جي لفظن ۾ ته "لاش پاڙي مان ٻي ڪڇيو پر ائين محسوس ٿيو ڄڻ گهر جو ڪو ڀاتي مري ويو هجي." بينظير ان کي هڪ ذاتي ۽ خانداني ڏک طور محسوس ڪيو. ۽ مخالف پارٽيءَ ۾ هوندي به راجيو جي آخري ڪريا ڪرم جي رسمن ۾ شريڪ ٿي. ڀارت جي آخري ڪريا ڪرم کي سربراه جي موت طور، محسوس ۽ منظم ڪيو ويو ۽ ڪيترن ملڪن جي سربراهن پاڪستان سميت، آخري رسومات ۾ شرڪت ڪئي. راجيو صرف مخالف پارٽيءَ جو سربراهه هيو، پر ڇٽڪ هندوستان جي نوجوانن جي دلين جي ڌڙڪن، ۽ سندن حال ۽ آئيندي جو نمائندو هو.

اندراگانڌيءَ جو وڏو فرزند، جواهر لعل نهرو جو ڏوهٽو ۽ موتي لعل نهروءَ جو پڙپوٽو، راجيو ١٩٨۴ع کان اڳ "انڊين ايئر لائينس" INDIAN AIR LINES جو پائلٽ هيو ۽ سندس دلچسپين جو مرڪز، پنهنجي پيشي ڪانسواءِ، سندس مختصر خاندان، سونيا، ۽ سندن به ٻار، راهول پٽ ۽ پريانڪا ڌيءَ هئا. سياست ۾ سندس دلچسپي ٻنهه ڪانه هئي ۽ اندرا جي پنهنجي ساري سياسي توجهه پنهنجي ننڍڙي فرزند سنجئه طرف هئي. سنجئه جو سياسي ڪردار گهڻ-ڀا سائون، جوشيلو ۽ خاندان جي مفاد وڌائڻ طرف هيو ۽ هو ڪيترن اسڪينڊلس (SCANDALS) جو مرڪز هيو. انداز جي زندگيءَ ۾ سنجئه جا گهٽيئي ويري ۽ هن کان نفرت- ڪندڙ هئا ۽ گهٽيئي ڪيس محبت ڪندا هئا. سنجئه هڪ هوائي حادثي ۾ فوت ٿي ويو ۽ اندرا جي دل ۾ سياست ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو.

راجيو کي سياست ۾ گهلڻ لاءِ ذميوار سندس ماءُ اندرا هئي ۽ جنهن وقت



www.sindhsalamat.com

راجيو "انڊين ايئر لائينس" جي نوڪري ڇڏي، پنهنجي والده جو سياسي شاگرد ۽ پوءِ سياسي صلاحڪار بڻيو. تہ هن کي ڪجهہ گهٽو سگهو نہ پيو. ڇو تہ نهرو خاندان ۱۹۱۸ع کان وٺي نہ صرف پنهنجي اولاد لاءِ، سياسي درسگاهہ رهيو آهي، پر موتي لال نهروءَ جو گهر "اروڻا (آصف علي) سعيد حسن ۽ وجئہ لڪشمي ۽ ٻين ڪيترن هندو مسلمان پارسي هونهار نوجوانن لاءِ سياسي تربيت جو ادارو رهيو آهي. موتي لال، ۽ بعد ۾ جواهر لعل نهروءَ جو خانداني محل، "آنند ڀون" الله آباد ۾" آل انڊيا ڪانگريس ڪميٽيءَ" جو دفتر بہ هيو. جنهن ۾ ڪانگريسي، خلافتي، گانڌي ايسٽ، سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ليڊرن، ۽ خيالات جي ڪلهي ڪس ۽ ڏي وٺ ۱۹۴۷ع تائين قائم رهي. بعد ۾ سياست جو مرڪز دهليءَ منتقل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ فيروز گانڌي (راجيو جو پارسي پيءُ) الله آباد مان پنهنجي اخبار "هندوستان ٽائمس" ڪيندو رهيو. آزاديءَ بعد، اندرا جو گهڻو وقت پنهنجي ٻارن سميت، جواهر لعل نهروءَ جي گهرجي سرڪاري ميزبان طور گذرندو هو. آزاد هندوستان جي سياسي جدوجهد ۽ لاهن چاڙهن جو پهريون ٽڪراءَ، نهرو گهراڻي جي گهر ۾ ڊرائينگ رومن ۽ پاسي وارن ڪمرن ۾ ئي ٿيندو هو. ڇو تہ قومي پارليامينٽ جي سياسي ڪشمڪش جي آکاڙي پنيان، باقي سياست تہ مورتي هائوس ۾ ئي هلندي هئي.

جواهر لعل جي موت بعد، اندرا کي حڪومت اندر ڪا خاص اهيمت ۽ ڪشش نہ هئي. ڇو تہ اندرا کي جواهر لعل پنهنجي جاءِ نشين طور منتخب نہ ڪيو هو. ڪانگريس اندر ايڊا وڏا قدآور شخص ليڊر هئا، جن جواهر لعل جي جاءِ ڀرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اتفاق اهو ٿيو تہ اهي بہ ڪي جواهر لعل جي موت کان اڳ ئي فوت ٿي ويا. مثلاً گووندو لب پنت، رفيع احمد قدوائي، ۽ ٻيا. لال بهادر شاستري جسماني طرح تہ پنج فوٽ چار انچ هيو، پر اسانجي سوا ڇهہ فٽي فيلڊ مارشل ايوب خان کان، ۱۹۶۵ع واري جنگ ۾، وڌيڪ قدآور ثابت ٿيو، پر اهو بہ جلد ئي (تاشقند معاهدي وقت، اتيئي) فوت ٿي ويو، ۽ حڪومت جون واڳون اندرا کي سونپيون ويون. سنڌس صلاحڪار ڪانگريس جا ٽي پراڻا اڳواڻ ڪامراج نادر (مدراسي) جڳ جيو رام (بهاري ۽ اڇوت) ۽ يشونت چوهاڻ (مرهٽو) هئا.

آهستي آهستي اندرا گانڌيءَ پوري سياسي طاقت پنهنجي هٿ آندي ۽ انهن پوڙهن، ۽ اڌيڙ عمر وارن سياسي اڳواڻن سان پنهنجو توازن بگاڙي ڇڏيو. ايتري قدر جو آزاديءَ کان پوءِ پهريون دفعو وڏي پيماني تي ميسا (MAINTENANCE OF SAFETY ACT) (پاڪستان سيڪيورٽي ايڪٽ وانگر، مخالف تحريڪن کي ڪچلڻ ۽ چيٿاڙڻ جو قانون آهي) جو وڏي پيماني تي اندرا گانڌيءَ کي سهارو



www.sindhsalamat.com

وٺڻو پيو. ان بعد عام چونڊن ۾ اندرا هارايو ۽ مخالف ڪانگريسي ليڊرن جي جماعت يارٽي جنتا پارٽيءَ جي ڪاميابي ٿي. پر وزير اعظم مرارجي ڊيسائي جي حڪومت هڪ سال به مس هلي سگهي ۽ سال ڪانپوءِ وري چونڊون ٿيڻ تي اندرا گانڌي زبردست اڪثريت سان چونڊجي آئي، ۽ سندس حڪومت جو ڏکيو سلسلو هليو، جنهنجو خاتمو خالفتان تحريڪ سان ٽڪراءُ بعد ٿيو. امر تسر سکن لاءِ سڀ کان وڏيڪ اهميت رکندڙ مندر آهي. ان تي حملو ڪيو ويو، جنهنجي نتيجي ۾ ڇهه ست سئو خالصتاني جانباز (جن گولڊن ٽيمپل ۾ اڏو قائم ڪيو هو) مارجي ويا. ڪجهه مهينن بعد اندرا گانڌيءَ کي ٣١- آڪٽوبر ١٩٨٥ع تي سندس سک محافظن قتل ڪري ڇڏيو ۽ سندس جاءِ پرڻ لاءِ راجيو گانڌي ميدان ۾ آيو. ١٩٨۴ع جي آخر ۾ عام چونڊن ۾ ڪيس ايڏي وڏي ڪاميابي حاصل ٿي، جيتري اندرا يا جواهر لعل کي به حاصل نه ٿي هئي. پر راجيو پنهنجو رڪارڊ جيڪو مسٽر ڪلين (Mr. Clean) جي حيثيت سان شروع ڪيو هو، سو قائم رکي نه سگهيو، سندس دؤر ۾ بوفورس (BOFORS) وارو معاملو بدناميءَ جو باعث بڻيو ۽ سندس ڪيترائي ساٿي وي.پي سنگهه جي اڳواڻيءَ ۾ ڪانئس جدا ٿي ويا ۽ ١٩٨٩ع وارين چونڊن ۾ ڪيس اڪثريت حاصل نه ٿي. پر وي.پي.سنگهه ۽ سندس ساٿي پنهنجي ٻڌي برقرار رکي نه سگهيا. جو ته سندن پارٽيءَ ۾ هر ليڊر جڳادري ليڊر هيو، ۽ آخر ۾ چندر شيکر جي باغي گروپ جي وزارت ٺهي، جنهن کي راجيو گانڌيءَ جي ڪانگريس (آءِ) جي مدد حاصل هئي.

اهڙي طرح هڪ نئون متحده محاذ وجود ۾ آيو. پر اهو به هلي نه سگهيو، جنهن ڪري وري عام چونڊن جو اعلان ٿيو جنهن دوران راجيو قتل ٿي ويو.

راجيو پنهنجي وزير اعظم رهڻ واري دؤر ۾ سري-لنڪا ۾ هندوستاني فوجون موڪليون، جن وچ ڪٿي جو ڪردار ادا ڪندي، آخر ۾ تامل ايلم جي باغي تحريڪ کي ڪچلڻ ۾ سري لنڪا جي حڪومت جي مدد ڪئي (اهو حملو به تامل باغين طرفان هو) ساڳئي وقت مالديپ ۾ ٻاهران حملو ٿيو. اتي به هندوستاني فوج موڪلي مالديپ جي حڪومت جي حفاظت ڪئي وئي.

سندس دؤر ۾ آسام جي نوجوانن "آزاد آسام" جو نعرو بلند ڪيو ۽ انهن سان ٺاهه ڪري آسام جي نئين صوبائي حڪومت ٺرڪين آندو ويو، ۽ پنجاب ۽ ڪشمير جا مسئلا اڳي وانگر حل ٿي نه سگهيا نه ايندڙ وقت ۾ انهن جي حل ٿيڻ جي ڪا صورت نظر اچي ٿي.

راجيو گانڌي "سارڪ (SAARC) ملڪن" جي سربراه جي حيثيت ۾ خاصو ڪامياب ويو، ۽ ان دؤر ۾ سارڪ جا ملڪ هڪٻئي جي خاصو ويجهو آيا.

راجيو هندوستان جي معيشت (ECONOMIC) جو رخ ڦوررو ڦيرائي آمريڪا



www.sindhsalamat.com

ڏانهن ڪيو ۽ اهڙي طرح آمريڪا جي دوستي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو. پر ڀارت جو روس ۽ ٻين ڪميونسٽ ملڪن سان دوستاڻو رويو قائم رهيو. چين سان، تعلقات سڌارڻ ۾، راجيو نمايان پيشرفت ڪئي. عام طور، راجيو ٻين ڀارتي ليڊرن جي مقابلي ۾ گهٽ جهڳڙالو ۽ مذهبي تڪرار جي ماحول کان مٿي هو ۽ يقيناً هو "بي جي پي" جي هندو بالادستي قائم ڪرڻ واري پاليسيءَ جو مڪمل جواب هيو. پر رجعتي قوتن ڪيس زنده رهڻ نه ڏنو. سندس قتل ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته "تامل ايلم" جي جنونين جي انتقام واري سياست جي نتيجي ۾ ٿيو راجيو جي موت سان ايلم تائيگرس (ELAM TIGERS) کي نفعو ته ڇا، پر نقصان ئي ٿيندو. پر ڇا ڪجي، هن وقت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ان قسم جون دهشتگرديءَ جون تحريڪون هلي رهيون آهن، جنهنجو نقصان پورين قومن ۽ ترقي پسند تحريڪن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

هڪ ڳالهه يقيني آهي ته راجيو جو موت هندوستاني سياست ۾ ترقي پسند رجحانن کي سجاڳ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ۽ راجيو جي موت سان نه ڀارت ختم ٿيندو ۽ نه ڀارت جو ايشيا ۽ دنيا ۾ جمهوري ڪردار. ڇا به ٿيئي، ڀارت دنيا جي وڏي جمهوريت، ۽ مختلف مذهبن ۽ تهذيبن جي ميلاپ جو عظيم گهوارو رهندو. راجيو جو قتل هندوستان جي تاريخ ۽ ترقي ۾ هڪ FULL STOP نه پر هڪ "ڪاما (COMMA) جي حيثيت رکي ٿو.

(30- مئي- 1991ع)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

## ڪامريڊ ايس- اي- ڏانگي

شريپَدامرت ڏانگي هندستان ۾ ڪميونزم جو ابو هيو. ٣٠ مئي ١٩٩١ع تي پيانوي ورهين جي عمر ۾ هو گذاري ويو. ڏانگي جي موت سان ١٩٢١ کان وٺي ١٩٩١ع تائين پارت اندر ڪميونسٽ نظريات جا ستر (٧٠) ورهيه مڪمل ٿين ٿا. ڏانگي آخري چند سال پارت جي ٻنهي ڪميونسٽ پارٽين کان الڳ هڪ ٽين پارٽي قائم ڪئي هئي. پر ڏانگي جو نالو هندستان اندر، مزدورن جي تحريڪ، ڪميونسٽ سوچ ۽ فڪر جي واڌاري، ۽ آزادي کان پوءِ، پارٽي پارليامينٽ اندر ترقي پسند نظرئي جي ترجمان طور ياد رهندو.

١٩٢١ع ۾ ڏانگي ”ڪل هند ٽريڊ يونين ڪانگريس“ جو جوائنٽ سيڪريٽري هو. ١٩٢٤ع ۾ ڪيس ”ڪانپور بالشويڪ ڪيس Bolshevik

cousplraiy case ۾ گرفتار ڪري سزا ڏني وئي ۽ وري ”ميرٽ سازش ڪيس“ Meerut conspiracy case ۾ هو سزا لڳڻ بعد ڪجهه وقت حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ رهيو، جتان ڪيس ١٩٣٤ع ۾ آزادي ملي.

ڏانگي ”انڊين نيشنل ڪانگريس“ اندر، ١٩٢١ع کان وٺي کاٻي ڌر جو آواز هيو ۽ ”آل انڊيا ٽريڊ يونين ڪانگريس“ AITUC جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ١٩٤٠ع کان پوءِ انٽر نيشنل ليبر آفيس ۽ ورلڊ فيڊريشن آف ٽريڊ يونينس سان واڳيل رهيو.

جوشيلو مقرر، (مرهٽي، هندي ۽ انگريزي ۾ ) پارليامينٽ اندر بحث مباحثي، تقرير ۽ آداب جو علمبردار، مخالف ڌر جو اڳواڻ ۽ جواهر لعل نهرو ۽ اندرا گانڌي ٻنهي جو ڏاڍِلو. ڏانگي برصغير جي تاريخ جو وڏو ۽ شاندار باب هو. مظلوم ۽ محنت ڪش طبقي جي زبان هو ۽ اعليٰ پايي جو محقق، تاريخ نويس ۽ دانشور.

<India from primitive communism to slavery> تاريخ کان اڳ واري دور جي تصوير چٽي ٿو. اهو دور جنهن ۾ برصغير اندر رياست نالي واري شيءِ نه هئي ۽ برصغير اندر گهٽي پاڳي ڳڻ راڄ (پنچائتي نظام) هو، جتي ماڻهو ڪنهن حاڪم سان سڌي سنئين واسطي رکڻ بدران پوري طرح ڳوٺ جي پنچائتي نظام ۾ جڪڙيل هو. ڏانگي ان دور کي هندوستان جو سونهري دور ”يا سَتَ- يُگَ“ ڪري پيش نه ڪيو. هن ان دور جي حقيقت کي روشن ڪرڻ لاءِ پراڻي نظام اندر وڌندڙ طبقاتي ڇڪتاڻ کي ظاهر ڪيو آهي ته ڪيئن ۽ جين ڌرم ڪهڙيءَ طرح پراڻي



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

هندو سماج اندر ترقي پسند ڏارائن کي جنم ڏنو. هن لاءِ ڍانگي تمام گهري سوچ ۽ فڪر سان تاريخ جي مطالعي طرف توجهه ڏياريو. ڍانگي جي جيل جي زندگيءَ جو ٽوٽل تقريباً ويهارو سال ٿيندو ۽ سندس ديهانت سان پارٽي سياست ۾ جيڪو خال پيدا ٿيندو، تنهن کي پرڻ وارو مشڪل ڪوئي شخص ملندو. سندس ڌيءُ مسز روزا ديش پانڊي به پارليامينٽ جي ميمبر آهي ۽ تمام قابل ليڊر آهي.

ڍانگي قد ڪاٺ ۾ سنهو، سيپڪڙو، مشڪل سان سندس جسماني وزن سٺ ستر پائونڊ هوندو. پر غضب جو ذهين، عالم ۽ عام ماڻهن کي سمجهه ۾ ايندڙ ۽ دل کي وڻندڙ ڳالهه پيش ڪندو هو. جنهن وقت پارليامينٽ اندر ڍانگي تقرير لاءِ اٿندو هو، ته حڪمران پارٽيءَ جا سمورا وڏا اڳواڻ ۽ وزير سندس نقطہ نظر کي سمجهڻ لاءِ حاضر رهندا هئا. جواهر لعل اڪثر ڪري ڪيس مخاطب ٿي پنهنجي ڳالهه مڃائڻ لاءِ پيش ڪندو هو. ڍانگي جي تائيد ۽ پارليامينٽ اندر مدد لاءِ اندراگانڌي هميشہ واجهائيندي هئي ۽ سندن وچ ۾ برابر هڪ قسم جي under-standing هئي. خاص ڪري ڏکين وقتن ۾ به ڍانگي، سي پي آءِ جي مدد، اندراگانڌيءَ جي حڪومت کي ڏياري، جو خاصو مشڪل مسئلو هو.

ڍانگي خوش مزاج ۽ کلائيندڙ شخص هو. هو چوندو هو ته ”مان ان ڪري خوش مزاج آهيان جو منهنجي ضمير ۽ منهنجي عمل ۾ ڪو فرق نہ آهي. مان پنهنجي ضمير سان امن ۾ رهان ٿو.“

I laugh because I am at peace with myself

ڍانگي مرهٽو هو ۽ سندس ڪم جو مرڪز گهڻي ڀاڱي بمبئي ۾ مهاراشٽر وارو علائقو هو. ١٩٤٧ع ۾ آزاديءَ بعد، هو گهڻو ڪري دهلي ۾ پارليامينٽ اندر ڪميونسٽ محاذ جي اڳواڻيءَ جا فرض نڀائيندو رهيو ۽ سي پي آءِ جي چوٽيءَ جي اڳواڻن مان هيو.

(6- جون- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# ڏاڙيل فيڪٽر-II

گذريل ٻن سالن کان تمام سٺا نوان رسالا پروڙ، ساڃاهه ۽، (نئين سر) سهڻي، سگهڙين سٿ، پارس، سرتِ ۽ ٻيا ڪيترا وجود ۾ اچي چڪا آهن. پر انهن ۾ مکيه حصو سياسي مقالن ۽ انٽرويوز جو هوندو آهي ۽ ادب جي نالي سان، ڪا هڪ اڌ ڪهاڻي ۽ گهڻي شاعري، اڄ جي حالتن ۾ ذهن کي اپاريندڙ، سوال پڇندڙ، للڪاريندڙ شاعري هوندي آهي.

ائين پيو لڳي ته اسان جا اديب، شاعر، سياسي سوچ رکندڙ سڀ موجوده حالتن کان غير مطمئن ۽ پريشان آهن ۽ سواءِ سياست جي ٻي ڪا شيءِ نه پڙهڻ لاءِ ۽ نه لکڻ لاءِ تيار آهن. آهستي آهستي پوري سنڌ کي سوڙهو ڪري ڏڱي، هڪ اهڙي چوواٽي تي آندو ويو آهي، جتان سڀ واٽون جدوجهد، ڪشمڪش ۽ جهيڙي طرف ٿيون ڦٽن. اها حالت ڪيئن پيدا ٿي، جو پيدا ٿي ۽ ان لاءِ ذميوار ڪير آهن ۽ ڪهڙيءَ طرح ان صورتحال مان نڪرڻ جي ڪا واٽ به آهي يا نه؟ اهي وقت جا، اڄوڪي دؤر جا، سوال آهن.

شهرن جي هڪ تنظيم سان واسطو رکندڙ دهشتگرد، قاتل ۽ ڏاڙيل جن جا نالا فرسٽ رپورٽن ۾ هئا ۽ ڪجهه جيترا جوابدار ٿاڻن ۽ جيلن ۾ هئا، تن کي معافي ڏيئي ڇڏيو ويو ۽ سندن مٿان رجسٽرڊ ٿيل ڪيس واپس ورتا ويا يا فائيل (دفتر داخل) ڪيا ويا. پيچ ڊاهه ۽ قتلام جا مکيه اڳواڻ، قوم اندر ايڪي، ٻڌيءَ ۽ صلح جا سربراهه قرار ڏنا ويا. ٻئي طرف ٻهراڙيءَ اندر ڏاڙيلن کي ڇڙواڳ ڇڏيو ويو ۽ (ڪنهن سازش تحت) کين اپاريو ويو ته هو هر چرندڙ ڦرندڙ کي اغوا ڪن. اهو روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. بسن، ويگنن، ريلن ۽ گهرن مان ڦرون، اغوائون، لٽ ماري (ڪن حالتن ۾ عصمت دري ۽ خون جا واقعا) معمول بڻجي چڪا آهن. ٻار ۽ نوجوان ڀنگ نه ملڻ تي ماريا ويا آهن. خود پوليس ۽ امن امان قائم رکڻ وارين ايجنسين جا سوين ماڻهو مارجي چڪا آهن؛ ڳالهه وڌئون وڌ آهي ۽ ذهن پريشان آهن ته آخر سرڪار ۽ ضابطي نالي ڪا شيءِ آهي به يا نه؟

ان صورتحال ۾ جنهن سڪون جي ضرورت آهي ته ڪو ناول لکجي؛ ڪن سڪون ڀرين چند گهڙين جي ضرورت آهي ته موجوده حالتن جي ڪوري مان پڪل ڪا سٺي ڪهاڻي سرججي! انهن شين لاءِ نه وقت آهي، نه موقعو، نه ذهني پريشانيءَ کان واند. صرف آزاد نظم يا ڪنهن شعر جون ٽڪون، جيڪي ان وڳوڙ ۽ پريشانيءَ جي ترجماني ڪن ٿيون، سي ئي ڪاغذن تي چند جوان ۽ اڌڙوٽ لکي وقت جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ڇا ڪيئن؟ ڇا نه ڪيئن؟ اِهي سوال آهن. جيڪي اُڀري، ڳاٽ ڪڍي اسان



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

ڪان، توهان ڪان ۽ حڪومت ڪان پڇا ڪري رهيا آهن. جت ڌاڙا ڏوهارين بدران زمين گهرندڙ، ڌاڙيل سان مقابلو ڪندڙ، ڀاڳين سان پريل آهن؛ جت ماڻهن جون چين، آرام ۽ سڪون تباهه ٿي چڪو هجي؛ جت ڀيڙا يا ته مقابلو ڪندي قتل ٿيا آهن، يا پنهنجي نوجوانن کي اغوا ٿي ڪجهي ويندو ڏسن ٿا. فرياد ٻڌڻ ۽ داد انصاف ڪرڻ وارو ڪو ڪونهي، اتي اديب شاعر ۽ پڙهيل ڳڙهيل نوجوان پنهنجي جوانيءَ جو رت ۽ پگهر ڏئي هت، ۽ سعودي عرب مان ڪمائي ايندڙ، نوجوان ڇاڪن؟ ڪهڙي واٽ وٺن؟ جي ڀاڳيا ڌاڙيلن جو مقابلو ڪن ٿا ته جوابدار ٻڌجي ٿاڻن تي ٿا پهچن. جي ڪو ناليرو ڌاڙيل يا ڀاڳيلو مري ٿا وڃن ته ان جو Prize money يا انعام حاصل ڪرڻ لاءِ پوليس جي سپاهيءَ کان وٺي، ڊي آءِ جيءَ تائين دعويدار نڪري ٿا پون!

ان صورتحال ۾ محب وطن شهري ۽ پنهنجي ڳوٺن ۽ گهرن جا وارث ڇا ڪن؟ جتي جپاني ۽ چيني ڇڏائڻ لاءِ حڪومت، وزير، زميندار، ڀاڙاريدار ۽ نيم ڌاڙيل پوليس عملدار جهنگ ۾ لهي پون، سردارن تمندارن ۽ سڳورن کي ڌاڙيل ”ڪَرِ“ ٿي نه ڪن ۽ جتي دنيا ڀر جون ايجنسيون ڪلاڪ، ڏينهن ۽ هفتن جا انتظار ڪندي موٽايا وڃن ۽ پوءِ اڌ مٺل، ۽ بريءَ حالت ۾ ٻاهريان ماهر رشوت ڏئي حڪومت ڇڏائي؛ ۽ ڪروڙين رپين جا چندا ضلعي ۽ ڊويزنل آفيسرن کي ڪرڻا پون، اهڙيءَ حالت کي ORGANISEDANRACHEY منظم انراجيت چئبو ۽ نه منظم حڪومت.

لڳي پيو ته چين جي انقلاب کان اڳ وارو نظارو WARLORD PHENOME-NON ڌاڙيل چڱو مڙس يا ڌاڙيل حاڪم جي حڪومت رائج ٿيندي پئي وڃي، يا وري انگريزن جي آمد کانپوءِ ۽ سندن مضبوط ۽ مستحڪم حڪومت قائم ٿيڻ کان اڳ، جهڙيءَ طرح ملڪ کي پنڊاري ۽ ٺڳن جا ٽولا ڀيلي رهيا هئا، اهڙي حالت سنڌ ۾ آهي. پنجاب، سرحد، اسلام آباد، آزاد ڪشمير ۾ امن امان آهي ۽ بلوچستان ۾ مڪمل سڪون آهي. صرف سنڌ کي ئي انراجيت جي حوالي ڪيو ويو آهي. سنڌ پاڪستان جو اهم ترين صنعتي صوبو آهي. ڪراچي پاڪستان جو ته ڇا، پر اولهه ايشيا جي وڏي ۾ وڏي بندرگاهه آهي. پر حالتون بد کان بدتر ٿي رهيون آهن. زندگيءَ تان ماڻهن جو اعتبار کڄي چڪو آهي. هندو واپاري ۽ پئسي وارا لڏي رهيا آهن. ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جا شيخ، ميمڻ ۽ ٻيا پئسي وارا ۽ ننڍڙا وڏڙا ڪارخانيدار ۽ زميندار شهرن ڏانهن لڏي ويا آهن. (ڪن ڳوٺن کي ته ڇهه ڇهه ۽ ست ست دفعا ڌاڙا لڳي چڪا آهن) مهاجر ۽ پنجابي ننڍن ڳوٺن مان لڏي



www.sindhsalamat.com

ڏني ويچي، تہ ڪهڙيءَ طرح هن سنڌ جي دوزخ کي، جنت ۾ تبديل ڪيون. ڇو تہ دوزخ تہ سيني کي ڳڙڪائي ويندو. سنڌ جا صحتمند، سگهارا، انقلابي، شريف ۽ نيڪ جذبا ممڪن آهي تہ وڏيڪ صدمن جي سٽ سهي نہ سگهندا ۽ ايامن کان حاصل ڪيل نيڪيءَ جا جذبا ختم ٿي وڃن ۽ هر ماڻهو ڏاڙيل ٿيڻ تي سوچڻ لڳي.

(27- جون- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# سنڌين لاءِ وقت جو چئلينج

جواهر لال نهروءَ پنهنجي ڪتاب ”ڊسڪَوري آف انڊيا“ ۾ لکيو هو ته ڀارت جي ڀانت ڀانت جي ٻولين، تهذيبن ۽ ماڻهن توڙي هندستان جي تاريخ جيڪا گهڻو ڪري پسپائي ۽ هار جي تاريخ آهي، ان کي ڏسي حيرت ٿي لڳي ته هيءَ قوم زنده ڪيئن رهي آهي، ۽ ڪهڙي طرح اٽڪل 5، 8 هزار سال قبل مسيح کان وٺي اڄ تائين به لڳاتار جيئري رهي آهي، جدوجهد ڪري رهي آهي ۽ باوجود پنهنجي رنگين قومي طبقاتي ۽ نسلي اختلافن جي هلندي پئي اچي ۽ پنهنجو وجود برقرار رکندي پئي اچي.“ جواهر لال ان جو جواب اهو ڏنو هو ته، مون اهو سوال ڀارت جي چوٽي جي فيلسوف راڌا ڪرشن کان پڇيو. راڌا ڪرشن جو جواب هو ته ”ڪا ضرور ڳالهه آهي جيڪا انهن سڀني مسڪلاتن جي باوجود هندستان جي جيابي کي ممڪن بڻائي ٿي“

سنڌ جي آئيندي جي باري ۾ جيڪي سوال اٿارين ٿا ۽ جيڪي تاريخي حوالا ڏين ٿا، اسان جي هزارين سالن واري غلاميءَ واري تاريخ جو حوالو ڏين ٿا، ۽ اسان جي ڍهڻ، وري نهڻ ۽ وري ڍهڻ، ڪرڻ، اڀرڻ ۽ وڙهڻ ۽ وري ڪرڻ، ڏبجي وڃڻ، ڇيهاڻجي وڃڻ جي ڳالهه ڪن ٿا، انهن جو جواب اهو ئي آهي جيڪو راڌا ڪرشن ڀارت جي قائم رهڻ لاءِ ڏنو هو.

چين جو مثال وٺو، جنهن جي مسلسل 7 هزار سالن جي تاريخ آهي، تهذيب آهي، ٻولي ۽ ٻوليون آهن، وجودُ ۽ وجودَ آهن. ۽ چين ٿاڦڙيو آهي، دسيو ويو آهي،

چنگيز خان جي لوڏن هيٺ لتاڙيو ويو آهي، پر چنگيز خان پاڻ ڪنو ٿي مئو ۽ چين پنهنجي تاريخ ۾ ڪوبه چنگيز خان پيدا نه ڪيو آهي. چين مارون ڪاڌيون آهن. غلام بڻايو ويو آهي، جنهن جو تازو مثال 1931ع کان وٺي 1949ع تائين جپان جي قبضي هيٺ چين کي چيپاٽيو ويو، پيڙيو ويو ۽ ڏارين ۽ پنهنجن جي لڙائي ۾ اڻ ڳڻيا ڪروڙين ماڻهو مري ويا ۽ گهرو ويڙهه، لڳو پئي، ته چيني ماڻهن جي سڀاون کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي. هڪ وقت ريڊ آرميءَ ۾ ساڍا چار ڪروڙ فوجي هئا. هر چيني فوجي تجربي مان گذري چڪو آهي. هن پاسي يا هُن پاسي ۽ 1949ع کان وٺي ”تين مين“ چوڪ جي قتل عام تائين، ايئن پئي لڳو ته چيني پنهنجو سيڪجهه، پنهنجي پوري تهذيب وساري، هڪ خونخوار گهرو لڙائي جي دور ۾ مسلسل هلندا رهيا آهن. نه گيشائون (چڪلا) رهيون، نه ڪنفيوشس تي بحث مباحثا رهيا، چيني عالم، اديب، ۽ شاعر، لڳو پئي ته صرف ٻاهرين ملڪن ۾ وڃي بچيا آهن. پر ويجهي ماضيءَ ۾ آيل خبرن مان معلوم ٿئي ٿو ته گهڻو ڪجهه



www.sindhsalamat.com

بدليو آهي. پر ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ ڪجھ بہ نہ بدليو آهي. ڪنوارين عورتن تي ڪميشن ڪائيندڙ دلال اڄ بہ متيون مائٽيون طع ڪري رهيا آهن. عورتن جو وڪرو عام آهي. افيمچي، جن لاءِ موت جي سزا مقرر ڪئي وئي هئي، سي وري وري پروپئگنڊا جي بندشن مان نڪري، وقت بوقت ظاهر ٿيندي نظر اچن ٿا. اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ چين ۾ ان وقت 2 ڪروڙ آفيمچي هئا. جنهن وقت آفيم تي بندش وڌي وئي هئي. بهرحال 2 سالن اندر دعوي ڪئي وئي هئي تہ چين ۾ هڪ بہ آفيمي ڪونهي. سو لڳي ٿو تہ چين پنهنجن سمورين خوبصورتين ۽ ڪجھ براين سان، پنهنجي جند جي لڙائي، قائم رکيو ويٺو آهي.

اسان سنڌي ڪروڙن ۾ ناهيون، لکن ۾ آهيون ۽ اسان جي وچ ۾ ويريون اچا آهن. ڌاريا آيا آهن جن پنهنجا ڏڻ پنهنجي پنهنجي مَنهن هلائڻ شروع ڪيا آهن. ڪي مهاجر بڻيا ٿا وتن، ڪي پختون خواهہ ۽ ڪي بلوچ. ۽ اسان سخت دٻاءَ هيٺ آهيون تہ هنن جي وجود کي تسليم ڪيون ۽ رڙهي سڙهي، پنهنجي قومي وجود اندر، هنن لاءِ گنجائش پيدا ڪيون. قاتل، اسان جي اديبن، دانشورن ۽ عالمن جي پويان آهن. شهرن مان اسان کي ڌڪيو پيو وڃي. اسانجي يونيورسٽين، ڪاليجن، تعليم گاهن، ايسٽائين جو ٻارن جي اسڪولن مٿان بہ قبضا ٿي چڪا آهن. ڪي يار اسان جي مٿان پنهنجي ٻوليءَ جي برتري مسلط ڪرڻ ٿا چاهين، ڪي اسان کي فتح ٿيل غنيم طور هلائڻ ٿا چاهين ۽ هر شيءِ مال غنميت ۾ شمار ڪرڻ ٿا چاهين. ڪي هيٺو سمجهي، جدگال، بخال ۽ واڻين جي اولاد چئي اسان کي تاريخ جي آماجگاهہ مان تڙي ڇڏڻ تي بضد آهن. ڪن تہ اسان کي پنهنجي تاريخي ڪردار کان رد ڪري ڇڏيو آهي. ڪن اسان کي ميساري ڇڏيو آهي. پر منهنجي دل ٻولي ٿي ۽ مان هڪ باشعور تاريخدان ۽ سياست جون لاهيون چاڙهيون ڄاڻندڙ ماڻهوءَ طور اهو چوڻ تي مجبور آهيان تہ جڏهن تاريخ پنهنجا ٻانبڙا پائڻ شروع ڪيا تہ اسان هياسين، اسان آهيون ۽ اسان قائم رهنداسون. هيءَ هڪ پوڙهي جي ٻَڙِ يا ٻٽاڪ ناهي، هيءَ اسان جي روايتي سنڌين واري ڏاڙ بہ ناهي. هي تاريخ جو فيصلو آهي.

اڳ جڏهن آريائي موهن جي دڙي تي ڪاهي آيا تہ موهن جي دڙي وارن ڏک سهسائي، مارڪائي، نيٺ کين هضم ڪري ڇڏيو. جڏهن هُوڻ ڪاهي آيا تہ هند وانگر سنڌ بہ هنن کي هضم ڪيو. يوناني آيا تہ سڪندر اعظم کي اهڙي بيماري ڏنيسين جو هو ٣٣ ورهين جي عمر ۾ بابل ۾ وقلي وقلي مري ويو. هُوڻ آيا، ايراني آيا، افغاني آيا، انگريز آيا، سڀ پنهنجو وارو وڄائي ويا. اسان سنڌي پنهنجي ماڳ تي قائم آهيون. هو آيا ۽ ويا. جن اسان کي پنهنجو سمجهو تن کي اسان بہ پنهنجو سمجهيوسين. پر جيڪي نہ رهيا، اسان جا نہ ٿيا، سي اڄ تاريخ ۾ موجود ناهن.



www.sindhsalamat.com

اسلام واحد مذهب آهي جنهن کي نہ هند هضم ڪري سگهي ۽ نہ اسان ئي ان کي وري پنهنجو سنڌي ويس وڳو پارائي سگهياسين. پر اهو ڪم سنڌ جي صوفين ڪيو. شاهہ لطيف جهڙو شاعر نہ هند پيدا ڪيو نہ دنيا جي ڪنهن حصي ۾ پيدا ٿيو آهي. سورلي جي چوائي تہ ”شاهہ لطيف دنيا جي شاعرن ۾ عظيم آهي.“ ۽ شاهہ لطيف ان وقت لکيو هو جنهن وقت سنڌين سان ويڌن هئي. سنڌ مٿان يلغارون هيون. سنڌ ۾ جنونين جا راڄ هئا ۽ مذهبي ۽ سياسي اختلافن تي سنڌ جا جوڌا قتل ڪيا ويندا هئا.

پاڪستان قائم ٿيڻ وء هڪ صاحب ڪراچيءَ اچي وفاق جي نالي ۾ قبضو ڪيو. ۽ سنڌ حڪومت کي تڙي حيدرآباد موڪلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌن ئي ايجنٽ سنڌن سامهون سينو ساهي بيٺا. کهڙي کي چيو ويو ”خبر اٿئي تہ ڪنهن سان مقابلو ڪري رهيو آهين؟“ چيائين ”خبر اٿم تہ تون قائد اعظم آهين. بهرحال ڪراچيءَ کي مان خوشي سان نہ ڏيندس“ وري فوجي ڏنڊي جي زور تي ون يونٽ ٺاهيائون. سنڌ جون زمينون ۽ سنڌ جا بچيل قدرتي وسيلا ائين ڪم آندا ويا ڄڻ سنڌن بابي جي ملڪيت هئي. پر ڇئن سالن اندر اولهہ پاڪستان جي اسيمبلي ۾ مسلم ليگ ۽ ريپبلڪن، ٻنهي پارٽين کي گڏجي قبول ڪرڻو پيو تہ ون يونٽ ناڪام ٿيو آهي ۽ ان کي ٽوڙي وري صوبا قائم ڪيا وڃن.

ان کان پوءِ ايوب خان جو دور آيو. هن چيو ”ڪسي ڪا باپ ون يونٽ نهين توڙ سڪتا“(1967) ۾. سوين سنڌي قيد ٿيا. اخبارون ۽ رسالا بندش هيٺ آيا. رائيٽ کان وٺي ليفٽ تائين پوري ليڊر شپ قيد ڪرڻ ۽ سزائن هيٺ هئي. پوري پاڪستان جا سياستدان نااهل ٿي چڪا هئا. پر سنڌ پنهنجي ضد تي قائم هئي. اياز جي هن بيت وانگر....

جاڳ يتائي گهوٽ، سنڌڙي ٿي توکي سڏي
مرن پيون مارئيون، قابو آهن ڪوٽ.
اڄ تہ تنهنجي اوٽ ڏاڍن کي ڏاري وجهون.

يتائي جاڳي پيو. ڪوٽ ڪري پيا. ۽ سنڌ پنهنجو وجود ۽ پنهنجي جند قائم رکندي اچي. اهي جيڪي ماڻهو چون ٿا تہ سنڌي رڳو پاڻي پيڻ ۽ ان اپائڻ لاءِ آهن، تن کي سنڌ جي تاريخ مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. سنڌ جا هندو 70 سيڪڙو نوڪرين ۾ هئا. سمورا شهر، وڏا واهڻ ۽ ڳوٺ هندن جي قبضي ۾ هئا. پر انهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي سنڌين کان جدا نہ سمجهندي بہ، سنڌي مسلمانن کان پاڻ کي برتر مخلوق سمجهيو هو. بهرحال اهي هليا ويا. پر سنڌي اڄ پنهنجي جاءِ تي پوري اهليت حاصل ڪري چڪا آهن. اهي پنهنجا سمورا مسئلا، سمورا ذريعا ۽ سموريون قوتون، سموري زمين، پاڻي، سڀ ڪجهہ پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي قوم جي فائدي لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿا.

سو هاڻي اهي ماڻهو جيڪي پيار تي رهڻ ٿا چاهين، اڄ بہ انهن لاءِ اسان پيار



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

ئي آهيون. پر جيڪي ماڻهو اسان جي وجود جا ويري آهن ۽ اسان کان پنهنجا روزگار، نوڪريون، علم، دانش جا ادارا، واپار، ڌنڌا، شهر ۽ وستيون ڪسي اسان جي سيني تي مڱ ڏرڻ ٿا چاهين، انهن کي ياد رکڻ گهرجي ته سنڌين پنهنجو تاريخي وجود 5 هزار سالن کان مٿي قائم رکيو آهي ۽ ان جا ماڻهو پوئتي هٽيا ناهن، تن ڪجهه وقت لاءِ دشمن کي ويساند ڏني آهي. پر پنهنجي ويرين کي انهن ڪڏهن معاف نه ڪيو آهي. ۽ جيڪا قوم ايڏن ڏکن ڏاکڙن مان لنگهي 20 صدي جي آخري حصي تائين هلندي آئي آهي، جنهن شاهه، سچل، سامي ۽ اياز پئدا ڪيا آهن، ۽ جيڪا قوم اڄ به پنهنجي، نه صرف پچڙن بلڪ سنڌ جي سمورن باشندن جي پيٽ پرڻ لاءِ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ ۽ سندن وات مٺو ڪرڻ لاءِ ساريون، چانور، ڪٽڪ، ڪپڙو ۽ ڪنڊ، گيهه وغيره پنهنجين ضرورتن کان تمام گهڻو وڌيڪ پئدا ڪري رهي آهي، سي ماڻهو مئل نه سمجهو. سي زنده آهن. هڪڙا ڪرندا، ٻيا سندن جاءِ پريندا، ۽ پنهنجي قوم کي قائم رکڻ لاءِ سنڌ، سنڌو ۽ سنڌي، انهيءَ ٽِه- مکي وجود کي قائم رکڻ لاءِ سرگرم رهندا. اهي ٻاڙي آهن جيڪي چون ٿا ته اسان ختم ٿي وياسين يا اسان ختم ٿي ويندا سين، اهي ذهني طرح ضعيف آهن، جيڪي چون ٿا ته سنڌي ختم ٿي چڪا آهن، ۽ اسان هنن کي ڳوٺن ڏانهن ڌڪي ڇڏينداسين، جتي هو اسان لاءِ چوپايو مال ۽ رڍون پاليندا.

تاريخ هڪ نئين چئلينج سنڌين آڏو آڇلي آهي. اسان کي پنهنجا ساٿي سُڃهن ٿا. اڄو ته سڀ سڃاڻ گڏجي هڪ راءِ تي اچون ۽ هڪٻئي خلاف نه، پر سنڌ جي ويرين خلاف، جدوجهد ڪيون.

(4- جولاءِ- 1991ع)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

## "جبل کي ٿيا سور، ڄاوس رڳو ڪُئي."

سو سائين فوج جي سربراه، وزير اعظم، صوبائي وزير اعليٰ ۽ ٻين واسطو رکندڙ ايجنسين ۽ آفيسرن وڏي غور ۽ فڪر ڪانپوءِ صدر کان هڪڙو فرمان جاري ڪرايو ۽ هٿيارن واري قانون ۾ درستي ڪرائي ته غير قانوني هٿيار رکندڙن کي وڌ ۾ وڌ سزا پنجويهه سال ڏني ويندي!

اها ته اڳئي خبر اٿوَ ته ڪلاشنڪوف ۽ ٻين خطرناڪ آٽو ميٽڪ (خودڪار) هٿيارن وارا ڪيس اسپيشل ڪورٽن ۾ هلندا آهن.

بلوچستان ۽ سرحد جي حڪومتن ان ترميم کي قبول ڪرڻ کان ٿي انڪار ڪيو ته پندرهين جولاءِ تائين سيئي غير قانوني هٿيار ٿاڻن تي پيش ڪيا وڃن. انهن ٻنهي صوبن ۾ هٿيار ڪٺڻ مڙس ماڻهوءَ جي نشاني آهي. پٺاڻ ۽ بلوچ هٿيارن کي پنهنجا زيور سمجهندا آهن. نيپ (NAP) حڪومت واري دور ۾، ١٩٧٢ع ۾ عطاءالله مينگل، وزير اعليٰ بلوچستان، بلوچن ۽ پٺاڻن کي اپيل ڪئي هئي ته پنهنجا هٿيار رجسٽرڊ ڪرائين. پر ڪنهن به همراه پنهنجا هٿيار رجسٽرڊ ڪونه ڪرايا، جو ته پٺاڻ ۽ بلوچ جي جسم جي ويس وڳي سان گڏ هٿيار به شامل آهن. انگريز به انهن کي مجبور ڪري نه سگهيو هو ته هو هٿيارن لاءِ لائيسنس وٺن يا انهن کي رجسٽر ڪرائين. ٿاڻي تي هٿيار جمع ڪرائڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿي پيدا ٿيو.

هڪڙو دوست، جيڪو تازو آمريڪا مان موٽي آيو آهي، سو هڪڙو پوسٽر کڻيو آيو آهي، جنهن ۾ لکيل آهي ته لائيسنس تي هٿيار ڏيڻ معنيٰ ڏوهاري ۽ گناهگار کي بنا لائيسنس جي هٿيار ڏيڻ آهي، آمريڪا جا چار پنج صدر قتل ڪيا ويا آهن ۽ صدر ريگن تي به قاتلاڻو حملو ٿيو هو، جنهن ۾ موجوده صدر بش کي به زخم رسيا هئا. پر آمريڪا جا قانون ساز ادارا آئين ۾ ڪا به ترميم آڻڻ لاءِ تيار نه آهن ته هٿيار خريد ڪرڻ لاءِ لائيسنس ضروري ٿيندو. آمريڪي آئين هيٺ هر آمريڪيءَ جو بنيادي حق آهي ته هو هٿيار رکي يعني آمريڪن سوچ مطابق لائيسنس لاءِ شهريءَ کي مجبور ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي، ته صلح پسند شهري کي غير مسلح ڪرڻ ۽ ڏوهاريءَ کي ڇوٽ ڏيڻ.

٧ جولاءِ ١٩٩١ع تي سنڌ سرڪار هڪ صفائي اخبار ذريعي پيش ڪئي ته ڊپٽي ڪمشنرن مٿان جيڪا پابندي هٿيارن جي متعلق هئي، سا لاٿي وڃي ٿي ۽



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

ڊپٽي ڪمشنر هاڻي هٿيار عام جام ڏئي سگهندا. نتيجي ۾ ڇيو وڃي ٿو ته هزارين بنا لائيسنس وارا هٿيار راتو رات قانوني طرح حاصل هٿيارن ۾ شامل ٿي ويا.

خبر ناهي ته مقصد ايندڙ چاڀن کان اڳواٽ ئي، سمورن غير قانوني هٿيارن کي، قانون جي دائري اندر آڻڻ آهي يا نه، پر ڳالهه صاف ظاهر آهي.

ڳوٺن اندر ورهين کان عوام ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي آهي ۽ انگريزن جي دور کان وٺي هڪڙو چوڪيداري قانون به موجود آهي. ۽ هٿيار ڳوٺن ۾ چوڪيداري سرشتي قائم ڪرڻ لاءِ عام جام ڏنا ويندا آهن پر انهن ماڻهن جي تصديق پوليس کي ڪرڻي هوندي آهي، جن کي هٿيار رکڻ جي لائق سمجهيو ويندو آهي. نتيجي ۾ چوڪيداري سرشتي هيٺ به هٿيار تمام ٿورن ماڻهن کي ملندا آهن. ڌاڙيلن کي لائيسنس جي ضرورت ڪانهي. هٿيار انهن کي جتان ڪٿان پهچن پيا ۽ بارود ۽ هٿيار ڪجهه بگڙيل پوليس عملدار به هنن کي پهچائن پيا... ڪيترن مقابلن ۾ ڏيکاريل بارود ۽ گوليون حقيقت ۾ خرچ ئي نه ٿيندا آهن، بلڪ اهي ڌاڙيلن کي پهچي ويندا آهن.

ويڏن در اصل عام ماڻهوءَ سان آهي. وچولي طبقي واري ماڻهوءَ سان آهي. ڳوٺاڻي ننڍي ڪاٺيدار سان آهي. انهيءَ ماڻهو سان آهي، جنهن جو پٽ سعودي عرب ۾ يا دبئي ۾ ڪمائي رهيو آهي. ان ڪري صورتحال اها آهي ته ڀاڳيو ۽ امن پسند شهري، ڌاڙيل جي مقابلي ۾ بي هٿيار آهي، مجبور آهي. سنڌس لاءِ ڪا واٽ بچاءَ جي ڪانهي ۽ ڌاڙيل کي لائيسنس ڪپي ئي ڪون. قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسين جو خيال آهي ته جي سڀ هٿيار واپس وٺجن يا لائيسنس تي رکڻ ڏجن ته امن امان قائم ٿي ويندو. ڪهڙو نه خام خيال آهي!

"جي چاهيو ٿا امن " ته "جنگ" لاءِ تياري ڪريو." اهو قول صرف قومن جي وجود ۽ بچاءَ لاءِ نه آهي پر هر انسان سان به لاڳو ٿئي ٿو. جي بچڻ چاهين ته وڙهڻ لاءِ تيار رهه ۽ جي ان لاءِ تيار رهندين ته ممڪن آهي ته ڪجهه مار ڪائيندين. ڪجهه هرج ٿيندو. وقتي پنهنجو بچاءَ ڪندي، ڪجهه ماڻهو مري به پوندا آهن. پر اهو يقين آهي ته جيڪڏهن هر شهريءَ کي مسلح ٿيڻ جي آزادي هجي ته ڌاڙيل هر ڳوٺ ۾ مقابلن ۾ ماريا ويندا. پر مسئلو اهو آهي ته جي ڌاڙيل ختم ٿي وڃن ته جن جو گذران ڌاڙيلن تي آهي ۽ ماڻهن کي هيسائڻ ۽ دٻائڻ تي آهي ۽ هنن کا ڀنگ وصول ڪرڻ تي آهي، سي ڪاڏي ويندا؟

ان ڪري ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته عوام ۽ قوم جا ڳهٽگهرا هٿيارن جي لائيسنس واري پوري سرشتي تي نئين سر سوچين. ڇو ته جتي لائيسنس ناهي، اتي بلوچستان ۽ سرحد وانگر امن امان آهي، جتي لائيسنس آهي، اتي (سنڌ ۾



www.sindhsalamat.com

پنجاب ۾) ڏوهه ٿين ٿا. بلوچستان ۾ سرحد جا وڏا ماڻهو پنهنجي حفاظت لاءِ ڪوٺن جي مورچن اندران هٿيار بند ماڻهو رکندا آهن. صرف سنڌ ۾ پنجاب جا ماڻهو ڌاڙيلن ۾ ڏوهارين هٿان موچڙا کائيندا رهن ٿا. ڪو طريقو نڪرڻ کپي، جيئن پر امن شهري پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿيار بند ٿي سگهي. نه ته ڏوهاري آزاد ۾ عام ماڻهو قيد ۾ بند رهندا.

(11- جولاءِ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# مارشل لا محدود/لا محدود

گهمي ڦري ڳالهه انهيءَ تي اچي بيٺا آهن تہ "مارشل لا" "محدود مارشل لا" يا "مختصر مارشل لا" ملڪ سان لڳائي وڃي ۽ ان لاءِ تازو ئي جيڪو سڀ کان وڏيڪ سبب بڻيو آهي، سو آهي لاهور ۾ شيخو پوره وغيره اندر لونءِ ڪانداريندڙ قتل عام، جن ۾ مرد، عورتون ۽ ٻار پنهنجي گهرن ۾ ڪُٺل لڌا ويا آهن ۽ قتل جي اهڙن جوابدارن جو اڃا تائين ڪو نالو نشان ڪو نہ ٿو ملي.

مارشل لا حقيقت ۾ قانون جي حڪمرانيءَ کان قطعي انحراف جو نالو آهي ۽ جڏهن بہ مارشل لا، محدود مارشل لا، اسانجي ملڪ ۾ لڳو آهي تہ سَکن سان گڏ آلا بہ سڙي ويا آهن. سنڌ ۾ ١٩٤٢ع کان وٺي نوابشاهہ، سانگهڙ، سکر ۽ ٿرپارڪر جي علائقن ۾ مارشل لا هو، جنهن جي نتيجي ۾ سوين حُرَ ۽ سندن پير سيد صبغت الله مٺان سمري ملٽري ڪورٽ ۽ جنرل ڪورٽ مارشل لا ۾ ڪيس هلائي ڪين ڦاهي چاڙهيو. لکين پر امن شهري جيلن ۾ وڌا ويا ۽ سانگهڙ جي مکي ڍنڍ ايريا مان حُرن جا هزارين خاندان پٽي ۽ ٽڙي وارهہ، روهڙي ۽ ٻين دور دراز علائقن ۾ لوڙهن ۾ واڙيا ويا. اهڙي مارشل لا انگريز جي دور جي ٻين مارشل لا وارن وقتن جي لاءِ اگر ڪو جواز هو، تہ اهو تہ هُو ڌاريا هئا. غير ملڪي هئا ۽ سندن اقتدار لاءِ چئلينج هئي، جنهن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ غير قانوني قانون جاري ڪرڻ لاءِ ڪو جواز ٿي سگهيو پئي.

ٻي عظيم جنگ دوران جڏهن جپان، برما تي قبضو ڪري ويو تڏهن، آسام ۽ بنگال ۾ محدود مارشل لا اختيارات نافذ ڪري، پهرين سئو ميل ۽ تنهن کانپوءِ بہ سئو ميل پٽي خالي ڪرائي، لکين ماڻهن کي لڏرائي پوئتي ڌڪيو ويو هو، تہ جيئن هو فوجي ڪارروائين ۽ حفاظتي ڪارروائين ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي سگهن. ١٩٨٨ع جي چونڊن ۾ بينظير جي پ پ چونڊجي اچڻ کانپوءِ مٿس ڪيترا دفعا دٻاءُ وڌو ويو تہ محدود علائقن ۾ فوج کي محدود اختيارات ڏنا وڃن. پر بينظير حڪومت جائز طور انهن دٻائن جو مقابلو ڪيو ۽ فوج کي وڏي پئماني تي ڪم آڻڻ کان انڪار ڪيو. ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ۽ پاڪستان جي آئين هيٺ شهري حڪومت ڪنهن بہ وقت فوجي مدد لاءِ گهر ڪري سگهي ٿي ۽ سوين موقعن تي بنا گهر ڪئي بہ فوج پنهنجن دادلن کي بچائڻ لاءِ ٽپي پئي، جهڙي طرح پڪي قلعي جي آپريشن وقت دهشتگردن کان هٿ ڪيل هٿيارن تي فوج اچي قبضو ڪيو ۽ دهشتگردن کي ناجائز غير قانوني بچاءُ ڏنو. هوئن بہ اسان وٽ ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع کان وٺي ڪانہ ڪا مارشل لائي صورتحال رهي آهي. چو تہ ملڪ جي



www.sindhsalamat.com

۽ آزمائي چڪا آهيو ۽ قوم جي برداشت جو آزمودو اوهان کي اڳي ئي آهي. لتاڙي سلهاڙي، دٻائي توهان ماڻهن جون تخليقي قوتون ته نابود ڪرائي سگهو ٿا پر ڌاڙيلن ۽ خونين جي ختم ڪرڻ جو نسخو مارشل لا يا محدود مارشل لا ناهي. ڌوهن گهٽائڻ ۽ ڌوهارين کي ڌوهه کان جهلڻ لاءِ:

١- ملڪ ۾ مڪمل جمهوريت رائج ڪئي وڃي. جنهن جي معنيٰ اسيمبلين جي اندر ۽ اسيمبلين جي ٻاهر مخالف ڌرين جي راءِ، مشوري کي اهميت ڏني وڃي ۽ انهن سان صلاح مشورا ڪري ڌوهن جي ختم ڪرڻ لاءِ تجويزون رٿيون وڃن. جنهن لاءِ پهرين ضرورت آهي ته اسيمبلين جي اندر مخالف ڌرين لاءِ احترام پيدا ڪيو وڃي ۽ انهن سان قوم جي نفعي نقصان جي باري ۾ مڪمل صلاح مشورو ٿيڻ کپي، ڪو به قانون ۽ آئين جي ترميم انهن جي راضپي کان سواءِ پاس نه ڪئي وڃي.

٢- تجويز آهي ته ڌاڙيلن کي عام معافي ڏني، ڪارآمد شهري بڻائڻ لاءِ سمورين حڪمران ۽ مخالف پارٽين سان صلاح مشورا ڪرڻ بعد عمل ڪيو وڃي.

٣- پوليس، فوج ۽ اسمگلر، جيڪي هٿيار ڌوهارين کي پهچائين ٿا اهي سڀ خوداحتساب ۽ اندرين صفائيءَ ذريعي هٿيار واپس ورتا وڃن ۽ گندن جرڪن کي انهن ادارن مان پاڪ ڪيو وڃي.

٤- جيستائين ڪه هٿيار لائيسنس تي عام ماڻهن کي پنهنجي حفاظت لاءِ نٿا ڏنا وڃن، تيستائين پوليس، ملٽري ۽ سول ايجنسيون مشڪل سان ڌوهارين کي منهن ڏئي سگهنديون ۽ آخر ۾ سڀ کان اهم نڪتو اهو ئي آهي ته جيستائين توهان سماج مان اڻ برابري ختم نه ڪندا، جيستائين ڪروڙ پتي ۽ ڪک رهندا، جيستائين ڪه امير ۽ غريب، ڏاول ۽ ٻڪيا، سکيا ۽ ڏکيا، سون ايڪڙن جا مالڪ ۽ بي زمين هاري، هن سماج ۾ رهندا، تيستائين سکيا پاڻ کي محفوظ نه سمجهن ۽ ڏکين مان کين هميشه خطرو رهندو.

(18- جولاءِ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## گوربا چوف خلاف بغاوت

اڄ ڪلهه پاڪستان توڙي سڄي دنيا ۾ اهو بحث جاري آهي تہ ڇا ڪميونزم ۽ سوشلزم يا مارڪسزم، لينزم جو ڪو ڪردار باقي رهي ٿو يا نہ؟ ڪيترائي ماڻهو اهو فيصلو بہ ڪري چڪا آهن تہ ڪميونزم ۽ سوشلزم ختم ٿي چڪو آهي يا ختم سمجهڻ گهرجي ۽ مخالفن تہ ان تي فاتحہ بہ پڙهي ڇڏي آهي.

سوويت يونين جي ڪجهہ ليڊرشپ اهو چئي رهي آهي تہ مارڪسزم لينزم جي ڪا ضرورت نہ رهي آهي ۽ انهن اها بہ تجويز پيش ڪئي آهي تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو نالو تبديل ڪري سوشلسٽ يا سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي رکڻ گهرجي ۽ ڪجهہ ڪميونسٽ پارٽين تہ اڳ ئي پنهنجو نالو ورڪرس پارٽي يا سوشلسٽ پارٽي رکي، اهو سمجهي ورتو آهي تہ باقي سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندو.

سوال صرف نالو تبديل ڪرڻ جو ناهي، بلڪہ نظريي، طريقہ ڪار ۽ آدرش جو آهي. سوال پيدا ٿو ٿئي تہ سوويت يونين جي موجوده معاشي صورتحال جي پيش نظر سموري ڪميونسٽ فلسفي، نظريي ۽ طريقہ ڪار، هر آدرش کي ختم ڪرڻ گهرجي؟ جيئن ڪجهہ پارٽيون ۽ ماڻهو تجويز ڏئي رهيا آهن.

اهي سوال انهيءَ ڪري اڀريا آهن ڇاڪاڻ جو سوشلسٽ معيشتون ۽ پيداوار ماڻهن جي ڪاڌي پيتي ۽ رهڻ جي آسانين ۾ تہ سوويت يونين پوئتي رهجي ويو، ليڪن ٻي عالمي جنگ کي شڪست کاڌل اولهہ جرمني ۽ هاڻ جپان ۽ پوءِ وري ڏکڻ ڪوريا، تائيوان ۽ سنگاپور جهڙا ننڍا ملڪ پيداوار ۾ اڳتي نڪري چڪا آهن ڇاڪاڻ جو انهن وٽ مارڪيٽ اڪانامي يا فري مارڪيٽ اڪانامي يا ڪيپٽلسٽ ڪارل مارڪس نظام قائم آهي. ڪميونسٽ نظام جي مرڪزي پلاننگ ناڪام ٿيندي نظر اچي رهي آهي ۽ معيشتي نظام وڏي پيماني تي آزاد معيشتي نظام جو متقاضي آهي.

پهرين ڳالهہ جيڪا سمجهڻ جي آهي سا مختصر طور چوڻ گهران ٿو تہ مارڪسزم ۽ لينزم ختم نہ ٿيا آهن ۽ نہ ئي وري ٿيڻ جو امڪان آهي، ڇاڪاڻ جو سماج، ڪيپٽلزم کي هلائڻ وارا قانون، محرڪات ۽ طريقہ ڪار ۽ ڪيپٽلسٽ پيداوار مان جنم وٺڻ واريون تخليقي قوتون طبقاتي جدوجهد ۽ ان جي سماج جي انقلابي نئو ترتيب جو ڪم ڪارل مارڪس پنهنجي ذهن مان تخليق نہ ڪيو هو. مارڪس سرمائيداري نظام جي ارتقائي صورتحال ۾ سمجهڻ ۾ مدد ڏني ۽ اها خوشخبري ٻڌائي تہ شهري طرح سرمائيداريءَ کان اڳ وارا نظام ابدي



www.sindhsalamat.com

۽ اٽل ناهن، ان ۾ لڳاتار تبديلي ايندي رهي آهي ۽ ايندي رهندي. پنهنجي ڪتاب ڪيپٽل ۾ مارڪس رکو اهو چيو آهي ته سرمائيداري نظام ۾ اهو طبقو پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو ان جي قبر کوٽڻ وارو آهي ۽ جن مزدورن سرمائيدار قوتن، کي منظم ۽ متحرڪ ڪيو آهي، سي سرمائيداري نظام جو تختو اونڌو ڪندا ۽ نئين سماج جو بنياد وجهندا. مارڪس کان اڳ رابرٽ اوين فورئير ۽ ڪيبٽ ۽ ٻيا آدرش پسند ماڻهو (يوٽوپيائي) چوندا رهيا آهن ته خانگي ملڪيت چوري کان سواءِ ٻئي ڪا به شيءِ ناهي ۽ سماج مان اڻ برابري ۽ ابتري ختم ٿيڻ گهرجي. ليڪن انهن جون تجويزون خيالي هيون. مارڪس هڪ سائنسي تجزيو ڪري اهو ٻڌايو ته سوشلزم جو اچڻ اٽل ۽ ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو سوشلزم آڻڻ بنا نا انصافي، اڻ برابري ۽ ظلم ختم نه ٿيندو.

لينن رکو ويهين صديءَ جي حالتن ۽ روس جي خاص حالتن ۾ پرولتاري ڊڪٽيٽر شپ جو نعرو ڏنو ۽ هڪ ڪامياب انقلاب برپا ڪري سوشلسٽ سوويت يونين جو بنياد وڌو. جيڪو ستر سالن تائين سڄي دنيا جي مظلومن، پيڙهيل ۽ ڏتڙيل قومن ۽ پوئتي پيل ماڻهن لاءِ روشنيءَ جو منارو بڻيل رهيو ۽ هاڻي به ڪروڙين ماڻهن جي اڳين لاءِ رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

منهنجي نظر ۾ مارڪسزم لينزم ختم نه ٿيو آهي. برنارڊشا چيو هو ته: ”مارڪسزم انهن ماڻهن کي روشني ڏي ٿو جيڪي سماج کي بدلائڻ جو طريقو ڄاڻن ٿا“ ته اڄ به پوئتي پيل ڪروڙين عوام ۽ ظلم جي ڄانداهه ۾ پيڙهجندڙ دنيا جا مزدور، پورهيت، هاري ۽ غلام قومون سوويت تجربي مان فائدو وٺندي، مرڪزي رٿابندي ۽ تنظيم ۽ منظم جدوجهد ۽ انقلابن جي ذريعي پنهنجي سماجي جدوجهد کي پايه تڪميل تائين پهچائي رهيا آهن يا پايه تڪميل تائين پهچائڻ جو پڪو عزم رکن ٿا. ان ڏس ۾ ڪجهه ماڻهو اهو به چئي رهيا آهن ته سوويت يونين متحد نه رهي سگهندو ۽ اتي سرمائيداري نظام قائم ٿي ويندو. اهي اڳ ڪٿيون جيڪڏهن ميچجن به ڪٿي ته به ڪميونسٽ چين، ويتنام، ڪيوبا ۽ سڄي دنيا جا اهي ملڪ جتي نيم سوشلسٽ معيشتون آهن، اهي ختم نٿا ٿي وڃن ۽ پنهنجي جاءِ تي قائم آهن ۽ قائم رهندا.

روسي سوشلسٽ انقلاب خاص حالتن ۾ آيو هو. جتي حڪمران زار شاهيءَ جي نظام جي پيچ ڊاهه ۽ شڪست جي نالي تي ڪجهه همراهن هڪ هٽي ۽ نوڪر شاهي، لٽ مار شروع ڪئي هئي. جنهن کي روڪڻ وارو ڪس ڳولهي رهيا آهن. گوربا چوف رهي يا نه رهي پر سوشلزم ۽ ڪميونزم جي نالي تي جيڪا پارٽي هڪ برف جو جبل بنجي چڪي هئي، هن جي اندر درد جي جي گهٽتائي ۽ زندگي جمي چڪي هئي، سا برف هاڻ ڳري رهي آهي ۽ ڳري ويندي ۽ ڪميونسٽ پارٽي



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

هڪ جنونين جي پارٽي نہ پر انهن سخت دل آدرش رکندڙ انقلابين جي پارٽين بنجي رهي آهي ۽ بنجي ويندي، جيڪي ڪليل دل سان هڪ ٻئي ڪي ساٿي، دوست ۽ گڏيل جدوجهد ۾ هم خيال مجاهد سمجهندا.

فرانس، انگلينڊ ۽ آمريڪا جي بورجوا انقلابن ختم ٿيڻ سان برابري، ڀائيچارو ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ختم نہ ٿي هئي، اها هاڻ بہ هلي رهي آهي. اهڙي ريت سوويت يونين ۽ اوڀر يورپ جي پرولتاري ڊڪٽيٽر شپ وارين پارٽين جي ختم ٿيڻ سان پگهر وهائيندڙ ۽ مظلومن جي سوشلزم يا سماجي برابري ۽ برادري جي جدوجهد قائم ۽ دائم رهندي، جيستائين دنيا جي گولي تي خوشحالي ۽ فلاح جي بنياد تي نظام قائم نہ ٿا ٿين.

آمريڪا ۽ روس جي عالمي طور تي هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۽ گڏيل قومن ذريعي هڪ ٻئي جا اختلاف ختم ڪرائڻ جي پاليسي ۽ انهيءَ عظيم ۽ عالمگير تحريڪ جي عڪاسي ڪري ٿي، جنهن جو مقصد دنيا جي عوام جي دلين مان ايٽمي جنگ، ڪيميائي ۽ بايولاجيڪل لڙائي جو ڀو ختم ڪرڻ آهي، متوقع تباهي بہ انهي مامري ۾ شامل آهي جيڪا مختلف سوچ رکندڙ قومن کي ڏکي رهي آهي تہ دنيا هڪ ننڍڙو گڏيل ڳوٺ بڻجي وئي آهي جنهن ۾ اسان ڪي باوجود جهيڙن جهٽن جي گڏجي رهڻو آهي ۽ ملي زندهہ رهڻو آهي ۽ ڌرتي مان جيڪي برڪتون اسان کي مليل آهن، تن کي اسان کي ونڊي ورهائي رهڻو آهي، سرمائيداريءَ وارا رڳو، ٻين ڪان سواءِ دنيا جا ۷ ۽ وڏا سرمائيدارملڪ، روس کي پنهنجن شرطن تي مجبور ۽ ذليل ڪري اقتصادي امداد جو فارمولو تجويز ڪري رهيا آهن. هيل تائين سوويت يونين ۾ اهڙي طريقي ملڪي افق تي غير مرڪزيت ۽ فروغ لاءِ جڳهہ پيدا ڪرڻ لاءِ جيڪي تجويزون ڏنيون ويون آهن، انهن ۾ مارڪيٽ اڪانامي ڪمپنين کي بہ فروغ مليو آهي تہ اهي سوويت يونين ۾ ڪارخانا کولي سگهن ٿيون. اها ڪا نئين ڳالهہ ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ ۱۹۲۱ع ۽ ۱۹۳۲ دوران آمريڪي ڪمپني فورڊ ۽ راڪ فيلر ۽ ٻين ملڪن، روس ۾ ناٽو لڳائي سوويت يونين کي پنهنجن ذريعن کي وڏي پئماني تي وڌائڻ ۽ قابل بنائڻ لاءِ سهڪار ڪيو هو. اهو ممڪن آهي تہ ڪجهہ گهٽ قومي ڪمپنين کي اجازت ڏيڻ سان ڪجهہ ڪميونسٽ ملائن کي پوءِ ۽ ڳٽي ٿيندي هجي پر سوويت يونين جي مضبوط معيشت جي ڍانچي جا امڪان تمام گهٽ ٿي آهن. وڌ کان وڌ اهوئي ٿي رهيو آهي ۽ اهو ٿيڻو آهي تہ وڏيڪ مرڪزيت هجڻ ڪري جيڪي موقعا ۽ پش قدميءَ جي جيڪا کوٽ هئي، ان کي هٽائڻ لاءِ پوري نظام کي ڦهلائڻ ۽ جاڳائڻ جي ضرورت پوندي.

نظرين، آدرش، طريقڪار ۽ حڪمت عمليءَ، انهن سڀني ۾ ڪجهہ نواڻ لازمي طور تي آڻي پوندي ۽ آندي وڃي پئي پر مختلف مرحلن تي پٺتي پيل قومون



www.sindhsalamat.com

هاڻ به مارڪس، لينن، اينجلز، اسٽالن ۽ مائو جي خيالن مان لاڀ حاصل ڪنديون رهنديون. هاڻ ته يوري ايشيا، آمريڪا، آفريڪا جون پٺتي پيل قومون پنهنجي آجپي جي لڙائي، پنهنجي وجود ۽ برابري، ڪاري، يوري، ننڍ وڏائي، هندو، مسلم، مسيحي جي واڪاڻ خلاف سرگرم آهن ۽ انهي ويڙهه ۾ مارڪس ۽ لينن اسان جا سرواڻ آهن. اهو ضروري ناهي ته قومي آزادي ۽ سوشلزم جي ويڙهه صرف ريتي رت ذريعي آندي وڃي ۽ پارٽيءَ کي خون خوار ڊسيپلين جي آڌار تي هلايو وڃي. حڪمران ڪميونسٽ پارٽين جي اندر مرڪزيت ۽ ڪامريڊ شپ جي جذبي وارو جيڪو فقدان ٿي ويو هو اهو ختم ڪري، وري ڪميونسٽ سوچ رکندڙ ماڻهن کي عالمگير انقلاب جو هر اول دستو بڻائڻو آهي ته ڪميونزم کي، مارڪسزم ۽ لیننزم کي پنهنجي ملڪيت پنهنجو ڌرم ۽ خاص فارمولو سمجهڻ بجاءِ، مارڪسزم ۽ لیننزم کي هڪ صحتمند ۽ مساوي، نيڪ ۽ فلاحي معاشرو بڻائڻ لاءِ هڪ برادري سمجهڻو پوندو.

(8- آگسٽ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# مرحوم تاج محمد ابڙو

مرحوم تاج محمد ابڙي مون سان هلڪي سلڪي واقفيت ۱۹۴۵ع ۾ ئي پيدا ڪري ورتي هئي. هو جڏهن ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ پڙهيو پئي، تڏهن سنڌس اچ وڃ اسان جي، لائيٽ هائوس سينيما جي سامهون، ٽريڊ يونين ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ واري آفيس ۾ هئي. منهنجيون مصروفيتون وڏيڪ ٽريڊ يونين (مزدور يونين) ۾ هيون ۽ تاج محمد ان وقت شايد نالي ماتر مسلم اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ ميمبر هو، جنهن جو ان وقت صدر علي گوهر کهڙو ۽ سيڪريٽري عبدالستار شيخ، هئا. اسان جو ان وقت عارضي نڪاح مسلم ليگ سان هو، ڇو ته اسان پاڪستان کي مسلم اڪثريت وارن علائقن جي خودمختياريءَ واري حق طور ڪري پئي پيش ڪيو.

پاڪستان ٺهڻ بعد، وڏي پيماني تي گرفتاريون ٿيون ۽ اسان سمورا ٽريڊ يونين ۽ پارٽي ڪارڪن جيل ۾ پهچي وياسون. منهنجي رهائي مارچ ۱۹۵۲ع ۾ فيڊرل ڪورٽ جي فيصليءَ سويو گيانچندائي برخلاف ڪرائون مطابق ٿي ۽ مان آزاد ٿي ڳوٺ پهتس ته تاج محمد ۽ مولوي نذير حسين جتوئي ڳوٺ آيا ۽ سڏ ڏنائون ته جڏهن به لاڙڪاڻي اچان ته تاج محمد وٽ منهنجي لاءِ هميشه رهائش جو انتظام رهندو، جلد ئي صحت مند ٿيڻ ڪانپوءِ مان لاڙڪاڻي آيس ۽ سڌو سنئون تاج محمد جي آفيس تي، جيڪا لاڙڪاڻي ٽائون پوليس اسٽيشن سان لڳ هئي، اتي رهيس.

پارٽيءَ جو هڪ سيل ٺهيو. هاري ۽ مزدور تحريڪن سان تاج محمد جو اڳيئي گهرو لاڳاپو هو ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، مولوي نذير حسين، دوست محمد ابڙو، نبي بخش ٽنيو، مير محمد شيخ ۽ ٻيا ڪيترائي هاري ورڪر هن وٽ ايندڙ ويندڙ هئا. انهن سان ملاقاتون ٿيون.

سياسي ڪتابن جو شوق ته تاج محمد کي اڳيئي هو. مون ڪيس سنڌي آڪاٿيون، رسالي ۽ خاص ڪري نئين دنيا ۽ ڊيبلائي جا ترجما ڪهرائڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ پوءِ حقيقت ۾ تاج محمد ئي بحيثيت خود لاڙڪاڻي واري سنڌي ادبي سنگت به قائم ڪري ورتي، جنهن جا پهريان سرگرم ڪارڪن اياز قادري، جمال ابڙو، هري دريائي دلگير، انيس انصاري ۽ وڏيرو علي محمد عباسي هئا.

ٿوري وقت ڪانپوءِ اسان ٻئي گڏجي سکر وياسون. جتي سيد شمس الدين شاه جيڪو منهنجو ڪلاس فيلو ۽ پراڻو خاڪسار ۽ هاري ڪاميٽي ۾ سرگرم



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

ڪارڪن هو، ان وٽ مونکي چڏي، تاج محمد پوئتي لاڙڪاڻي موٽي ويو. ان زماني ۾ قاضي فيض محمد، شمس الدين شاهه، مولوي نذير حسين ۽ پين جو اختلاف ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سان ٿيو هو، جنهن ڪري ٻه هاري ڪاميٽيون بنجي ويون هيون ۽ تاج محمد، شمس الدين شاهه کي آماده ڪيو، جنهن ڏک ڏوڙ ڪري هڪ هاري ڪاميٽي قائم ڪرائي ۽ وري ڪنهن به ننڍي وڏي اختلاف جي بنياد تي هاري ڪاميٽي ٻه ٽڪر نه ٿي.

مرحوم تاج محمد هڪ ئي وقت پنهنجي ذات ۾ هڪ انجمن هو. هن وٽ سياسي ليڊر، روپوش ۽ اديب اينڊڙ ويندڙ هئا ۽ سندس تعلق ان وقت جي سمورين سياسي شخصيتن محمد ايوب کهڙو، قاضي فضل الله، علي محمد عباسي، ڪامريڊ حاجي پيرزادو، نبي بخش تنيو ۽ ايرندڙ شخصيت ذوالفقار علي ڀٽي سان به هو. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ جون صوبائي چونڊون ٿيون، جنهن لاءِ سنڌي عوامي محاذ پاران ۴۲ اميدوار هارين ۽ پورهيتن جي غريب طبقي جا ٻيڻا ۽ ست اٺ ڄڻا محترم جي ايم سيد جي گروپ جا ٻيڻا. تاج محمد پوري تندهيءَ سان عوامي محاذ لاءِ ڪم ڪيو ۽ خاص طور منهنجي اليڪشن آفيس پهرين ئي سندس آفيس ۾ هئي، جا پوءِ ڪٺي مولوي نذير جي هڪڙي مسواڙ جي دڪان ۾ قائم ڪئيسين. لاڙڪاڻو، دادو، نوابشاهه ۽ سانگهڙ چار ضلعا هڪ هندو تڪ هئا ۽ سامهون گبر سيٺ سيرومل ڪرپال داس پيراڻي وارو، مسلم ليگ ۽ پير صاحب پاڳاري جي ذاتي حمايت سان بيٺل هو. اسان همٿ ڪري تقريباً سڀني پولنگ اسٽيشن تي پنهنجا ماڻهو ويهاريا ۽ (اڄوڪي دور ۾) توهان کي اهو ٻڌي تعجب ٿيندو ته ڪراچيءَ مان ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جا ترقي پسند شاگرد، ڊاڪٽر هاشمي، ڊاڪٽر خواجا معين ۽ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي، جيڪي ڊاڪٽري پيشي ۾ اڄ چوٽي تي آهن. اهي سمورا به ان اليڪشن دوران مون واري تڪ ۾ سائيڪلن تي چڙهي ۽ پيدل پنهنجي هڙان خرچ ڪري ڪم ڪرڻ لاءِ آيا؛ ڪراچيءَ وارو ٽولو ڪامريڊ پوهو جي اڳوائي هيٺ هو ۽ لاڙڪاڻي وارن ورڪرن ۾ مولوي نذير حسين ۽ دوست محمد ابڙو، ڪامريڊ تاج محمد ابڙو، نبي بخش ڪوسو، غلام نبي ڪوسو ۽ ان ڪانسواءِ سڄي سنڌ جا ڪيترائي هاري ورڪر ۽ ڪم ڪندڙ آيا هئا. اليڪشن ظاهر آهي ته سرمائيدار کٽي، پر غنيمت آهي ته اسان ڪل ۱۸ هزار داخل ٿيل ووٽن مان ٦ هزار ووٽ ڪنيا.

منهنجي پوئتان سخت نظرداري هوندي هئي ۽ مان مرحوم تاج محمد کي چوندو هئس ته شايد منهنجي ڪري توکي تڪليف اچي پر هي اسان جو يار بي پرواهه هو. ان حد تائين جو سندس محفل ۾ هر قسم جا ماڻهو پوليس آفيسرن سميت ايندا ويندا رهندا هئا. جولاءِ ۱۹۵۴ع ۾ پارٽيءَ تي پابندي پئي ۽ مان وري



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

گرفتار ٿي ويس. پر مارچ ١٩٥٦ع ۾ صحت جي خرابي جي بنياد تي آزاد ٿيڻ بعد ڳوٺ ۾ نظربنديءَ دوران ٻڌم ته تاج محمد جولاءِ آگسٽ مهيني ۾ سنڌي ادبي سنگت جي وڏي ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ڪري رهيو آهي. تاج محمد پاڻ لکندڙ نه هو پر ڏاڍو پڙهيل ۽ ادبي تنظيم جو منتظم هو. ون يونٽ قائم ٿيڻ بعد جيڪي سياسي سرگرميون رهيون، آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ ايوب خان جي آپيشاهي حڪومت قائم ٿي ته تقريباً سڀ سياسي سرگرميون ختم ٿي ويون) انهن ۾ تاج محمد سرگرم رهيو جڏهن مان وري جيل کان ٻاهر نڪري ڳوٺ ۾ نظربند ٿيس ته اهو ٻڌي حيرت جي حد نه رهي، جڏهن تاج محمد مونکي ڳوٺ ۾ ملڻ آيو ۽ ٻڌايائين ته پاڻ بقاپور يونين ڪائونسل مان چونڊيل چيئرمين هو ۽ انڙن سان ڳاهه هيس ۽ ذوالفقار علي ڀٽي سان سندس خاصي ويجهائي هئي. جڏهن ايوب خان ١٩٦٤ع ۾ صدارتي اليڪشن پئي لڙي ته ذوالفقار علي ڀٽو (تاج محمد جي چوائي) خاصو تذبذب ۾ مبتلا هو. پر آخرڪار لڏي لمي ايوب خان جي طرف ٿي ويو ۽ ڏاڍ مڙسي ڪري ووٽ ايوب خان جي حق ۾ پئي وجهرايائين. پر تاج محمد لڪ چپ ۾ انڙن جا ووٽ مخالف صدارتي اميدوار مس فاطمه جناح جي حق ۾ ڏيارايا. جنهن ڪري حڪمران ڌر ڪجهه وقت تائين ساڻس خاصي شاڪي رهي.

منهنجي نظربندي تقريباً پنج سال هلي (١٩٥٩ - ١٩٦٤ع تائين) جمال ابڙو ۽ تاج محمد مون وٽ آيا ته هندستان ۽ چين جي جهيڙي ۾ ڪو وچٿرو بيان ڏيان، جيئن حڪومت ڪي چئي مون تان پابندي لهرائي وجي. پر مون ان ڳالهه تي انڪار ڪري ڇڏيو جو مون سمجهيو ته اها بي ايماني ٿيندي ته جنهن سوال جي باري ۾ مونکي ڄاڻ نه هجي، ان ۾ حڪومت کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪو بيان جاري ڪيان. مارچ ١٩٦٤ع ۾ مون تان نظربنديءَ جي پابندي ختم ٿي ان ۾ به وڏو ڪردار تاج محمد جو هو، جنهن ذوالفقار علي ڀٽي کي منٿ ڪري اها پابندي هٽرائي.

سيپٽمبر ١٩٦٥ع ۾ جنگ لڳي ته مونکي وري گرفتار ڪري سي آءِ اي ٿاڻي لاڙڪاڻي (مراد واهڻ) ۾ رکيو ويو. ان وقت حالت اها هئي جو هرڪو گڏجڻ ۽ ويجهو اچڻ کان پئي ڊڄو. پر تاج محمد ۽ مولوي نذير حسين ٻئي ٿاڻي تي ملڻ آيا ۽ دلجاءِ ڏنائون ته هو مونکي ڇڏائڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن. نيٺ جڏهن اسان کي نظربند ڪيو ويو ته ان ۾ به تاج محمد ڊڪ ڊوڙ ڪري ان وقت جي ڊي سي عبدالسميع سان وڙهي جهڙي اسان کي بي ڪلاس ڏياريو. ٽن مهينن جي جيل مان نڪرڻ ڪانپوءِ مان ڪجهه وقت لاءِ غير سرگرم رهيس. ١٩٦٧ع ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ ڪاليج کليو ته مان هتي لا پورو ڪري ١٩٧٠ع ۾ وڪيل برادري ۾ شامل ٿي ويس. ايوب خان جي دور ۾ تاج محمد لاڙڪاڻو، ميرپور خاص، سبي،



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

ڪي ذاتي خبر آهي ته همراه پنهنجي پوين لاءِ ڪا پاڇي ڪانه ڇڏي. جڏهن ڪان تاج محمد جي لاڙڪاڻي ۾ شام واري ڪچهري ختم ٿي، تڏهن ڪان وري مان ڪنهن دوست وٽ لڙي نه ويو آهيان، ڇو ته تاج محمد جي ڪچهري ڪانه رهي آهي ۽ دل ڪانه ورندي آهي ته ڪنهن وٽ وڃي ڪو ڏک سور ونڊجي، ڇو ته تاج محمد وانگر وري ڪوبه وڪيل، دوست ۽ ساٿي ساڳي ٻوِ- ليڻت تي نه رهيو آهي.

(29- آگسٽ- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## سوويت يونين ۾ اقتدار لاءِ ڪشمڪش I

هي ڪالم ٢- آگسٽ ١٩٩١ع تي لکيو ويو هئو ۽ ٢٢- آگسٽ خميس ڏينهن عوامي آواز ۾ ڇپجڻو هئو پر ڪن مجبورين سبب ڇپجي نہ سگهيو. ان وچ ۾ حالتن پلٽو کاڌو ۽ فوجون واپس بيرڪن ۾ موٽي ويون. جيڪو وڌي ٿو تہ هن ۾ مکيہ رول يلسٽن جو، ٽيليفون تي ڪي جي بي جي سربراهہ سان ڳالهائڻ هئو، جنهن فوجن کي واپس بيرڪن ۾ موڪلڻ جو حڪم ڏنو؛ گورباچوف آزاد ٿي واپس ماسڪو پهتو. سندس چوڻ آهي تہ هو مڪمل ڪنٽرول ۾ آهي، پر حالات مان ظاهر آهي تہ هو يلسٽن جو مرهون منت ۽ هڪ ڪمزور صدر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ شايد سندس زوال بہ جلدي اچي. حالتن جي دٻاءَ هيٺ هن ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري شپ تان استعيفيٰ ڏني ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مک ليڊرن کي برطرف ۽ گرفتار ڪرايو آهي. سندس ڊفينس ايڊوائيزر ۽ ڪي جي بيءَ جو سربراهہ، خود ڪشي ڪري چڪا آهن ۽ ڪيترا اهم عهديدار پنهنجي عهدن تان استعيفيٰ ڏيئي چڪا آهن. گورباچوف مجبور ٿي قبوليو آهي تہ هن فوجي بغاوت لاءِ هو بہ ڪنهن حد تائين ذميوار آهي. ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪي. جي. بي. جي دفترن تي پهرا ببهي ويا آهن ۽ آفيسون سيل ڪيون ويون آهن، پر وڏي پئماني تي گرڦ ڌڙ جا امڪان اڃا بہ آهن. جو تہ هڪ اهڙي پارٽي جنهن جي هٿ ۾ اقتدار جون سموريون واڳون هيون ۽ جتي عوام، سواءِ سوشلزم جي، ٻئي ڪنهن نظام کان ناواقف آهي. اتي لازمي شورش جو امڪان رهي ٿو. جتي هر ڏهون ماڻهو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان واڳيل آهي. اتي نوان منظر ۽ نئين سوچ رکندڙ پئدا ڪرڻ تمام وڏو ۽ مشڪل ڪم آهي. جنهن جي صلاحيت نہ گورباچوف ۾ آهي نہ يلسٽن ۾ نظر ٿي اچي. عوامي لهر جي بنياد تي ۽ موجوده ڪميونسٽ مخالف دٻاءَ هيٺ ممڪن آهي تہ هڪ نئون نوڪر شاهي طبقو مٿي ايري اچي پر اهو ناممڪن آهي تہ هو سوشلسٽ نظام جو ڪو نعم البدل پيش ڪري سگهن. سو جيڪي برسراقتدار ايندا سي بہ ڏسجي پيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين سوشلسٽ، ترقي پسند يا اصلاح پسند هوندا ۽ انهن مان اڪثريت بہ پراڻن ڪميونسٽن جي هوندي.

١٥-١٦ آگسٽ ١٩٩١ع تي ڪراچيءَ ۾ اردو رسالي "ارتقا" جي زير سايہ پاڪستان ۽ سنڌ جي چوند سوشلسٽ دانشورن جو ميڙو هيو. بحث جو موضوع هيو، "سوسلزم جو بحران". جن دانشورن ان بحث ۾ شرڪت ڪئي، انهن ۾



www.sindhsalamat.com

"نئون عالمي نظام" جيڪو آمريڪا، سوويت يونين ۽ اقوام متحده جي معرفت دنيا ۾ آڻڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، گوربا چوف ان جو پهريون شڪار آهي. صدر بش ٻاهران ظاهري طرح ڇا به چوي، پر هو دلي طرح خوش هوندو، ڇو ته هن ڪان گهڻو گهڻو مٿي سوچ رکندڙ گوربا چوف جي ڪيرائڻ ۾ اڻ سڌيءَ طرح هو به ذميوار آهي.

(5- سيپٽمبر -1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

(Subsidise) ۽ (Regularise) ڪري رهيو آهي. مارڪيٽ اڪانامي‌ءَ جي خوشنما نعري يارن کي پنڙيءَ تان لاهي، اهڙي کُنَ ۾ اڇليو آهي، جتي هو غوطا کائي رهيا آهن.

سوويت يونين هڪ ستل عظيم قوت مان ڦري، هڪ نشي ۾ مبتلا هتوراڙيون هڻندڙ قوت طور نظر اچي رهيو آهي. ايندڙ ڏينهن ۽ هفتا ڏيکاريندا تہ هي عظيم قوت پنهنجو پاڻ کي سنڀالي وري دنيا ڀرجي مظلومن ۽ غلامن لاءِ آٿت ۽ سهارو ٿي بڻجي يا دنيا ڀرجي سرمائيدار سامراجي ملڪن لاءِ مسخرو ڪردار؟.

(16- سيپٽمبر 1991ع)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

مخالف استاد خلاف استعمال ڪرڻ، سوچيو تہ سهي تہ ڪهڙي دوزخ ۾ پهچي ويا آهيون.

هارين ۽ مزدورن ۾ ڊزن ڊزن جماعتون ۽ هڪ ٻئي جي ڳچيءَ ۾ هٿ، ڪهڙا مسئلا ان نفاق سان حل ڪري سگهبا؟!.

سو سائين! وري ۾ سوچي ڏسو، ڏاڍا ٿيو، ڪُرُم جا ويري نہ ٿيو، وري ٻہ گڏ ٿيو تہ سوچي سمجهي، پنهنجي وجود لاءِ ڪيئن لڙون؟ ڪنهن سان لهون؟ ڪنهن سان ڊهون؟ ۽ ڪنهن سان گڏجي پنهنجو موڪ ڪيون؟ ٻڌيءَ ۾ قوت آهي ۽ سواءِ ٻڌيءَ جي سنڌ، سنڌين ۽ سنڌيءَ ڪي بچائڻ جي ٻي ڪا واهہ ڪانہ آهي. اسانجا بچائيندڙ اسان پاڻ آهيون، ٻاهران ڪا پهر نہ ايندي، ڪا واهر نہ ٿيندي. اڳيئي گهڻي اوير ٿي وئي آهي، وڌيڪ دير ڪرڻ پنهنجي پاڻ سان غداري آهي.

(26- سيپٽمبر 1991ع)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

مقابلي جي سگهه پيدا ڪري سگهن ٿا. پر شايد حڪمرانن ڪي به اها ڳالهه نه وڻندي ته ماڻهو ايڏا تيار ٿي وڃن، جو ڌاڙيلن جو مقابلو ڪري سگهن. جو ته ماڻهو هڪ پيرو جيڪڏهن ڌاڙيل جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا، ته اهي حڪمرانن جي ڌاڍ ۽ جبر کي به منهن ڏئي سگهڻ جي وسيت پيدا ڪري ويندا. حڪمرانن کي فيصلو ڪرڻو آهي ته هو ماڻهن کي پنهنجي حفاظت پاڻ ڪرڻ جو حق ڏيندا، يا ماڻهن کي ڌاڙيلن ۽ حڪومت جي جانده جي ٻن پُڙن وچ ۾ پيهندا رهندا؟!

(26- سيپٽمبر- 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## دهشتگردي ۽ دهشتگرد

هي لفظ هاڻي اسانجي سياسي لغت ۾ شامل ٿي ويا آهن. هڪ "قتل" ٻيو "دهشتگردي." ٻنهي لفظن ۾ فرق صرف نتيجي ۾ آهي. قتل مان مُراد هڪ، ٻه يا ٽي قتل ٿين ٿا ۽ دهشتگردي پوري سماج، حاڪمن ۽ پوري علائقي، کي هيسائڻ لاءِ ڪئي وڃي ٿي. هاڻي ته ڳوناٺا ماڻهو به "دهشتگرد" لفظ جو ورجاءُ ۽ استعمال پيا ڪن.

1948ع ۾ اسان وارا همراهه جيڪي گورنر جنرل يا وزير اعظم جي گهرن تي پورهيت يا ملازم هوندا هئا، ته ڪڏهن ڪڏهن ٽريڊ يونين يا مزدور يونين جو ڪو اشتهار گورنمينٽ هائوس ۾ هٽي ڇڏيندا هئا. يا وري لياقت علي خان جي وهاڻي هيٺان ڪو اشتهار ڇڏي ايندا هئا ته ڏينهن ٽائين چوڪيدار رهندو هو ته، "واهه جي ڪامريڊن همت ڏيکاري آهي." نتيجو اهو نڪتو ته اسان سڀ ٽريڊ يونين جا اڳواڻ اندر ٿي وياسون. مقصد اسان جن ٻاڙهي جهنڊي وارن يا ذاتي هٿوڙي وارن جو اهو هوندو هو ته لياقت علي خان کي معلوم هجي ته اسان هر هنڌ حاضر آهيون ۽ سندن ننڊ حرام ڪري سگهون ٿا.

نيٺ لياقت علي خان کي جن مارايو، تن جا نالا اڃا ٽائين ظاهر ناهن. باقي جن کي هن جي قتل مان فائدو ٿيو، سي هئا پنجابي نوڪر شاهي جا ٽي ڳاٺيتا شخص، جي سڀ مرحوم ٿي چڪا آهن. اهي ٽي شخص هئا: نواب مشتاق احمد گورماني، (چوڌري) غلام محمد ۽ چوڌري محمد علي. مارون موچڙا شروعات ۾ ڪميونسٽن ۽ خاڪسارن کي مليا ۽ آخر ۾ قصو لئه مٽي ٿي ويو، جو ته ميجر جنرل شير محمد خان ان قتل جي ٻيو دفعو جاچ جا ڪاغذ ڪٺي، جڏهن اوريئنٽ هوائي جهاز ذريعي ڪراچيءَ پي آيو، ته هوائي جهاز مسافرن ۽ ڪاغذن سميت دڦ ٿي ويو! لياقت علي خان جي قتل جو سڌو سنئون اثر اسانجي سياست تي ٿيو.

خواجه ناظم الدين گورنر جنرلي ڇڏي هڪدم وزير اعظم ٿيو ۽ گورنر جنرل (چوڌري) غلام محمد، (عرف گلو گورنمينٽ) ٿيو. حقيقت ۾ پنجابي حڪمران هڪ ڏاڪو مٿي ٿي ويو ۽ هاڻي هن اهو اختيار حاصل ڪري ورتو، جو وزير اعظم ناظم الدين کي چلتو (ڊسمس) ڪري، محمد علي بوگره کي آندو ويو، ۽ بعد ۾ قومي ۽ آئين ساز اسيمبليءَ کي پڻ ڊسمس ڪري سول - فوجي نوڪرشاهيءَ جي پڪي حڪومت جو بنياد رکيو ويو.

ان دور ۾ دهشتگرديءَ جي هڪ صورت مذهبي فساد پنجاب ۾ ٿيا. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان جي ڪنهن به علائقي ۾ پهريون دفعو مارشل لا پنجاب ۾



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

دهشتگردن طرفان چتاءُ پيو ڏسجي. اصل ايڪشن تہ اڃا پيو آهي.

جيترو سلامتيءَ جو نظام سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پين دهشتگرديءَ جو نشانو بڻيل جاين تي آهي، ان کي ڏسندي معلوم اهو ٿئي ٿو تہ دهشتگرد ۾ سنڌ سر پرست سلامتيءَ جي اعليٰ ادارن جي دسترس ۾ پهچ کان پري ڪونهن. هر سوچيندڙ انسان اهو سوال پڇي رهيو آهي تہ آخر ڪيستائين هي عوام جو ڪوس، قتل غارت، بئنڪن ۾ عوامي ادارن جي ڦرلٽ ۾ ڏاڙا ۾ ماڻهن جو اغوائون ۾ هاڻي حڪمرانن جي ڳچيءَ ۾ هٿ نيٺ ڇا ٿيندو؟ ڪيستائين هي انرٽ ۾ ظلم جاري رهندو! ڪيترو وقت ماڻهن کي ڏتا ۾ دلاسا ڏيئي هي منظم انتشار ۾ نراجيت قائم رکي ويندي؟!

(10- آڪٽوبر 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

تي لشڪر ڪشي ڪئي وئي ۽ جڏهن سرحد جي نعپ حڪومت، بلوچستان جي نعپ حڪومت جي برطرفي تي استيعفا ڏني تہ ظاهر ٿيو تہ پٺاڻن ۽ بلوچن جو اتحاد نہ ٽٽي سگهندو ۽ پوءِ پوريءَ نعپ تي پابندي وجهي، سمورن بلوچ، پٺاڻ، سنڌي نعپ وارن کي گرفتار ڪري حيدرآباد جيل ۾ نعپ مٿان ڪيس جو ڊرامو رچايو ويو! ڀٽي حڪومت جي انت جي شروعات ان ڪيس سان ٿي!

1977ع کان وٺي پنهنجي موت تائين، ضياءُ الحق سڀ کان وڌيڪ عقل جو ڪم اهو ڪيو تہ سرحد، ۽ خاص ڪري بلوچستان سان، ڇيڙ ڇاڙ بلڪل بند رکي، ايتري قدر جو 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ بلوچن ۽ پٺاڻن کي شرڪت کان روڪڻ لاءِ انتهائي ڪوششون ڪيون ويون، جنهنجي نتيجي ۾ بلوچستان ۽ سرحد وارا ايم آر ڊي تحريڪ کان بلڪل الڳ ٿلڳ رهيا.

1988ع ۽ 1989ع وارين چونڊن ۾ بہ پٺاڻن ۽ بلوچن جي گڏيل اليڪشني مهم ڪامياب ٿي ۽ انهن ٻن ويڙهاڪ قومن جي وچ ۾ وقتي ڇڪتاڻ جي باوجود ڪوبہ وڏو واقعو نہ ٿيو.

مستونگ ۾ زرعي ڪاليج قائم ڪرڻ جي سوال تان جيڪا ترشي پيدا ٿي، ان کي هٿرادو نموني ۾ هوا ڏيئي، ڀنڀٽ بڻايو ويو. ڀهريائين فيصلو مستونگ جو ٿيو، پوءِ ان فيصلي کي بدلائڻ لاءِ طوفان کڙو ڪيو ويو تہ زرعي ڪاليج پختون علائقي ۾ قائم ڪيو وڃي، ۽ ٻنهي طرفن کان غير ذميوارانہ بيان بازي ۽ جوابي بيان بازي ڪري آخر بلوچن ۽ پٺاڻن کي قاتلانہ جدوجهد لاءِ ڇيڪ ڇڏيو ويو.

عطاءُ الله مينگل جي وڏ وزارت واري دور ۾ پڻ، اهڙو ئي هڪ سوال بلوچن ۽ پٺاڻن کي ويڙهائڻ لاءِ کڙو ڪيو ويو هو، مرڪزي حڪومت اعلان ڪيو تہ بولان ميڊيڪل ڪاليج، ٻن ڪروڙن جي لاڳت سان ڪوئيٽا ۾ تعمير ٿيندو. ڪجهہ تنگ نظر ۽ حڪومت کان ٻاهر بلوچن کي ڀڙڪايو ويو، جن گهر ڪئي تہ رٿيل ميڊيڪل ڪاليج بلوچ علائقي ۾ يعني مستونگ يا خضدار ۾ لڳايو وڃي، جنهن لاءِ دليل اهو ڏنو ويو تہ نيٺ بلوچستان جا پٺاڻ اڪثريت وارا علائقا سرحد سان



www.sindhsalamat.com

ڳڌجي ويندا! ان ڪري بلوچن جا مالي ذريعا پنهنجن هٿان ضايع نہ ڪيا وڃن.
عطاءُ الله مينگل صلح ۽ يڪمشتي قائم رکڻ لاءِ مدبرانہ فيصلو ڪيو تہ "بولان ميڊيڪل ڪاليج" ڪوئيٽا ۾ ئي قائم ڪجي.

(27- آڪٽوبر 1991ع)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

اسڪول جا ماستر گهر ويٺي پگهارون کڻن ٿا. جڏهن ته اسانجا ماستر ست اٺ ڪلاڪ پاڙهيندا هئا. دنيا ڀر جو عقل مغز ۾ ٺوسي ڀريندا هئا ۽ پگهار معمولي، جنهن تي قناعت ڪندا هئا. نه ٽيوشن، نه ڪاپي، نه سيٽ نمبر فون تي ڏيڻ، نه شريفن جي ڪاليجن جي ٻاهران ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ڪاپي پهچائڻ لاءِ طواف جي رسم ۽ ڏک ڏکان.

ڪاڏي ويٺي اها سنڌ؟ ڪنهن کي دانهن ڏجي. هڪ گهر ۾ اڃا ميندي هٿن تان نه سڪي آهي، ته جوان ڪوڙي پاسپورٽ ۽ ڪوڙي ويزا تي وڃي، سعودي عرب ٿو نڪري، ۽ اتان پئسا ڪمائي پاسپورٽ جو خرچ ۽ زمين يا ٽريڪٽر وٺڻ لاءِ پئسا موڪلڻ شروع ٿو ڪري ته ڀاڙي وارو "رهندو"، جيڪو ڪچي جي ڌاڙيلن جو ايجنٽ ۽ خابرو آهي، سو وري سعودي عرب ڪان موٽيل، يا انهن جي ڪٽنب جي ڀاتين کي اغوا ڪرائڻ جو بندوبست ٿو ڪري.

سعودي عرب جي، ڪمائيءَ ۾ ڌاڙيلن جو به حصو آهي. چون ٿا: "مٽي ته ڪونه ڪاٺيندا سون. نانگ ناهيون. اسانجو به توهان جي ڪمائيءَ ۾ ڀاڱو آهي."

سو سائين هر ڪوئي پنهنجو وارو وڄائي ويو. 1983ع کان وٺي پرو چانڊيو، علي حسن جوڻيجو، فقير نصير محمد، نانگ مارفاڻي، نادر جسڪاڻي، محب شيدي ۽ ڪالهه ميرو عرف ٻدو پيرزادو، پنهنجي "منزل" کي پهتا. موت کو مهٽو ڪونهي پر شل اهڙو موت دشمن کي به نه اچي. اسان دعائون گهريون: "ته چڱو ٿيو جو اهي مئا ۽ لعنت انهن تي جن انهن کي ايڏي ڍيگهه ڏني هو...."

ڪروڙين روپين جا انعام اڪرام ڌاڙيلن کي جيئرو يا مئل هٿ ڪرڻ لاءِ نئين سر اعلان ڪيا ويا آهن، پر جن اعلان ڪيو، انهن کي انعام اڪرام ڏيڻ جي نيت ڪانهي، ڇو ته ان لسٽ ۾ نانگ مارفاڻيءَ، جيان ڪن مئلن جا نالا به شامل هئا.

ڇيو وڃي ٿو ته هاڻي ايجنسيون سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ بلڪل سرگرم آهن. هن وقت تائين ڪنهن روڪي رکيو هين؟ چاچا صادق عليءَ يا الطاف! اڄ ٻنهي جي غير موجودگيءَ (؟) ۾ ايجنسيون ڏمر ڌاڙاڪي سان سرگرم ٿي ويون آهن ۽ ڪيترائي نامعلوم ڌاڙيل (۽ شايد ڪي ڳوناٺا؟) ماري ڇڏيا اٿن ۽ اڃا به ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ جو عزم ظاهر ڪيو اٿن.

پر اها سنڌ، جنهن ۾ هڪ عبدالرحمان بروهي، ڪو غلام حسين واڍو، ڪو ميرو ڌاڙيل سيات وجهي ڇڏيندا هئا. اها سنڌ ڪٿان آئيون؟ اهي ڌاڙيل غيرت وارا هوندا هئا، ڀاڙي اهنج نه ڪندا هئا. عورت تي هٿ نه ڪندا هئا." يا نڪ جي ڪوڪي، جو ايتروڻي احترام ڪندا هئا، جيترو ماءُ جي سهاڳ جي نشانيءَ جو. ٻانهن جون چوڙيون ۽ ڪنگڻ لاهڻ لاءِ عورتن جو هٿ نه ڪپيندا هئا. جيڪي



www.sindhsalamat.com

## ڪو آپريٽو ادارن جي ڦرلٽ

٦- نومبر ١٩٩١ع تي قوم کي خطاب ڪندي وزير اعظم نواز شريف اعلان ڪيو ته ”ڪو آپريٽو ادارن جي بحران جي سلسلي ۾ هو هڪ جاچ ڪميشن مقرر ڪري رهيو آهي، جنهن جو سربراهہ سپريم ڪورٽ جو جج هوندو.“ هن اهو اعلان پنهنجي حڪومت جو هڪ سال پورو ڪرڻ جي موقعي تي ڪيو ۽ اهو پڻ چيائين ته ستايل ماڻهن کي شيئر سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا ۽ ان لاءِ انويسٽمينٽ ڪمپني، پنجاب جي صوبائي سطح تي جوڙي ويندي.

شڪر آهي ته آخر هيترن ڏينهن جي رڙو رڙ ۽ صدر جي مداخلت بعد، وزير اعظم کي احساس ٿيو ته ڪيس عدالتي جاچ کي منهن ڏيڻو آهي ۽ جنهن عدالتي جاچ کي منهن ڏيڻو آهي سا اهڙي ئي ٿيندي، جنهن ۾ هو ملڪ جو وزير اعظم بڻيو رهندو ۽ اها به صاف ڳالهہ نہ آهي تہ عدالتي ڪميشن آڏو (Terms of ref- erence) ڪهڙا واقعا يا حقيقتون جاچ لاءِ رکيون وينديون ۽ ڇا هن اسڪينڊل لاءِ جوابدار ماڻهن لاءِ ڪا سزا جي سفارش ڪرڻ به ڪميشن جي دائره اختيار ۾ هوندو يا نہ.

انگريزن جي دور کان وٺي اها رسم هلندي آهي ته جڏهن عوام طرفان ڪنهن معاملي جي جاچ لاءِ آواز اٿندو هو تہ سرڪار جاچ لاءِ ڪا ڪاميٽي يا ڪميشن مقرر ڪندي هئي، ۽ جڏهن معاملو لڙي ويندو هو تہ حڪومت ان ڪاميٽي يا ڪميشن جون سفارشون يا نتيجا ڪنهن ٻيءَ ڪاميٽي يا ڪميشن جي حوالي ڪري ڇڏيندي هئي ۽ وري عوام اڪ پٽيندا هئا تہ وري ٻي هڪ ڪاميٽي ان ڪاميٽيءَ جي سفارشن جي جاچ پڙتال ڪندي هئي جنهن اڳينءَ ڪميشن جي نتيجن يا سفارشن جي جاچ پڙتال ڪئي هئي. ائين پاڪستان ۾ بہ ٿيندو رهيو آهي ۽ وڏيڪ اعتراض جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي ملڪ ۾ هميشه عدالتي تحقيقاتن ۽ فيصلن کي لڪل ۽ مخفي رکيو ويو آهي.

راولپنڊي ڪانسپريسي ڪيس (١٩٥١) بابت تفصيل، شاهدين ۽ واقعي ڇا ٿيو هو، يا ڇا نہ ٿيو هو، ظاهر نہ ڪيا ويا آهن. لياقت قتل ڪيس جي انڪوائريءَ جا ڪاغذات ڇاليهہ سالن گذرڻ بعد بہ ظاهر نہ ٿيا آهن؛ سواءِ هڪ مختصر خاڪي جي جيڪو ڪنهن سرڪاري اداري طرفان ايڊٽ ڪري، ڪاٽ ڪوٽ ڪري پيش ڪيو ويو هو، جنهن مان معاملي تي روشنيءَ ڪان وڌيڪ اونداهہ ڇانيل آهي.



www.sindhsalamat.com

پوريءَ طرح مکيہ جوابدارن کي ظاهر بہ ڪن تہ بہ اهم سوال باقي رهندا. هن ملڪ کي ڪير ويٺو هلائي، ڪنهن جي مفادن لاءِ موجوده حڪمران ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ماضيءَ ۾ سندن ڪهڙو ڪردار رهيو آهي ۽ پوئتان ويهي ڪٺ پتلين جو ناچ ڪير رچائي رهيو آهي؟ سي سڀ ڳالهيون عوام جي پهچ، پڪڙ ۽ سمجهہ جي دائري کان ٻاهر رهنديون. اسان سمورا پاڪستاني شهري ان لائق نہ ٿا سمجهيا وڃون تہ سموريون حقيقتون اسان جي آڏو پيش ٿين. صرف سازشي ڊرامي جون، مسلسل چوئيتاليهن سالن کان اسان کي جهلڪيون، ڪي نظارا ڏنا آهن ۽ ڏسون پيا. پر ڊرامن جو انت ڪونهي، ٽريلرن ۾ ڪو ربط ڪونهي. ”قوم جي ابن“ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ ”قوم“ کي اونداهہ ۾ رکيو ويندو. سچو سچ ڪڏهن بہ قوم آڏو ظاهر نہ ٿيندو ۽ ماڻهو ڪجهہ ڪوڙ ۽ ڪجهہ سچ جي ڏهڻ ۾ ٿاڦوڙا هڻندا رهندا. ايتري وقت کان ايترو ڪوڙ ڳالهايو اٿن، جو هاڻ تہ ڪوڙ جي ڊرامي وارا ڪردار ڪوڙ کي سچ ڪري پيش ڪندي، ڪوڙ کي سچ سمجهڻ لڳا آهن ۽ اسان جيڪي شروعات کان وٺي ملڪ اندر اهي ڊراما ڏسندا رهيا آهيون ۽ زلزلن مان گذري چڪا آهيون، سي بہ ايمانداريءَ سان اهو چوڻ کان قاصر آهيون تہ ڇا سچ هو؟ ڇا ڪوڙ؟ ۽ هاڻي بہ جيڪي ٿئي پيو تنهن ۾ سچو ڪير، ڪوڙو ڪير، ٺڳ ڪير ۽ ايماندار ڪير، بي ايمان ڪير ۽ ملڪ ۽ ماڻهن جو خير خواهہ ڪير؟

ملڪ جي چوٽيءَ جي ادارن ۽ خود ڪورٽن جي ججن ۾ اها همت ڪونہ ٿيو ڏسان تہ هو ڏوهاريءَ کي، هر ڏوهاريءَ کي- سمورن ڏوهارين کي ظاهر ڪري سگهن ۽ انهن لاءِ سزا يا سزائون تجويز ڪري سگهن.

(14- نومبر 1991ع)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

انسان عجيب جانور آهي، ٿورڙي ئي غيرت جي سوال تي پنهنجي ٻچڻ جي ماءُ، پنهنجي ڀيڻ ۽ وقت تہ پنهنجي والده کي بہ ڪاري ڪري قتل ڪري ٿو ڇڏي. پر نرم دل ايترو جو نوريٽڙي جي نرم وارن مان ڪيس روحاني تسڪين ملندي هجي!

اي حضرت انسان! ڪڏهن ماٺهو ٿيندين؟ ڪيترو وقت پنهنجي ماءُ، ڀيڻ، زال، چاچي، ماسي، ڦپي ۽ سؤٽ کي ڪُهندو رهندين؟ جو تہ تو کي پنهنجو نڪ اڃو ڪرڻو آهي!.... تاريخ شاهد آهي تہ مهذب قومن ۾ ڪنهن زماني ۾ حسد يا نفرت جي بنياد تي مرد عورت کي قتل ڪندو هو. پر اها ڳالهہ گهٽيون صديون گذري ويون تہ قانونن ۾ سماجي نقطہ نگاهہ کان نہ صرف نفرت لائق سمجهي وڃي ٿي، بلڪ قتل جي سزا لائق ئي سمجهيو وڃي ٿو. جپان ۽ چين کان وٺي، اولهہ آمريڪا تائين سمورن سڌريل ملڪن ۾ ”ڪاري ڪاريءَ“ جي رسم ڪانہ آهي. صرف اسان جي مشرق جون بہ ٽي قومون پٺاڻ، بلوچ ۽ ڪي عرب قبيلا ان وحشي رواج کي قائم رکندا اچن ۽ ڏسجي ائين پيو تہ هي ”غيرت مند قومون“ پنهنجي پاڙيسرين کي بہ پنهنجي رواج ۾ مبتلا ڪري چڪيون آهن. پنهنجي ملڪ ۽ وطن جي خوشحاليءَ لاءِ انهن ۾ ڪا سجاڳي ڪانهي، باقي پنهنجي سؤٽن، ماساتن ۽ عزيزن کي خون ۾ وهنجاري پنهنجي غيرت برقرار رکيو اچن.

يسوع مسيح (Christ) وٽ هڪ ڀيرو، رنڊي دوڙندي سهڪندي پهتي. هن جي پويان مشتعل ”غيرت مندن“ جو هجوم هو، جن ڪيس سنگسار ڪرڻ ٿي گهريو. هن يسوع مسيح کان رحم جي پناهہ گهري. يسوع مسيح جوش ۾ اٿي بيٺو ۽ هٿ ڪري پٿر اڇليندڙن کي چيائين، ”اي غيرت وارو! آهي ڪو توهان مان جنهن گناهہ نہ ڪيو هجي، جو معصوم هجي، سو پهرين هن عورت کي پٿر هڻي!“ سڀ لوئيا شودا! ٻوٿ ڀيلڙو ڪري موٽي ويا، ڇو تہ هو سڀ گناهگار هئا!

(21- سومر 1991ع جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## هڪ نئين پارٽي

گذريل ڪن سالن کان بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪن، خاص ڪري سوويت ڪميونسٽ پارٽي ۽ اوڀر يورپ جي ڪميونسٽ تحريڪن جي اندر اهو سوال اٿندو رهيو آهي ته ڪميونسٽ پارٽين کي ساڳين نالن ۽ پروگرامن سان قائم رکجي يا ٿوري ناليءَ مٽ ڪري ۽ جمهوريت جو وڏو ڊوز ڏئي، زندهه رکيو وڃي.

ڪوريا، ويتنام، چين، انڊونيشيا، برما، ڀارت، ڪيوبا، سائوٿ آفريڪا ۽ خود پاڪستان اندر ڪميونسٽ پارٽين پنهنجا وجود ٿوري گهڻي ڦير ڦار سان قائم رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جو کين حق آهي. پاڪستان جي موجوده حڪمران ۽ مخالف ڌرين کان شڪايت اها آهي ته سواءِ پيپلز پارٽيءَ جي، ٻيون سڀ پارٽيون، بنيادي طور تي، صوبائي پارٽيون آهن. موجوده آءِ جي آءِ حڪومت جو بنياد پنجاب ۽ فوج تي آهي. عوامي نيشنل پارٽي گهڻو ڪري سرحد تي دارو مدار رکي ٿي. پاڪستان نيشنل پارٽي، بلوچستان نيشنل موومينٽ ۽ نواب اڪبر بگٽيءَ واري جمهوري وطن پارٽيءَ جو بنياد بلوچستان تائين محدود آهي. سنڌ جون سموريون پارٽيون، جيئي سنڌ محاذ، جيئي سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ ”سنڌو ديش“ جا علمبردار به سنڌ ۾ آهن، ۽ سنڌ جي حقن لاءِ گڏجي جدوجهد ڪرڻ بدران هڪٻئي ۾ برسرپيڪار آهن، ۽ سنڌين باهمي ڪشمڪش هلي رهي آهي. ايم ڪيو ايم صرف ڪراچيءَ جي مهاجرن تائين محدود آهي. ڌاڙيلن جون پنهنجون پارٽيون آهن، جيڪي مڪاني ليول تي اغوا، ڦرون، ڌاڙا ۽ ٻين عوام دشمن سرگرمين ۾ مصروف عمل آهن ۽ فوج، سلامتيءَ وارن ادارن، ۽ پوليس لاءِ، جمهوري عوامي ادارن ۾ مداخلت لاءِ روزانو بنيادي سبب پيدا ڪندا رهن ٿا. ائين پيو لڳي ته مضبوط پارٽي صرف فوج آهي، ۽ ٻيون سموريون پارٽيون ڪٺ پتلين وارو ناچ ڪري رهيون آهن. هر ڪردار پنهنجو پنهنجو مقرر رول ادا ڪري، فوج کي اسان جي هر سماجي، دماغي، سياسي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ مداخلت ۾ ”گهسِ بيٺ“ لاءِ دعوت ڏيندو رهي ٿو. ويچارا دانشور ۽ اهي سياسي ماڻهو، جي پيدائشي، طبقاتي ۽ فطري طرح سياستڪار، ”انقلابي ۽ سياسي پکوڙا“ ناهن، تن وري وسيع بنيادن تي جمهوري فورم قائم ڪيا آهن؛ جن مان ڪي قومي حقن، ۽ ڪي وري بنيادي انساني حقن جي نالي ۾، مختلف صوبن جي اندر پنهنجو موسمي ۽ محدود وجود قائم رکن ٿا. سيمينار ته جنگ فورم کان وٺي ”ارتقا“ جي فورم تائين پوري ملڪ اندر ڪيترائي ٿيا آهن. ڪاهي ڌر جا پراڻا ڪامريڊ جيڪي مختلف پارٽين ۾ سياست ڪندا هئا، يا ڪندا آهن، سي سڀ پنهنجي ليڊرن ۽ پارٽين کان بيزار آهن ۽ تاس جي پتن وانگر مختلف پارٽين ۾ سرڪيوليٽ ڪندا



www.sindhsalamat.com

رهن تا.

ان ڪري پوري ملڪ اندر ملڪ گير بنيادن تي جمهوريت، سماجي انصاف، قومن جي آزادي ۽ خود مختياريءَ، نيڪي ۽ شرافت تي قائم، سياست ڪرڻ لاءِ، مختلف وقتن تي، مختلف پارٽيون، گروهه ۽ نيڪ ماڻهو ملندا رهيا آهن؛ ۽ آخر اهو طئي ٿيو آهي ته 30 اپريل ۽ پهرين مئي 1992ع تي، لاهور ۾ اهڙي پارٽيءَ ڪليءَ طرح پبلڪ آڏو پيش ڪئي ويندي، جنهن ۾ سمورن صوبن ۽ علائقن جا ماڻهو مدعو ڪيا ويندا. عام اصول، جن تي اتفاق راءِ ٿي چڪو آهي، سي هي آهن:

1- ته اها پارٽي ڪنهن خاندان جي ملڪيت يا پڇ لٽڪائو نه هوندي، خواهه اهو خاندان ولي خان جو هجي، نواز شريف جو هجي، محمد خان جوڻيجي جو هجي يا بزنجي يا ڀٽن جو هجي.

2- ته اها پارٽي پاڪستان جي وجود کان انڪاري نه هجي؛ ۽ پاڪستان جي پلي بري وجود کي تسليم ڪندي، ان اندر قومن جي وجود، آزادي، خود مختياري، خوشحالي ۽ غير مرڪزي جمهوريت لاءِ ڪوشان هجي.

3- ته اها عوام جي مختلف محنت ڪش طبقن: هارين، مزارعن، ڪمين، ڪاسبين، ڇُهڙن، چمارن، غريبن مسڪينن، ڌڪيل ذاتين، قومي لساني ۽ مذهبي اقليتن لاءِ احترام عزت، برابري، سماجي انصاف، روزگار، تعليم، صحت ۽ قانون جي حڪمرانيءَ لاءِ ڪوشش ڪندي.

اهي قدر حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي طريقا، سي جمهوري ۽ آئيني ڪندي؛ اهي قدر حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي روزگار، تعليم، صحت ۽ قانون جي حڪمراني لاءِ طريقا هوندا. ۽ موجوده لاقانونيت، نراجيت، افراتفريءَ کي ڀنجو ڏيڻ لاءِ، سمورين پارٽين سان سهڪار جو هٿ ڊگهيڙيو ويندو.

هيءَ پارٽي نه پاڻ کي ”عقل ڪُل“ سمجهندي ۽ نه وطن دوستي، عوام دوستي، جمهوريت نوازي جي ٺيڪيداريءَ جي دعوي ڪندي. سڀني عوام دوستن لاءِ، ان جا دروازا هر سطح تي، گڏجي، ڪم ڪرڻ لاءِ، يا ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، کليل رهندا.

هن پارٽي جي محرڪن مان ڪنهن کي به اها غلط فهمي نه آهي ته هو اڪيلي سر يا پنهنجي مٿي، ڪي وڏا ڪارناما سر انجام ڏئي سگهندا. هن پارٽيءَ جا ڪارڪن ۽ ڪنوينر اها اميد رکن ٿا ته سڀني پارٽين اندر نيڪي ۽ شرافت جي سياست جي خواهش رکندڙ، سندن ساٿ ڏيندا؛ ۽ پنهنجي پارٽين، علائقن ۽ گروهه بندين کان مٿي ڏسندي، پاڪستان اندر وسندڙ سڀني قومن، ٻولين، ماڻهن ۽ محنت ڪشن سان همدردي ۽ محبت جي ورتاءَ کي عام ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا.

هيءَ پارٽي عوام جي دشمنن جي دشمن هوندي؛ ۽ عوام جي دوستن جي



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

دوست. منهنجي پنهنجي سيني ترقي پسندن، ڪامريڊن، دانشورن اديبن ۽ مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن کي نماڻي گذارش آهي، ته عوام جي مفادن جو خيال رکندي ۽ عوام مان تضاد ختم ڪرڻ لاءِ، هن پارٽيءَ ڏي پنهنجي شفقت ۽ محبت جو رويو اختيار ڪندا ۽ ان کي پنهنجو مدِ مقابل يا مخالف سمجهندي، ان کي پنهنجو دشمن نه سمجهندا، بلڪ عوام جي ڀلي ۽ سماجي انصاف قائم ڪرڻ لاءِ، پنهنجي عملي تعاون ۽ ذهني قبوليت جو مظاهرو ڪندا.

هن ملڪ کي شرافت ۽ نيڪيءَ جي تمام گهٽي لوڙ آهي. اڄو ته ڀلائي ۽ نيڪي چاهيندڙ گڏجي، ظالمن، رت چوسيندڙن، ڦورن، لوٽن، سياسي جادوگرن ۽ عوام جي مختلف طبقن ۽ قومن کي ويڙهائيندڙن خلاف اٿي، ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌئون ۽ هن پاڪستان اندر صحيح جمهوريت، قومي انصاف ۽ مجبورن ۽ پورهيتن لاءِ بنيادي انساني حقن ۽ احترام تي ٻڌل معاشري قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريون، جنهن لاءِ ٿيتاليهن- چوئيتاليهن سالن کان وٺي عوام ۽ سندن خير خواهي ۽ نيڪي چاهيندڙ تڙپندا رهيا آهن. اچو ته ملڪ جي حاڪمن کي گڏجي مجبور ڪريون ته هو عوام جي حاڪميت قبول ڪن ۽ عوام جا نوڪر ۽ ٻانها ٿي ڪم ڪن.

(14- اپريل- 1992ع- روزانه جاڳو)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

## نيو ورلڊ آرڊر ۽ آمريڪا

عراق کي شڪست اچڻ بعد، هر هنڌ سوچيو پئي ويو ته هن ڌرتيءَ تي ڪجهه وقت امن رهندو، ۽ جنگ جا ڪڪر ٽڙي پکڙي ويندا. هڪ سال کان وڌيڪ وقت گذري ويو- جو عراق گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل آڏو هار قبولي؛ ۽ هار جي شرطن جي پوئواري ڪندي، گذريل سال اندر وقتي ناراضگيءَ جو اظهار ۽ وقتي ڪُلي جوابي غصي ڀريل گفتار جي، عراق گڏيل قومن جي حڪمن جي پيروي ڪندو رهيو آهي ۽ اڄ به پنهنجي فوجي صلاحيتن جي تباهيءَ ۾ گڏيل قومن جي ماهرن جي ٽيمن سان تعاون ڪري رهيو آهي؛ ماهر، جيڪي قانوني لحاظ کان گڏيل قومن جا آهن؛ پر حقيقت ۾ آهي ماهر گهڻي ڀاڱي آمريڪا جا آهن ۽ آمريڪي مقصدن جي پورائي ڪري رهيا آهن.

عراق جي جنگ جو هڪ اڻ سڌو نتيجو سوويت يونين جو منظر تان هٽڻ ۽ سابقه سوويت وفاق اندر گڏيل قومن جي شيرازي منتشر ٿيڻ ۾ پڻ لڪتو آهي. آمريڪا جي صدر صاحب جي خواهش ته سوويت يونين درهم برهم ٿي وڃي، سا پوري ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي.هاڻ اتي ڪهڙو نئون ورق ورندو ۽ ڪهڙا نوان گل ٽڙندا، ان جو پتو ناهي. البته بش صاحب کي هڪ ارمان دل ۾ رهجي ويو ته هو صدام حسين کي اقتدار مان ڪيرائڻ ۾ جنگ دوران ۽ جنگ کان پوءِ به ڪامياب نه ٿي سگهيو آهي. مٿو ڪروڙ ڪُرد قوم ايران، ترڪي ۽ عراق جي وچ ۾ فوٽ بال لڳي پئي آهي. ڪويت جا امير جمهوريت قائم ڪرڻ جا انجام ڏيئي انهن واعدن تان ڦري چڪا آهن. ڇهه سئو تيل جي کوهن جي باهه اُجهامي وئي آهي، پر ڪويت جي حڪمرانن جي انتقام واري حوس ۾ ڪائي ڪمي ڪانهي ۽ موجوده صورتحال جو فائدو وٺندي هو عظيم تر ڪويت جو خواب پورو ڪري رهيا آهن.

صدام حسين کي نه ڪيرائي سگهڻ جي خفت مٽائڻ لاءِ ۽ شرم پرچائڻ لاءِ آمريڪا جي صدارت لاءِ اميدوار بش صاحب ٻيو نشانو لبيا جي ڪرنل قذافيءَ کي بڻايو آهي، لبيا مٿان آمريڪا ٻه دفعا اڳيئي بمباري ڪري چڪو آهي، پر نه سندس انتقام جو جذبو ٺنڍو ٿيو آهي، نه وري اسرائيل کي هن مان خاص تسلي ملي آهي، وايون ٻتال ٿيل، عرب ملڪ جيڪي ڪويت کي هڙپ ٿيڻ تي عراق خلاف آمريڪا جا مدد گار ٿي ويا هئا، سي ٻئي عرب ملڪ مٿان، هڪ وسريل ننڍڙي واقعي کي تيليءَ مان ٿنڀ بڻائي، آمريڪا طرفان لبيا مٿان نئين يلغار تي، پريشان ۽ ڪنهن حد تائين حيرت زده به آهن.

گڏيل قومن اندر پڻ سناٽي جي ٽٽڻ جي شروعات ٿي چڪي آهي. چين سميت ڇهن ٻين قومن، لبيا مٿان پابنديون وجهڻ لاءِ ووٽ ڪرڻ کان لنوايو. جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com

چين انڪاري ووٽ ڪري ها تہ اهو ويٽو ليکيو وڃي ها. پر سنڌن ووٽ ڪان پري رهڻ بہ، گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل اندر يڪمشتيءَ ۾، وڏي ڏار وجهي چڪو آهي. بُشَ جو مقصد، آمريڪن ووٽرن کي صدام جو سِرُ پيش ڪرڻو هو. جي صدام نہ، تہ قذافيءَ جي پسپائي بہ آمريڪن ووٽرن کي خوش ڪرڻ لاءِ پلو ڪم ڏيندي!

ارڙهين اڻويهن صدي سامراجي يورپي قومن ۾ خاص طور انگلينڊ جي گنبوٽ GUN - BOAT ڊپلوميسي جو دور ليکبو آهي. 1854ع ۾ آمريڪي جنرل ڪمانڊر پيري جپان کي التيميٽم ڏئي مجبور ڪيو تہ مغربي قومن لاءِ پنهنجا دروازا کولي ۽ يورپ جي قومن کي آميريڪي صدر مُنرو MONROE چتاءُ ڏنو تہ اتر ۽ ڏکڻ آمريڪي کنڊ ۾ سنڌن دخل اندازي برداشت نہ ڪئي ويندي، جنهن کي مُنرو ٿئي وري MONROE DOCTRINE چيو وڃي ٿو. يو ايس اي جيڪا انگريز سامراج - دشمن انقلاب ذريعي وجود ۾ آئي، جنهن پهريون وفاقي- آئيني جمهوري نظام ڏنو. يو ايس اي جنهن پهريون بنيادي حقن جو چارٽر پنهنجي آئين ۾ شامل ڪيو. يو ايس اي جنهن 1864ع ۾ هڪ خونريز خانہ جنگيءَ بعد غلاميءَ جو خاتمو آندو. يو ايس اي جنهن ليگ آف نيشنس ۽ يونائيٽيڊ نيشنس کي وجود ۾ آڻڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. يو ايس اي جتي اڄ بہ ڪو امريڪن شهري لارڊ ليڊي نہ آهي ۽ نہ ٻين ملڪن کان ڪوبہ آمريڪن اهڙو لقب وٺي سگهي ٿو. يو ايس اي جتي مزدورن ۽ سرمائيدارن جا اڪثر جهڳڙا بنا هڙتال جي حل ٿين ٿا. يو ايس اي جتي ڪارا ۽ گورا آئين جي نظرن ۾ برابر آهن. اُها يو ايس اي اڄ هڪ بين الاقوامي داداگير بڻجي، ڪن قومن کي ڌ ڪيون، ڪن کي ٿيلها، ڪن کي ڌڪا ۽ ڪن قومن جي حڪومتن جي ڀاڙ پٽڻ ۾ مصروف آهي.

مڃجي ڪٿي تہ قذافي ٺرڙو آهي، جو هو آمريڪي خدا جي آڏو گوڏا کوڙڻ کان انڪار ٿو ڪري. پر آمريڪا جا انصاف پسند دانشور ۽ دنيا ڀر جا ايماندار ماڻهو، جيڪي آمريڪا جا ڪن ڳالهين ۾ طرفدار بہ آهن، اهي چئي سگهندا تہ ڪهڙي ملڪ جي اندروني چڪتاڻ ۾ آمريڪي سي آءِ اي جو هٿ ناهي؟ ڪن کي ڇيرا ڏئي ميڙائي ويڙهائن ٿا. ڪٿي پنهنجي مخالفن کي مارائن ٿا ۽ ڪٿي انقلاب دشمن تحريڪن جي طرفداري ۽ تنظيم ڪن ٿا. اڄ جيڪڏهن صحيح اندازو لڳايو وڃي تہ چين اندر هڪ خونريز خانہ جنگيءَ جي آبياريءَ لاءِ آمريڪا ڇا نہ ڪيو! عرب قومن کي اسرائيل جو مطيع ڪرڻ لاءِ 1947ع کان دٻاءُ وجهندو رهيو آهي. 1967ع کان وٺي اسرائيل عربن جي سرزمين تي دخل انداز. اڄ بہ دنيا ڀر جي ملڪن ۾ آزاديءَ جا پروانا مشين گڻن جو کاڄ ٿي رهيا آهن. پر آميريڪا کي پنهنجي دهشتگردي نظر ڪانہ ٿي اچي. ڪير انهن کي چئي تہ پنهنجو منهن



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

پنهنجي تاريخ جي آئيني ۾ ڏسو ته توهان آمريڪي، پنهنجي آزادي ۽ جمهوريت واري انقلاب کان ڪيترو ڏور پهچي چڪا آهيو. صدر بش نه جارج واشنگٽن آهي، نه لنڪن آهي روز ويلٽ، پر هو غلامن جو جمعدار نظر اچي رهيو آهي ۽ شيڪسپيئر جو يهودي ڪردار شائلاڪ Shylock آهي، جنهن کي انساني گوشت جو پائونڊ کپي!

(23- اپريل- 1992ع- روزانه جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

يافته. ستر سالن کان وٺي ڪميونسٽ سوچ ۽ نظرين تي پليل ۽ ڪميونسٽ طور طريقن تي هلندڙ مَشاق سياستدان، دين ۽ دنيا جي پلصراط تان هوشياريءَ سان لنگهي رهيا آهن. دين وارا انهن کي ايران، پاڪستان ۽ سعودي عرب طرف گهلڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر سائنسي علمن کان واقف ۽ ڪميونسٽ، ديني جنون جي اثر کان خائف آهن.

چنگيز خان جي قرلت ۽ تباهي آڻيندڙ حملن مان ساهي پٽي اجان مسلمان قومون ۽ سلطنتون ترڪيءَ جي خلافت هيٺ گڏ ٿي مس ٿي رهيون هيون، جو هڪ طرف اتر - اوير کان زارن جي روس، متن دباءُ آڻڻ شروع ڪيو ته ٻئي طرف ڏکڻ ۽ اوير کان انگريزن ترڪي ۽ سندن اثر هيٺ مسلمان ملڪن کي سوڙهو ڪرڻ شروع ڪيو. ايتري قدر جو پهرين جنگ عظيم ۾، ترڪيءَ جي سلطنت جي موت جي وارنٽ تي خود ئي پنهنجي صحيح ڪري ڇڏي. ترڪيءَ ان وقت کان وٺي دنيا ڀر جي مسلمان ملڪن ۾ اڄ به هڪ سيڪيولر سلطنت جو بهترين نمونو پيش ڪري رهي آهي!

پاڪستان، جيڪو نهيو ئي ان بنياد تي هيو ته هي هڪ مسلمانن جي گهڻائي وارو، پر سيڪيولر ملڪ ٿيندو. ان ۾ اڄ به دين ۽ دنيا جو جهيڙو هلي رهيو آهي. ملن جي بيشمار ڪوشش جي باوجود 1988ع جي منصفاني اليڪشن ۾ هڪ عورت بينظير ڀٽو ملڪ جي وزير اعظم چونڊجي آئي! ۽ اڪثر مُلن کي اسلام اندر هڪ عورت جي حڪمرانيءَ لاءِ گنجائش پيدا ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي! اڳاتو به سيڪيولر فيلڊ مارشل ايوب خان جي مقابلي ۾ مِس فاطمہ جناح کي مُلن ئي صدارت لاءِ اميدوار بيهاريو هو!

هاڻ سوال ٿو اٿي ته اسانجا اسلام پسند ۽ مختلف دنيوي ۽ سياسي نظريا رکندڙ، جيڪي افغانستان ۾ زور آزمائي ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان برسر پيڪار آهن، آهي ڪٿي تا وڃي دنگ ڪن!؟ نظر ائين پيو اچي ته پاڪستان، جيڪو هن وقت تائين ويهہ پنجويهہ مجاهد گروپن کي اَنّ، ڌن، بندوق، بارود پهچائيندو رهيو آهي، تنهن کي نظر انداز ڪندي، افغان گروپ پنهنجي من ماني ڪرڻ شروع ڪن.جي ائين ٿيو ته پوءِ پاڪستان جو الله واهي آهي. جو ته افغانستان ۽ سرحد ۽ بلوچستان جي وچ ۾ ڪا قدرتي رنڊ روڪ آهي ڪانہ ۽ ممڪن آهي ته انقلاب ۽ رد انقلاب، تشدد ۽ رد تشدد جا شعلا سرحدون ٽپي پختونخواهہ ۽ بلوچستان کي ڀسم نہ ڪري ڇڏن. ياد رکڻ جي ڳالهہ آهي ته جنهن وقت قبائلي لشڪرن کي ٽيڪر ڏئي 1948ع ۾ ڪشمير ۾ موڪليو ويو هو، ته بعد ۾هن ڪشمير جي هندو، مسلمانن سان جيڪي تعديون ڪيون هيون، تن کان مجبور ٿي پاڪستان جي چاليهہ هزار فوج اچي موچڙا هڻي قبائلين کي پوئتي ڌڪيو هو.



www.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هينئر به افغانستان، قبائلي علائقن، ۽ پاڪستان جي پشتون علائقن ۾، ڪي هٿيار بند ڇڪتاڻون ٿيون، ته پاڪستان جي پوري فوج به ويهين صديءَ جي آخري دور جي مجاهدن کي، جيڪي بمن ۽ ميزائلين سان ليس آهن، تن کي روڪي نه سگهندي.

اقتدار تي حاوي صاحبو! پاڪستان جا حاڪمو! توهان هڪ اهڙو فصل پوکيو آهي، جنهن جا ڪنڊا ايندڙ پيڙهين تائين اسان جي مختلف قومن کي ڏنگيندا رهندا!
(30- جون- 1992ع- روزانه سنڌ سجاڳ)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## سنڌ ۾ فوجي ايڪشن I

اج جنهن صورتحال مان سنڌ گذري رهي آهي، اتي سنڌي باشعور انسان، دانشور، اديب، وڪيل ۽ سجاڳ ماڻهو پاڻ کي سوچڻ ۽ ٿياس تي ٽنگيل ٿو سمجهي. چوڪ چوڪ تي سجاڳ "سلامتيءَ وارا ادارا" هٿيار بند، رائيفلن سان آيا سوال جي نشاني بڻيل کڙا آهن... سوال، جيڪي اسان سيني جي ذهن اندر آهن، اسان جي ضمير کي جنجهوڙي رهيا آهن، جيڪي هر ڊرائينگ روم، اسيمبلي، سياسي ميڙ ۽ چانهه خاني جي اندر پڇيا وڃن ٿا ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ سنڌي ماڻهن جو ڇا ٿيندو؟ ڇا سنڌ ۾ امن قائم ٿيندو؟ يا شمشان يوميءَ جهڙو سناٽو، "ڇا هت انسانيت وري موٽي ايندي يا وحشين ۽ درندن جو، دهشتگردن ۽ ڌاڙيلن جو راڄ رهندو؟ ڇا هت عقل ، فهم ۽ سمجهه جي ٻولي هلندي يا ڪلاشنڪوف ۽ بمن جا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا؟ ڇا اسان موٽي هڪ مهذب، پر امن، مفاهمت ۽ جمهوري طور طريقن سان هلندڙ صورتحال قائم ڪنداسون، يا ٽڪراءُ، جهيڙي، فساد ۽ مارا ماريءَ جي ماحول ۾ ڀسم ٿي وينداسين؟."

هي آهن سوال، جيڪي هر سنڌيءَ جي، ڇهين بجي شام کان پوءِ، ٻيڪڙيل دروازي کي کڙڪائي، گهنٽي وڄائي، ڪلاشنڪوف جا برسٽ هٽي، راڪيٽ لانچر جا ڌماڪا ۽ ٽي وي ، ريڊيو ۽ اخبارن ۾صاحب اقتدار صاحبن جا بيان پڙهي، ٻڌي، ڏسي ته، "سڀ خير ٿي ويندو. چند ڏينهن، چند هفتن ۾ سڀ خير ٿي ويندو.." ڀروسو، وشواس، اعتبار، باهمي مدد ۽ سهڪار جون واٽون، سڀ منجهيل نظر اچن ٿيون. بلوچستان جو علائقو، جنهن لاءِ مان خود فخر سان چوندو هوس ته قبائلي نظام آهي، پر اتي ماڻهو امن ۾ آهي. پر اتي به امن کي غارت ڪيو ويو ۽ پشتون، بلوچ ۽ بلوچ زگري اختلافات کي هوا ڏني، ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جو ويري بڻايو ويو. اسلام آباد ۽ ان سان ڳانڍاپو رکندڙ پنجاب ۽ سرحد جا صوبا، افواهن ۽ حڪومت طرفان اطلاعن ۽ غلط اطلاعن، ترديدن ۽ ترديدن جي ترديدن ۾ مبتلا آهن. قرار ۽ چين، جيڪي نيزي جي نوڪ تي ويٺا آهن، تن کي به نصيب ڪونهي. اٽڪل به سئو سال اڳ نيپولين چيو هو.

( You can conquer with bayonets, but you can not sleep on bayonets)

(سنگينن سان توهان فتح ڪري سگهو ٿا، پر سنگينن مٿان سمهي نٿا ڪري سگهو)۽

سو اسان وارا محافظ، دوست، حاڪم، قانون ساز ۽ فاتحان پاڪستان، فاتحان افغانستان ۽، ڪشمير کان پئسفڪ سمنڊ تائين، ضياءُ الحق جي نظريي



www.sindhsalamat.com

ڪئي وڃي؟

اسان منتظر آهيون ته سنڌ ۾ امن ٿئي. سنڌ ۾ رهندڙ هر باشندو سک ۽ چين سان رهي سگهي. ڌاڙيلن ۽ پيا ڌوهه ڪندڙن، نشي جا اڏا هلائيندڙن ۽ نشي جو واپار ڪندڙن کي ختم ڪيو وڃي پر ائين نه ٿئي جو سڪون سان گڏ آلا به ڦاتحن جي غضب جو نشانو بڻجي وڃن. ڪيڙا مار ڦوهاري سان ڪيترا ڪارائتا جانور به ختم ٿي ويندا آهن. سنڌ اندر هن صفائي جي مهم جو مقصد ۽ غرض ايجا به منجهائيندڙ سوال پيدا ڪندڙ آهي ته ڌاڙيلن سان گڏ "سياسين" جي صفائي نه ٿي وڃي. ايندڙ چند ڏينهن ثابت ڪندا ته موجوده مهم جو مقصد، ڌوهارين جي صفائي آهي يا "سياسين" جي؟.

(18- جون- 1992ع- روزانه سنڌ سجاڳ)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

۱۹۷۰ع کان پوءِ هر ڊڪٽيٽر، هر ظالم، هر Tyrant جي حڪمراني ۾ جيل ڪاٽيا هئا. يوسف، جو اڌڙ عمر کي پهچي ٿڪجي ٿڪجي، پنهنجي ڳوٺ ڪنڊ ڪوٽ ۽ ترَ پاسي جي ڪن سماجي ڪمن ۾ مصروف هو. يوسف، جو ڪافر واٽين جي مندرن، گهرن ۽ لڄن جي بچاءَ لاءِ پهرا ڏئي وقت ڪاٽي رهيو هو. يوسف، جو جيئي سنڌ جي نوَن جيالن کان وسري چڪو هو، تنهن کي ماري، قتل ڪري، سنڌ جي قاتلن امر ڪري ڇڏيو.

انگريزن جي باوردي غلامن جي ٽين چوٿين پشت، هٽلر جا روحاني اولاد؛ جن پاڪستان آرميءَ جي نام نهاد HONOUR کي بنگال بعد، بلوچستان بعد، سرحد بعد، ۽ پنجاب سنڌ ۾ پنهنجي يونيفارم کي داغدار ڪيو هيو. جن مقدس اسلام کي هڪ خونخوار، وطن دشمن، عوام دشمن، قوم دشمن نظريو ڪري پيش ڪيو هو. اهي ساڳيا جوان وري هڪ دفعو ثابت ڪري رهيا هئا ته هو قذاب آهن. پاڪستان جي آئين جون ڌڄيون اڏائيندڙ هر ڊڪٽيٽر ۽ ٽائرنٽ جا غلام ۽ مولي بخش آهن ۽ سچو پٽر آهن.

جن ثابت ڪيو آهي ته هر دفعي جڏهن به پاڪستان کي نالي ماتر جمهوريت ملي آهي ته ڪن پنهنجي ملڪ جي ماٺهن، پائن، پينرن کي موچڙن هڻڻ، ذليل ۽ اگهاڙو ڪرڻ ۽ قوم جي ڏٿين کي لائين لڳائي زنا ڪرڻ ۾ ڪابه گهٽتائي ڪانه ڪئي آهي. ڌاڙيل جيڪي سندن ئي پاليل، پرورش ڪيل، وڌايل آهن، انهن کان بچائڻ جي بهاني، اسان جي ئي گهرن ۾ ڪاهي پيا آهن. ۽ جيئي سنڌ، جي نقشي کي اسان جي دلين ۽ ديوارن تان مٽائڻ لاءِ هٽلر جي STORMTROOPER وانگر چتا ٿي پيا آهن.

شاباس، جنرل جمشيد ملڪ!

تو چيو، ”سنڌي دل جا هيٺا آهن. فوج جي هٿ چڙهندي ئي هارٽ فيل ٿي ٿا وڃن!“

ها صاحب، اسان سنڌي، جن جون پنهنجي خاندانن کان پري شاهي قلعي ۾ دليون نه ٽٽيون، توهان جي وڏن، جن شهيد حسن ناصر کي به ساڳيو يوسف جهڙو موت لاهور جي شاهي قلعي ۾ ڏنو هو. ياد آهي، توهان جي وڏن، جن کي تاريخ ۽ پاڪستان جون اعليٰ عدالتون غاصب ۽ ظالم چئي چڪيون آهن. ۽ يقيناً توهان جي وڃي کان پوءِ وري اسان جون عدالتون توهان جي مٿان قاتل ۽ غاصب جو لقب لائينديون.

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

فهميءَ ۾ هئاسين تہ توهان ۾ ڪي عقلمند شامل ٿي چڪا آهن، پر نہ! توهان سڀ ماس ۽ مشڪن جا پتلا آهيو، پر ڪوپريءَ وارو خانو توهان جو اڄ بہ خالي آهي.

(25- جون- 1992ع- جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

لچون لتيندڙ، ظاهر ٿي پيا آهن. اهي اسانجي صوبائي ۽ قومي اسيمبلين جا ميمبر، وزير ۽ مشير به آهن ۽ مهاجر سماج جا هلائيندڙ چلائيندڙ به. سوچيندي ذهن پريشان ٿيو وڃي ته ڪهڙي چنگيزي، هٽلري دور جا هي ڪارناما ٿي رهيا آهن. اڃا به انهن اذيت گهرن ۽ انهن جي هلائيندڙن جي پوري حقيقت به سامهون نه آهي، جو ته باڪو خود انهن ظالمن کان ڪجهه چڱل شخص آهن. جيڪي فوج جي ڪلهي تي چڙهي وري سنڌ ۽ پاڪستان مٿان حڪمراني ڪرڻ گهرن ٿا ۽ محلاتي سازشن ۾ شريڪ آهن.

ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ٽنڊو الهيار، ميرپور خاص، ٽنڊو ڄام حقيقت ۾ اوباوڙي ڪان وٺي ڪيٽي بندر تائين، سنڌو درياهه جي اوير پاسي جيڪي اڻ سلجهيل، اڻ سمجهيل بي سبب قتل، لساني ۽ مذهبي ڌوهه ٿيا آهن، تن جي ڪنجي اڄا فوج ڪي ڳولي لهڻي آهي ۽ اها ڪنجي الطاف حسين ۽ سنڌس ڪارندن جي هٿ ۾ آهي. هر شهر ۾ ايم ڪيو ايم جا HIT SQUADS قاتلن جا مخصوص ٽولا منظم ڪيا ويا هئا، جن سوين هونهار نوجوانن، سنڌين، مهاجرن، پٺاڻن ۽ پنجابين جون زندگيون گل ڪري ڇڏيون ۽ سوين لولا لنگڙا، هيسيل، دٻيل سياسي ورڪر گمناميءَ جي زندگيءَ ۾ دفن ڪري ڇڏيا. مائرن جون خالي جهوليون، روئندڙ، راڙو ڪندڙ مقتول پٽن جا مهاجر پيءُ، جن کان هنن پنهنجا جوان پٽ کسي ورتا ۽ لکين مهاجر عورتن، مردن ٻارن ۽ نياڻين جي وشواس جو گهات ڪيو. لکين ڪروڙين روپيا ”غنڊا ٽيڪس“ وصول ڪري غريبن جي نالي ڪي ميلا لڳائي، پنهنجا گهر ڀريا، بنگلا اڏايا ۽ ٻين ملڪن ۾ اڪائونٽ کوليا..... اهڙن شڪارين، شودن ۽ سياسي لفنگن جي پٺ وائڪي ڪري، في الحال فوج ماڻهن جي ڪنهن حد تائين دل جوئي ڪئي آهي، مبارڪ آهي انهن کي، جن قيامت کان اڳ ستايلن جي ڦٽن تي ڪجهه ملم رکي آهي.

ڀروسو ڪونه ٿو اچي، اعتبار ڪونه ٿو پيدا ٿئي، جو ته هي جيڪي اڄ درندا ڪري پيش ڪيا وڃن ٿا، سي خود ضياءُ الحق جا پيدا ڪيل آهن ۽ ضياءُ الحق جو سحر سندس مئي کان چار سال پوءِ به حڪمرانن جي ايوانن تي ڇانيل آهي. صدر اسحاق، آءِ جي آءِ، مسلم ليگ، نواز شريف، چوڌري شجاعت حسين، چوڌري نثار حسين، غلام حيدر وائين ۽ سنڌ جا سڀ وڏيرا، نديرا، مهاجر ايم ڪيو ايز ۽ ايم اين ايز سڀ ضياءُ الحق جي ستي پيٽل آهن ۽ اڃا تائين ضياءالحق جي بوتل مان پيئاريل ”وٽ“ جي نشي ۾ اسلام آباد کان مراڪش تائين حڪومت ڪرڻ جا خواب ڏسي رهيا آهن.

سنڌ جي صورتحال ايتري منجهيل آهي، جو نواز شريف ڪراچيءَ پهچڻ بدران تاشقند پهچي ويو ۽ ”پوئر سيد مظفر حسين شاهه“. جنهنجي باري ۾ يقين



www.sindhsalamat.com

سان چئي سگهجي ٿو تہ، هن هڪڙي ڪِوِلي بہ نہ ماري آهي، سو ٿي ويءَ جي ڪئمرا آڏو اکيون مٽي ڪري ڳالهائي نٿو سگهي. ڇو تہ گذريل دور جي ظالمن جا بار بہ هن معصوم ۽ يتيم کي کڻڻا آهن، سو ڪڏهن ڪيس صدر اسحاق جي حضور ۾ منٿ ميڙ ڪندو ڏسون ۽ ٻڌون ٿا تہ ڪڏهن فوج طرفان سنڌ اندر ڪيل گناهہ قبوليندي "١٦٤" هڪ سئو چوهٺ ڪندو ڏسون ٿا!

خوشيءَ جا ڪارڻ ختم ٿي چڪا آهن، خبر ناهي تہ هيءَ اسانجي فوج، ڏاهر جو هاٿي ٿي اسان کي لتاڙڻ شروع ڪندي يا اصل ظالمن کي هٿيڪو ڪندي يا سَڪن سان گڏ ساوا ساڙي، ظالمن سان گڏ معصُومن کي بہ پيڙهين ڇڏيندي. سنڌ گهٽين عظمتن جي مدفن آهي ۽ وڏيون وڏيون هستيون سنڌ جي ڌرتي ۾ دفن ٿي چڪيون آهن ۽ سنڌي قوم اڄ وائڙي تاريخ جي چوواٽي تي بيهي پڪاري رهي آهي تہ: "ظالمو! حساب ڏيو...." ۽ سنڌ جي معصوم پيڙهيل، عوام جي اها صدا ڪنهن حد تائين ورنائي ويندي يا وري نوان زخم ۽ نوان ڏنڀ سنڌ کي ڏنا ويندا؟!

(2- جولاءِ- 1992ع- جاڳو)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

اسان ويچارا ٿيو پيا ڏسون! ڪڙمي ويچارا روئڻ ۾ لڳا پيا آهن. ڌاڙيل اجا بہ ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي تاراج ڪري رهيا آهن، قتل ڪري رهيا آهن. اغوا ڪري رهيا آهن ۽ اهڙيءَ آسانيءَ سان. صفائيءَ سان ڪارروائي ڪري نڪري وڃن ٿا ڄڻ تہ سرڪار هو آهن ۽ مظفر شاهہ جي سرڪار ويچاري!؟! الائي آهي ڪٿي؟ آهي بہ الائي آهي بہ ڪونہ؟! ۽ فوجي ايڪشن سنڌ جي ذهن ۾ پوري احتياط ۽ بردباريءَ سان قدم رکندي ۽ ڇهن، ٻارهن مهينن جي دهلن دمامن وڄائي اچڻ ڪان پوءِ بہ ويسلائي ۽ وائڙائي جو شڪار ٿي ويو آهي!

ڪجهہ ترسو! ڪجهہ انتظار ڪيو! فتوا ايترو جلد نہ ڏيو! متان ڌاهر جا هاٿي، "اٺ" بي مهار، وري بہ پاڻ سنڀالي سياڻا ٿي، اسان کي ۽ پاڻ کي هن دلدل مان ڇوٽڪارو ڏياري سگهن! اهو ڇوڻ مشڪل آهي تہ هي ويري آهن يا واهرو!؟

(9- جولاءِ- 1992ع- جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

# شيعا - سني فساد في سبيل الله

پشاور ۾ پورن بندوبستن هوندي شيعا- سني فساد ٿيا آهن ۽ عاشورن واري ڏينهن اٺ ماڻهو قتل ۽ ڪيترا زخمي ٿيا آهن ۽ وزير اعظم جي اپيل ڪان پوءِ به سني علماء جو بيان اهو هيو ته اسان پنهنجي ماڻهن کي ضابطي ۾ نه رکي سگهنداسون ڇو ته اڳرائي شيعن ڪئي آهي، ۽ وري ٻئي ڏينهن به فساد ٿيا آهن.

اڪثريت جو فرض آهي ته اقليت کي حفاظت جو احساس ڏياري ۽ خود اسلام اندر اقلتين لاءِ تحفظات جو يقين ڏياريل آهي. پر هت پهرئين ڏينهن ڪان وٺي اسلام جي مقدس نالي کي استعمال ڪندي ٺورائيءَ وارن سان ڏاڍ مڙسي ٿيندي رهي ۽ هاڻي ته حالت اتي پهتي آهي، جتي مُلان وٽ نه تا ڏين ۽ شيعن جي پويان پئجي ويا آهن جن کي هميشه اسلام جي دائري اندر شمار ڪيو ويو آهي ۽ نه اسلام ڪان ٻاهر. ويجهڙائيءِ ۾ هر ڪو محسوس ڪندو رهيو آهي ته شيعن کي ايران جي پٺ آهي ته سنين کي سعودي عرب جي ۽ هر حڪومت مولوين کي خوش ۽ پنهنجو طرفدار رکڻ لاءِ سندن خوشامد ڪئي آهي.

چيو ويندو آهي ته اسلام ۾ ڪو برهمڻ ڪونهي، پر هتي جيترا فرقا ۽ جيترا مفتي ۽ پير ۽ علماء ڪرام آهن، ۽ جيتري هنن جي هلندي پڄندي آهي اوتري ڪڏهن به برهمڻن جي نه هئي. ورهاڱي کي اڳ سنڌ ۾ برهمڻ هڪ پوئتي پيل طبقو ليکيا ويندا هئا. ڪانگريس اندر پنڊتن ۽ برهمڻن جو اثر انڪري ڪونه هيو جو هو برهمڻ هئا. بلڪ ان ڪري هو ته هُو ملڪ اندر غير مذهبي بنيادن تي هلندڙتحريڪ آزاديءَ جا سرواڻ هيا. حقيقت اها آهي ته جناح صاحب جيڪا پاڪستان جي تشريح ڪئي هئي اها هڪ سيڪيولر حڪومت جي هئي. هن چيو هيو ته هن ڪان پوءِ سياست ۾ هندو مسلم چڪر نه رهندو ۽ سڀني جا حق برابر رهندا.

پر خود جناح جي دور ۾ ئي پنجاب ۽ سرحد مان هندو ۽ سک لوڏجي ويا ۽ هندوستاني پنجاب مان لوڏجي آيل مسلمان هتي آيا. نتيجي ۾ اقليتن لاءِ جيڪي تحفظات رٿيل هئا، سي عمل ۾ اچي نه سگهيا. ڏاڍ ۽ جبر جي شروعات غير مسلمن سان ٿي ۽ هلندي هلندي 1953 ۾ قاديانين کي غير مسلم قرار ڏيڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com

شورش شروع ٿي ۽ پنجاب ۾ پهريون مارشلا قاديانين کي بچائڻ لاءِ لڳايو ويو ۽ سيني وڏن عالمن کي موت ۽ جنم ٽيپ جون سزائون ملتوي ڪورٽن ڏنيون هيون، جن کي خواجه ناظم الدين گهٽائي يا معاف ڪري ڇڏيو هو.

لياقت علي کي Obfectives Resolution بنيادي مقصدن وارو ٺهراءُ قبولي، آئين ساز اسيمبلي کان پاس ڪرائڻو پيو. پر جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، ته مذهبي پيشوائن جي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ هر ڊڪٽيٽر ۽ هر جمهوري وزير اعظم کي نالي ماتر اسلام جي برتري آئين اندر داخل ڪرائڻي پئي، ايتري قدر جو ڀٽو جنهن اسلام کي پاڪستان جو مذهب قرار ڏنو، (آئين جي ٻئي فقري ۾) جنهن شراب تي پابندي وڌي ۽ جنهن قاديانين کي مذهب اسلام کان (آئين ۾) ٻاهر قرار ڏنو تنهن کي ساڳين ئي ملن ۽ عالمن جي نمائندي ضياءالحق ڦاهيءَ چاڙهيو. ضياءالحق واري دور ۾ اسلامي سزائون رائج ڪيون ويون، شريعت ڪورٽون ڪڙيون ٿيون، وياج جيڪو هزارن سالن کان حرام هيو ان کي "مارڪپ" ۽ "نفعو" چئي حلال قرار ڏنو ويو ۽ اڄ به حڪومت شريعت ڪورٽ جي فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ وياج کي بحال رکڻ لاءِ داعي ۽ ڪوشان آهي.

وري جنهن طريقي سان قومي ۽ نسلي بنيادن تي ماڻهن کي ويڙهايو ويو، افغانسان ۾ ڪميونسٽ حڪومت خلاف "جهاد" جي نالي ۾ لکين هٿيار ورهايا ويا ۽ سواداعظم ۽ هاڻ "صحابه" جي نالي ۾ هٿيار بند جماعتون ڪڙيون ڪيون ويون، ته صورتحال هاڻ حڪومت جي ڪنٽرول مان نڪرندي پئي وڃي. مذهبي جماعتن کي جيڪي رعايتون ڏنيون ويون سي سندن اقتدار جي حوس کي وڌائيندڙيون رهيون ۽ هاڻ موجوده صورتحال ۾ حڪومت لاءِ امن بحال ڪرڻ يا موت ڪاٽڻ نا ممڪن پيو لڳي. جيڪڏهن اڪثريت اقليت کي مارڻ لاءِ نڪري ته به حڪومت ٿورائي وارن کي بچائڻ لاءِ پنهنجي شهرت ۽ اثر قائم رکڻ لاءِ ڪجهه به ڪري نه سگهندي.

آخري هٿيار طور فوج استعمال ڪرڻ به ڏکيو ٿيندو پيو وڃي ڇو ته فوج ۾ به سني، شيعا، ۽ ٻين مذهبن جا ماڻهو (خاص ڪري ڪرستان) آهن ۽ انهن مان اميد رکڻ ته هو پنهنجي مذهب يا مسلڪ وارن ماڻهن کي مارين (انهن مٿان فائرنگ ڪن) ڏکي ڳالهه آهي.

هن صورت جو ڪو علاج آهي؟ ڪوبه نه، ڇو ته صورتحال اتي پهتي آهي جتي مولوي صاحبن مٿان ڪابه روڪ وجهڻ نا ممڪن ٿيندي پئي وڃي. شيعا ۽



www.sindhsalamat.com

سني ڀئي وڃي ٿي، برسر پيڪار ٿيندا پيا وڃن ۽ ٻاهرين جو دخل اسانجي ملڪ اندر وڌندو پيو وڃي ۽ اڌرنگ ۾ مبتلا حڪومتون، ان باري ۾ وڏيڪ ڪري به ڪجهه نه ٿيون سگهن.

(14- جولاءِ- 1992ع- جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

آهن. پر ڪين خوف ۽ وسوسا آهن ته جڏهن فوج واپس ويندي ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ڇو ته باقي رهيل ڏاڙيل يا انهن جا عزيز وري به نوان پراڻا پَلوَ وٺڻ لاءِ پنهنجون ڪارروايون جاري ڪري ڇڏيندا. مسئلن جو حل نيٺ سماجي ۽ سياسي طريقي سان ئي ٿيڻو آهي. پيپلز پارٽي نئين معاهدي جي ذڪر ۾ مشغول آهي. نئون معاهدو ڪنهن سان؟ نواز شريف سان؟ صدر سان؟ يا فوج سان.؟ يا عوام سان؟

نئون معاهدو يا نئون آئين ڪير پاس ڪندو؟

ائين ترميم رد ٿيڻ سان صدر بي اثر ٿي ويندو. غلام اسحاق ڪڏهن به قبول نه ڪندو ته موٽي ١٩٧٣ واري آئين وارن اختيارن تي ڪفايت ڪري. نواز شريف ۾ ايتري ٿوم ڪانهي، جو ڪا اهڙي ناشانائتي ڳالهه واتان ڪڍي، فوج جيڪا مثلث ٽڪنڊي جو ٽيون پاسو آهي، سا اڄان ايتري وسيت نه ٿي پائي جو خود ڪا سياسي يا آئيني اکرائي ڪري ۽ نه ان ڪي ائين ڪرڻ گهرجي.

ڦري گهري ڳالهه اتي ٿي پهچي ته ملڪ جي مسئلن جو حل سياسي ٿيڻ گهرجي ۽ تنهن لاءِ ضروري آهي ته سياستدان ۽ پارٽيون ڪو (Consensus) يا هڪ اهڙو توازن قائم ڪن جو مخالف ڌر (يا ڌرين) جي ڳالهين کي ڌيان سان ڏنو وڃي ۽ من ماني نه ڪئي وڃي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته خاص ڪري سنڌ جون حالتون ڌيان ۾ رکندي، مارشل لا کي سڏ نه ڏنو وڃي. ڇو ته مارشل لا جو مطلب اهو ٿيندو ته تون مان ۽ هو سڀ فوج جي رحم ڪرم تي ٿي وينداسون ۽ هن وقت تائين جو تجربو ڏيکاري ٿو ته فوجي سڀ فرشتا ڪونهن ۽ انهن مان ڪيترا پنهنجي فرض کان منهن موڙيندي، ذاتي انائن ۽ يارين دوستن جي مدد ۾ خانگي جهڳڙن ۾ پئجي پاڻ کي ۽ خود فوج جو نالو بدنام ڪن ٿا.

بي بي بي جيڪڏهن واقعي استعفا ڏيڻ چاهي ٿي ته اها عوام سان پنهنجي فرض کان منهن موڙيندي ۽ جيڪڏهن فوج سان ناهه ڪري استعفائون ڏين ٿا ته کهڙي پڪ آهي ته سمورين اسيمبلين جي هيٺ مٿي ٿيڻ کان پوءِ فوج ضياءالحق وارو دور وري نه دهرائيندي؟!

(23- جولاءِ- 1992ع- جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## مهاجر ڪاڏي ويندا؟

سنڌ ۾ فوجي آپريشن ذريعي مهاجر قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) سان وقت جي حڪمرانن مهاڏو اٽڪايوآهي. پهريائين تہ هڪ ڳالهہ صاف پئي آهي تہ، ڪوٺيو آهي پهاڙ ۽ نڪتو آهي رڳو ڪوئو! ڏيڍ هزار ايم ڪيو ايم جا ورڪر (دهشتگرد) گرفتار ڪيا ويا ۽ انهن وٽان نڪتيون، اٽڪل 400 ڪلاشنڪوفون بندوقون. چيائون پي تہ ڪراچيءَ ۾ لکين ڪلاشنڪوف آهن.

۽ وڏي ڳالهہ تہ ايم ڪيو ايم جي وڏن ليڊرن مان هڪ بہ نہ پڪڙيو آهي. حڪمران پارٽيءَ کي اڃا بہ اميد آهي تہ ايم ڪيو ايم وارا "راهہ راست تي اچي ويندا" ۽ "مسلم ليگ" (آءِ جي آءِ) سان سهڪار ڪندا.

وزير اعظم نواز شريف وري پراڻو سر آلاپيو آهي تہ مسلم ليگ ۾ نئون روح ڦوڪيو وڃي. مسلم ليگ ويچاري تہ محمد علي جناح جي وفات سان ئي ختم ٿي ويئي هئي ۽ ان کان پوءِ جيڪا مسلم ليگ جي نالي ۾ "تنظيم" رهي آهي اها وقت جي وزير اعظم جي رڌ پچاءُ ڪرڻ واري جماعت رهي آهي. جنهن لاءِ جيڪڏهن ثبوت جي ضرورت هجي تہ موجوده مسلم ليگ جي صدر محمد خان جوڻيجي کان پڇي ڏسو. ويچاري کي خالي ڪرسي آهي، سابہ ننڍا سهڻ؛ ۽ ان تان لاهڻ لاءِ بہ همراهہ ڪوشش ۾ آهن.

ايم ڪيو ايم جو بنياد مهاجرن جي نئين نسل تي رکيل آهي؛ ۽ ان جو فلسفو، جماعت اسلاميءَ کان جدا ٿيل (۽ ڪميونسٽ تحريڪ کان ڪٽيل) همراهن جي غير فطري ميلاپ مان نهيو آهي. عجيب ڪچڙي نهيل آهي، پر هڪ ڳالهہ صاف آهي تہ ان جو بنياد نسل پرستيءَ تي آهي، فاشزم تي آهي ۽ اهو چوڻ تہ ايم ڪيو ايم ۾ ڪو بنيادي ڦيرو اچڻ ممڪن آهي، اهو آهي ٻہرن کان ٻير گهرڻ.

ايم ڪيو ايم کي هڪ "هٿيار بند تحريڪ" جي شڪل ضياءَ جي دور ۾ ڏني ويئي ۽ هٿيارن ملڻ يا حاصل ڪرڻ بعد اها تحريڪ شهرن ۾ "حرفِ آخر"جي صورت وٺي وئي ۽ ڪنهن بہ مهاجر لاءِ ان جي خلاف ڳالهائڻ يا عمل ڪرڻ موت کي دعوت ڏيڻي هئي، جن مخالفت جو ساهس ڪيو، اهي فنا ڪيا ويا ۽ فرسٽ رپورٽ ئي داخل ڪونہ ٿيندي هئي ۽ جي ايف آءِ آر داخل ٿي تہ بہ دفتر



www.sindhsalamat.com

قسم جي بالادستي ۽ ملڪ کي مال غنيمت طور ورهائي کڻڻ لاءِ هر ڪوشش جو جواب عوام جي مشترڪ سگهه کي اڀارڻ سان ئي ڏئي سگهبو.

مهاجرن جا ڳهٽڳهرا ڪهڙو رستو وٺندا؟ ٽاهه ۽ سهپ جو يا بالا دستيءَ ۽ حاڪميت لاءِ ڪشمڪش جو؟ وقت آيو آهي ته مهاجر ۽ هتان جا اصل باشندا، ٽڪراءَ ۽ جنگ جو رستو ترڪ ڪري، هڪ ٻئي سان ٺهي رهڻ جي واٽ ڳولهين ڇو ته ان ۾ ئي سڀني جو ڀلو آهي.

(30- جولاءِ- 1992ع- جاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

## رٽائرڊ جرنل ۽ سياست

اڄڪلھ ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ ڪي جرنل صاحبان، جيڪي ڪجھ اڳي پردي پٺيان، فوجي رازداريءَ ۾ عملي زندگيءَ ۾ ڪري رهيا هئا. سي ڳالهيون ۽ پاليسيون ڪلئي عام، هوڪو ڏيئي ڪري رهيا آهن يا انهن جي وڪالت ڪري رهيا آهن. هن وقت تائين اتڪل چار جرنل صاحبان پنهنجي ڪارنامن ۽ سندن 11 سالن تائين سربراهہ، استاد ۽ محسن ضياءُ الحق جي پاليسن ۽ ذهني ۽ عملي لاڙن جو ذڪر ڪندا رهيا آهن ۽ ٻن سالن تائين جيڪا متن قانوني ۽ اخلاقي پابندي آهي تہ هوسياست ۾ نہ اچن، ان پابندي ڪان بہ ناواقف يا بي پرواهہ ٿا لڳن. هر حالت ۾ جن ڳالهين تان هنن پردو کنيو آهي اهي "ڌيان طلبَ" آهن.

رٽائرڊ جرنل يوسف ڪو ڪتاب لکيو آهي، جنهن ۾ هن آمريڪي سي آءِ اي ۽ حڪومت سان پاڪستاني آءِ ايس آءِ جي گهري تعلق جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن مان پتو پئي ٿو تہ ڪهڙيءَ طرح افغانستان ۾ پاڪبستاني حڪمران نہ صرف آمريڪا جي جنگ روس خلاف لڙندا رهيا آهن. بلڪہ آمريڪي اڳواٽيءَ ۾ وچ ايشيا جي سوويت جمهوريتن تي بہ حملا ڪندا رهيا آهن ۽ اتي سوويت حڪومت جا لاهہ پٽڻ جي ڪوشش ۾ رهيا آهن. هي قبوليتون اهو سمجهائڻ لاءِ ڪافي آهن تہ ڪهڙيءَ طرح اسانجا حاڪم نہ صرف "پرائي پٽ ۾ ڪپر" ٻڌڻ جا عادي آهن، پر سندن مقصد ۽ محرڪ هڪ "وڏو پاڪستان"، "عظيم تر پاڪستان"، "اسلامستان" قائم ڪرڻ آهي، جنهن جو پهريون پٿر هنن اسلامي افغانستان ۾ رکڻ جو سوچيو آهي ۽ اڳتي هلي سندس اميد اها آهي تہ هو انهن سابق سوويت جمهوريتن سان لاڳاپا قائم ڪندا. ايشيائي جمهوريتن کي هموار ڪرڻ لاءِ ڏاڍا جتن تي رهيا آهن. رڪاوٽ صرف اها آهي تہ هڪ تہ اهي "مسلم" ايشيائي جمهوريتون پاڪستان جي "خواهہ مخواهہ" نوازش ۽ محبت ڪان خائف آهن ۽ ٻيو تہ آمريڪا بهادر کي هاڻي ضرورت ڪانهي تہ پاڪستاني "بنياد پرست" مسلمانن کي افغانستان کان اڳتي وڌڻ ڏين. جو تہ بنياد پرستن جو اسلام ممڪن آهي تہ آمريڪا کي ڪميونزم ڪان وڌيڪ ڏکيو ڪري. ڪميونزم هڪ دنياوي فلسفو SECULAR OUT LOOK آهي، جنهن سان "لين دين" ڏي وٺ ممڪن آهي. پر الله جي آخري دين سان ناهہ ۽ ڏي وٺ جو تہ سوال ئي نٿو اٿي، جو تہ حرف آخر ١٤١٢هہ سال اڳ ئي چيو ويو آهي، ان "حرف آخر" جي تاويل ۽ تفسير ٿي سگهي ٿي، پر بنيادي ناهہ ناممڪن آهي.

ٻيو جنرل صاحب جنهن گهڻن مسئلن تي روشني وڌي آهي، اهو آهي جناب اسلامبيگ، جنهن (FRIENDS) نالي جماعت قائم ڪري پاڪستان جي بنيادي



www.sindhsalamat.com

پاليسين ۽ فوجي (OPTIONS) ۽ (PRIORITIES) جو ڪجھ ذڪر ڪيو آهي. اسلم بيگ جيئن تہ "مهاجر" آهي، هن جي ڳالهين ۾ تڪ تور ۽ ڪُٿ ان مهاجر نقطي کان بہ آهي، جيئن عراق واري مسئلي تي، پر بنيادي ڳالھہ اها آهي تہ پينگ تي وڃي پر "ايٽمي صلاحيت" ۽ (OPTION) ضرور قائم رکيو آهي، پوئين معاملي تي سمورا رٽائرڊ ۽ ACTIVE فوجي "وڏا" يڪراءِ آهن تہ اسان کي معاملا طئہ ڪرڻ لاءِ ايٽمي ڏنڊي ATOMIC DETERENT جي ضرورت آهي ۽ جيستائين پارت مُچون هيٺ ڪري، نان پراليفريشن ٽريٽي تي صحيح نٿو ڪري، تيستائين اسان کي بہ ايٽم بم جو پيرم يا ايٽمي صلاحيت قائم رکڻي آهي.

وڌ ۾ وڌ ملڪي معاملن تي آءِ ايس آءِ جي سوچ جي جنهن صاحب وائکائي ڪئي آهي، اها جنرل حميد گل طرفان ٿي آهي. هن صاحب نہ صرف پاڪستان جي غير ملڪي پاليسين تي آءِ ايس آءِ جي سوچ ظاهر ڪئي آهي، پر وڌيڪ روشني هن ملڪ اندر خاص ڪري سنڌ بابت، آءِ ايس آءِ جي محرڪات تي گوهر افشاني ڪئي آهي. هن صاحب جو چوڻ آهي تہ اهو جهاد جو جذبو ئي آهي، جنهن پاڪستان قائم ڪرايو، اهو جهاد جو جذبو ئي آهي جنهن افغانستان ۾ نجيب الله جي هار ڪرائي آهي، اهو جهاد جو ئي جذبو آهي جو پاڪستان کي قائم رکيو اچي ۽ اهو جهاد جو ئي جذبو آهي جنهن هيٺ پاڪستان کي يڪمشت ۽ قائم رکي سگهجي ٿو ۽ جهاد ۽ اسلام جي تعريف ۽ توصيف ۾ نہ صرف قومي ۽ قوميت وارن لاڙن کي ختم ڪرڻو آهي، بلڪہ سنڌ، اڙدو جي مخالفت ڪري پاڻ کي وڏيءَ تڪليف ۾ وڌو آهي.

آءِ ايس آءِ جي "سابق" سوچ ۽ هاڻوڪي سوچ ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي ۽ اها ئي سوچ شيخ محمد اقبال جي سمورن شاگردن جي سوچ آهي. هنن جي ذهنيت اها آهي تہ فاشست نظريا "اسلام" جي نالي ۾ اڪيٽي وڌائجن ۽ اهڙي طرح هر اختلاف ڪندڙ کي ڪافر ۽ ذنديق چئي، مها پنجاب کي اڳيرو ڪجي. اهو محض اتفاق نہ آهي تہ بنگالين سان پهريون جهيڙو اڙدوءَ جي نالي ۾ ڪرايو ويو ۽ وڌندي وڌندي بنگالين کي پاڪستان جو دشمن قرار ڏيئي لوڏيو ويو، جو تہ هو "اولھہ پنجاب" جي فوجي ۽ سول بالادستيءَ تي هڪ بريڪ لڳائي ويٺا هئا.

۽ هاڻي شايد "سنڌ" ۽ "سنڌين" کي اسلام ۽ اڙدوءَ جي نالي ۾ سڌو ڪرڻ لاءِ تياري هجي. پر اڙدوءَ جا ڳالهائيندڙ آهن بنيادي طرح مهاجر، سو پهريائين، يا سنڌين سان گڏ، هنن کي بہ سڌو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اير ڪيو اير کي سڌو ڪرڻ ۾ جيڪو تردد آهي ۽ جنهن ويسلائي ۽ بہ چتائي کان ڪم ورتو وڃي ٿو، سو پڻ ان ڪري آهي تہ سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن کي هموار ڪرڻ لاءِ مهاجرن مان "صالحن" سان اتحاد جي ضرورت آهي. مهاجر



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

اڙدوءِ ذريعي پنجاب جي حاڪمن جا هم شريڪ آهن ۽ پنهنجو اصلي وطن ڇڏڻ سان، هو ڪنهن به حڪمران ڌر سان پنهنجي سهوليت وارو سودو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهن.

موجوده دور جي سياست ۾، پ پ پ جيڪا سيني صوبن ۾ ڪا حيثيت رکي ٿي، مجبور آهي ته سنڌ اندر پنهنجي ”بنيادن“ کي قائم رکڻ لاءِ سنڌين جي وڪالت ڪري، پر پ پ پ کي به اهڙي ”دفاعي“ پوزيشن ۾ ڌڪيو پيو وڃي، جيئن، يا ته اها سنڌ جي صوبائي پارٽي ٿي وڃي يا سنڌ ۾ پنهنجي بنياد تان هٿ کڻي. شڪر آهي ته پنجاب اندر، اڃا سڄاڻ ۽ دانشور ايترا آهن جيڪي سياسي ۽ جنگي جنون کان مٿي سوچين ٿا ۽ رٽائرڊ جنرل حميد گل ۽ اهڙن ٻين جي سوچن ۽ لاڙن کي پاڪستان اندر رهندڙ سيني قومن ۽ ٻولين وارن سان خيالن جي هم آهنگي CONSENSUS حاصل ڪرڻ ضروري آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي ۾ ايتريون ”هم آهنگي“ پيدا ڪرڻ لاءِ (سيمينار) مجلسون ٿي چڪيون آهن ۽ ٿين پيون.

پاڪستان ۽ پاڪستان اندر رهندڙ ماڻهن لاءِ از حد ضروري آهي ته ”جهاد“ ۽ ”اسلام“ جي نالي ۾ پيش ڪيل پاڳل پڻي وارين تجويزن کي ترڪ ڪري، پنهنجي ملڪ اندر رهندڙ قومن ۾ پاڻپي، سهپ ۽ يڪمشتي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن؛ ان ۾ ئي اسانجي ڀلائي آهي.

(4- آگسٽ 1992ع- جاڳو)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

قسم جي بالادستيءَ ملڪ کي مال غنيمت طور ورهائڻ لاءِ هر ڪوشش جو جواب عوام جي مشترڪ سگهه کي اپارڻ سان ئي ڏئي سگهبو.

مهاجرن جا گهٽگهرا ڪهڙو رستو وٺندا؟ ناهه ۽ سهپ جو يا بالا دستيءَ ۽ حاڪميت لاءِ ڪشمڪش جو؟ وقت آيو آهي ته مهاجر ۽ هتان جا اصل باشندا، ٽڪراءَ ۽ جنگ جو رستو ترڪ ڪري، هڪ ٻئي سان ٺهي رهڻ جي واٽ ڳولهين جو ته ان ۾ ئي سڀني جو ڀلو آهي.

(30- جولاءِ- 1992ع- چاڳو)

Gul Hayat Institute



www.sindhsalamat.com

پاليسين ۽ فوجي (OPTIONS) ۽ (PRIORITIES) جو ڪجھ ذڪر ڪيوآهي. اسلم بيگ جيئن تہ "مهاجر" آهي، هن جي ڳالھين ۾ تڪ تور ۽ ڪٿپ ان مهاجر نقطي ڪان بہ آهي، جيئن عراق واري مسئلي تي. پر بنيادي ڳالھہ اها آهي تہ ٻينگ تي وڃي پر "ايٽمي صلاحيت" ۽ (OPTION) ضرور قائم رکيو آهي. پوئين معاملي تي سمورا رٽائرڊ۽ ACTIVE فوجي "وڏا" يڪراءِ آهن تہ اسان کي معاملا طئہ ڪرڻ لاءِ ايٽمي ڏنڊي ATOMIC DETERENT جي ضرورت آهي ۽ جيستائين ڀارت مُڇون هيٺ ڪري، نان پراليفريشن ٽريٽي تي صحيح نٿو ڪري، تيستائين اسان کي بہ ايٽم بم جو ڀرم يا ايٽمي صلاحيت قائم رکڻي آهي.

وڌ ۾ وڌ ملڪي معاملن تي آءِ ايس آءِ جي سوچ جي جنھن صاحب وائڪائي ڪئي آهي، اها جنرل حميد گل طرفان ٿي آهي. هن صاحب نہ صرف پاڪستان جي غير ملڪي پاليسين تي آءِ ايس آءِ جي سوچ ظاهر ڪئي آهي، پر وڌيڪ روشني هن ملڪ اندر خاص ڪري سنڌ بابت، آءِ ايس آءِ جي محرڪات تي گوهر افشاني ڪئي آهي. هن صاحب جو چوڻ آهي تہ اهو جهاد جو جذبو ئي آهي، جنھن پاڪستان قائم ڪرايو، اهو جهاد جو جذبو ئي آهي جنھن افغانستان ۾ نجيب الله جي هار ڪرائي آهي، اهو جهاد جو ئي جذبو آهي جو پاڪستان کي قائم رکيو اچي ۽ اهو جهاد جو ئي جذبو آهي جنھن هيٺ پاڪستان کي يڪمشت ۽ قائم رکي سگھجي ٿو ۽ جهاد ۽ اسلام جي تعريف ۽ توصيف ۾ نہ صرف قومي ۽ قوميت وارن لاڙن کي ختم ڪرڻو آهي، بلڪ سنڌ، اڙدو جي مخالفت ڪري پاڻ کي وڏيءَ تڪليف ۾ وڌو آهي.

آءِ ايس آءِ جي "سابق" سوچ ۽ هاڻوڪي سوچ ۾ ڪو خاص فرق ڪونھي ۽ اها ئي سوچ شيخ محمد اقبال جي سمورن شاگردن جي سوچ آهي. هن جي ذهنيت اها آهي تہ فاشسٽ نظريا "اسلام" جي نالي ۾ اڳتي وڌائجن ۽ اهڙي طرح هر اختلاف ڪندڙ کي ڪافر ۽ زنديق چئي، مها پنجاب کي اڳيرو ڪجي. اهو محض اتفاق نہ آهي تہ بنگالين سان پھريون جهيڙو اڙدوءَ جي نالي ۾ ڪرايو ويو ۽ وڌندي وڌندي بنگالين کي پاڪستان جو دشمن قرار ڏيئي لوڏيو ويو، جو تہ هو "اولھہ پنجاب" جي فوجي ۽ سول بالادستيءَ تي هڪ بريڪ لڳائي ويٺا هئا.

۽ هاڻي شايد "سنڌ" ۽ "سنڌين" کي اسلام ۽ اڙدوءَ جي نالي ۾ سڌو ڪرڻ لاءِ تياري هجي. پر اڙدوءَ جا ڳالهائيندڙ آهن بنيادي طرح مهاجر، سو ڀڄرايائين، يا سنڌين سان گڏ، هنن کي بہ سڌو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

اير ڪيو اير کي سڌو ڪرڻ ۾ جيڪو تردد آهي ۽ جنھن ويسلائي ۽ بہ چٽائي کان ڪم ورتو وڃي ٿو، سو پڻ ان ڪري آهي تہ سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن کي هموار ڪرڻ لاءِ مهاجرن مان "صالحن" سان اتحاد جي ضرورت آهي. مهاجر



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

اڙدوءِ ذريعي پنجاب جي حاڪمن جا هم شريڪ آهن ۽ پنهنجو اصلي وطن ڇڏڻ سان، هو ڪنهن به حڪمران ڌر سان پنهنجي سهوليت وارو سودو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهن.

موجوده دور جي سياست ۾، پ پ پ جيڪا سڀني صوبن ۾ ڪا حيثيت رکي ٿي، مجبور آهي ته سنڌ اندر پنهنجي ”بنيادن“ کي قائم رکڻ لاءِ سنڌين جي وڪالت ڪري، پر پ پ پ کي به اهڙي ”دفاعي“ پوزيشن ۾ ڌڪيو پيو وڃي، جيئن، يا ته اها سنڌ جي صوبائي پارٽي ٿي وڃي يا سنڌ ۾ پنهنجي بنياد تان هٿ کڻي. شڪر آهي ته پنجاب اندر، اڃا سچاڻ ۽ دانشور ايترا آهن جيڪي سياسي ۽ جنگي جنون کان مٿي سوچين ٿا ۽ رٽائرڊ جنرل حميد گل ۽ اهڙن ٻين جي سوچن ۽ لاڙن کي پاڪستان اندر رهندڙ سڀني قومن ۽ ٻولين وارن سان خيالن جي هم آهنگي CONSENSUS حاصل ڪرڻ ضروري آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسلام آباد، لاهور ۽ ڪراچي ۾ ايترين ”هم آهنگي“ پيدا ڪرڻ لاءِ (سيمينار) مجلسون ٿي چڪيون آهن ۽ ٿين پيون.

پاڪستان ۽ پاڪستان اندر رهندڙ ماڻهن لاءِ از حد ضروري آهي ته ”جهاد“ ۽ ”اسلام“ جي نالي ۾ پيش ڪيل پاڳل پڻي وارين تجويزن کي ترڪ ڪري، پنهنجي ملڪ اندر رهندڙ قومن ۾ پائيدار، سهپ ۽ يڪمشتي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن؛ ان ۾ ئي اسانجي ڀلائي آهي.

(4- آگسٽ 1992ع- جاڳو)



Gul Hayat Institute
www.sindhsalamat.com

## 5- فوجي ايڪشن ۽ پوليس

سنڌ جي اندر جيڪي ڪجهه فوج جي اچڻ کان پوءِ ٿيو آهي، ان ۾ پوليس ۽ ٻيا ادارا فوج کي غلط رستي تي وٺي وڃن ٿا. جنهن جي ڪري ڪي ماڻهو، ناحق قتل ڪيا ويا آهن ۽ فوج جي بدنامي ٿي آهي ۽ ڏسڻ ۾ ائين اچي رهيو آهي ته صدر ۽ وزير اعظم خوفزده آهن ته فوج کي ڊيگهه ڏيڻ سان، آءِ جي آءِ اندر جيڪي سنڌ وارا ڌاڙيل، پاڻاريدار آهن، انهن کي وٺڻ سان اسلام آباد کي لوڏو نه اچي وڃي.

ايم ڪيوايم ۽ ڌاڙيلن، هر ڪنهن کي خبر آهي ته ٻنهي کي ڪنهن هٿيار ڏنا، ڪنهن مضبوط بڻايو؟ اهو سڀ ڪجهه ضياءُ الحق جي دور ۾ ٿيو ۽ ان لحاظ کان ڪرايو ويو ته ماڻهن کي هڪٻئي جي خلاف ويڙهايو وڃي. مهاجرن کي پٺاڻن، پنجابين ۽ پوءِ نيٽ سنڌين سان ويڙهايو ويو، جن هڪٻئي جا قتل ڪيا ۽ هن وقت ايم ڪيو ايم تي جيڪو هٿ وڌو ويو آهي، تنهن ڳالهه تي به فوج کي مونجهاري ۾ وڌو ويو آهي. ڇو ته ايم ڪيو ايم ۽ آءِ-جي-آءِ وچ ۾ هر وقت ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي ٿي. ايم ڪيو ايم جا ميمبر جيڪي ڏوهاري ۽ ڀڳل آهن، تن جا لڪاڻا ڪنهن کان به لڪل ڪونهن. سنڌ جي تخت تي جيڪا حڪومت رهي آهي، ڪهڙي کان وٺي بينظير ڀٽو تائين، تنهن کي ناهيو ۽ ڊاهيو اسلام آباد ۽ لاهور وارن ٿي آهي.

پاڪستان جي ٻهرئين ڏينهن کان وٺي سنڌ اندر جيڪي ظلم ٿيا آهن ۽ سنڌ کي جنهن نموني ۾ مال غنيمت ڪري هلايو ويو آهي، تنهن جا ڪيئي مثال ڏيئي سگهجن ٿا. اڳ ڪراچي ۽ ڪراچي جون ڪيترئيون وڏيون جايون مرڪزي حڪومت پنهنجي تحويل ۾ ورتيون، جيتوڻيڪ انهن جو ڪوبه معاوضو سنڌ کي ڪونه ڏنوويو. سنڌ ۾ هر وزارت مرڪز طرفان ٽوڙي وئي آهي ۽ پاڪستان جو سنڌي وزير اعظم فوج جي طرفان برطرف ڪيو ويو آهي. ١٩٤٨ کان وٺي جيڪي زمينون ۽ جايون هندو ڇڏي ويا هئا، (سنڌ جي اندر زمينون چاليهه سيڪڙو ۽ شهرن ۾ بلڊنگون ٩٥ سيڪڙو انهن جون هيون.) جيڪي سموريون مهاجرن کي ڏنيون ويون ۽ جيڪي ٣٠ سيڪڙو سنڌي مسلمانن جون هندن وٽ گروي رکيل هيون، سي به بنا ڪنهن قانون ۽ اخلاقي جواز جي مهاجرن کي ڏنيون ويون. مهاجرن کي اڄ به سنڌين سان ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

ته جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، تنهن مان سنڌ ۾ امن قائم ٿيڻ جو ڪوبه امڪان ڪونهي. ممڪن آهي ته ٻهراڙيءَ جا چند ڌاڙيل ماريا وڃن، انهن مان به اڪثر ڀڄي بلوچستان هليا ويا آهن يا لڪي ويا آهن يا پاسيرا ٿي ويا آهن، اهي



www.sindhsalamat.com

# سوڀو سنڌ جو لال قلندر

سوڀو گيانچندااڻي، جنهن جهڙي آزاد طبيعت ۽ گهري صداقت، مون ٻئي ڪنهن مائيءَ جي لال ۾ ورلي ڏٺي آهي. ڇڻ پهاڙ آهي، جو هر آنڌيءَ، هر طوفان ۾ اڏول بيٺو آهي. نه ڄاڻان ڪيترا اهڙا انسان، پنهنجي ڇاتيءَ جا ڇهه ڇپائي، ڳاٽ اوچو رکي، ظلم جو مقابلو ڪندا آهن ۽ گمنامي جي گهٽيءَ ۾ چوٽ ڪائي، ڪري، لهولهان ٿي، گهٽيءَ جي مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن، ۽ جڏهن ظلم جو انت ايندو آهي ۽ زندگي جي سڄي سجائي ڪنوار پنهنجيءَ ڏوليءَ ۾ اڳتي وڌندي آهي، تڏهن اها گهٽيءَ جي مٽي، ڪنوار جي ڪهنبي ۽ ڪهارن جي جُتيءَ ڪي چنبڙي، پنهنجي ستياناسيءَ جي اُجر گهرندي آهي يا نه! ڪجهه سال ٿيا پاڪستان جو هڪ سياستدان، جنهن کي برٽريند رسيل ۽ سارتري جهڙين هستين سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. لاڙڪاڻي وچي رهيو هو، ته سکر ۾ ڪنهن هن کان پڇيو، ”اوهان موهن جو دڙو ڏسڻ ويو؟“ هن جواب ڏنو. ”مان موهن جي دڙي کان به وڏيڪ عظيم حقيقت ڏسڻ ٿو وڃان!“

”اهڙي ڪهڙي حقيقت آهي؟“

” سوڀو، سوڀو گيانچنداڻي“.

- سچ پچ اڄ سوڀو موهن جو دڙو آهي، جو چوڌاري سمر ۽ ڪلر ڏسي اداس آهي.
- واگهه جا ڏندڪڍي ڇڏبا ۽ ننهن ڪپي ڦٽا ڪبا، تڏهن به واگهه واگهه رهندو ۽ هن جي هيبت هاٿيءَ جي هانوَ کي جهڪائي وجهندي.
- سوڀو اسانجو لال قلندر آهي، جنهن جي جُتيءَ ۾ اڄا تائين ڪنهن به پير نه پاتو آهي. وقت پلٽو ڪائيندو ۽ هن جي مٽيءَ جي مٽيءَ تي ميلا لڳندا، ان ۾ مونکي ذرو به شڪ نه آهي.

[شيخ اياز جي ڪتاب خط، انٽرويو، تقريرون پاڳي ٻئي تان ڪوريل ڪجهه سٽون]

www.sindhsalamat.com